ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 11 اپريل 2026ع 22 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (236)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي لاٿ، ڊيزل 135 رپيا ۽ پيٽرول 12 رپيا في ليٽر گهٽتائي جو اعلان

ڊيزل 135 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 520 روپين جي بدران 385 رپيا في ليٽر جڏهن ته پيٽرول جي نئين قيمت 12 رپيا گهٽتائي 378 روپين کان 366 رپيا في ليٽر ڪئي وئي

مهانگائي جو طوفان آيو ته مون تيل جون قيمتون گهٽائڻ جو واعدو ڪيو هو، عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽجي ويون آهن. هاڻ اسان به قيمتن ۾ لاٿ ڪئي آهي: وزيراعظم

گذريل ڪجهه هفتن ۾ حڪومت هن مهانگائي کي روڪڻ لاءِ پاڻ 129 ارب رپيا خرچ ڪيا آهن. ڪڻڪ جو فصل لهڻ شروع ٿي چڪو آهي، هارين لاءِ لاڳت گهٽائڻ ضروري آهي

خليج ۾ جنگ نه پر هاڻ پر امن جي ڳالهه ٿئي پئي. ٻنهي ڌرين ڳالهين ذريعي معاملا حل ڪرڻ تي متفق ٿيون آهن. هن اهم پيش رفت لاءِ ايران ۽ آمريڪي قيادت جو تمام گهڻو شڪرگذار آهيان

هن نازڪ وقت ۾ پاڪستاني قيادت ٻنهي ڌرين کي وڏي اعتماد سان عارضي جنگ بندي تي قائل ڪيو، اهو نه رڳو پاڪستان لاءِ پر اسلامي دنيا لاءِ به فخر جو لمحو آهي

فيلڊ مارشل عاصم منير جنگ جي باهه وسائڻ ۽ ڌرين کي ڳالهين لاءِ قائل ڪرڻ ۾ اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو، ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ سندس ٽيم کي به خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته ڊيزل 135 رپيا ۽ پيٽرول 12 رپيا گهٽايو ويو آهي قوم کي پنهنجي خطاب ۾ وزيراعظم چيو ته 135 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ ڊيزل 520 روپين جي بدران 385 رپيا في ليٽر تي دستياب هوندو جڏهن ته پيٽرول جي نئين قيمت 12 رپيا گهٽائي 378 روپين کان 366 رپيا في ليٽر ڪئي وئي آهي شهباز شريف وڌيڪ چيو ته جڏهن مهانگائي جو هي قيامت جو طوفان آيو ته مون تيل جون قيمتون گهٽائڻ جو واعدو ڪيو هو عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽجي ويون آهن هن چيو ته جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمت گهٽجي ٿي ته ان جا فائدا ماڻهن تائين پهچائينداسين، حڪومت سالي نظم و ضبط ذريعي مهانگائي گهٽائڻ ۾ حصو ورتو وزيراعظم اهو به چيو ته گذريل ڪجهه هفتن ۾ حڪومت هن مهانگائي کي روڪڻ لاءِ پاڻ 129 ارب رپيا خرچ ڪيا آهن. ڪڻڪ جو فصل لهڻ شروع بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سعودي ايئرلائين پاران دبئي، ابوظهبي ۽ عمان لاءِ اڏامون ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي قومي فضائي ڪمپني السعودي (اڄ) 11 اپريل کان بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪي جج پينٽاگون کي پريس جي رسائي بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ وفاقي جج پينٽاگون جي دفاع واري کاتي جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران آمريڪا ڳالهين جي موقعي تي سيڪيورٽي جي ڊيوٽي ڏيندڙ اهلڪارن کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

آمريڪا ۽ ايران ۾ اڄ ڳالهيون ٿينديون، نائب صدر اسلام آباد لاءِ روانو، جاڙن شهرن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ

نائب صدر جي ڊي وينس ايران سان ڳالهين ۾ آمريڪي وفد جي سربراهي لاءِ ميري لينڊ کان روانو ٿيو، صدر ٽرمپ جي هدايتن تحت ڳالهين ۾ حصو وٺڻ لاءِ اسلام آباد پهچي رهيو آهيان: جي ڊي وينس

ايراني وفد جي قيادت پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف ۽ پرڏيهي وزير عباس عراقچي ڪندا، پاڪستان ڳالهين ۾ ثالثيءَ جو ڪردار ادا ڪندو، ٻنهي ڌرين کي الڳ الڳ ڪمرن ۾ ويهاريو ويندو

پڪ آهي ته ايران سان هاڪاري ڳالهيون ٿينديون، جيڪڏهن ايراني قيادت نيڪ نيتي سان ڳالهه ٻولهه تي راضي ٿي ته آمريڪا به کليل دل سان اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهي، اميد ته سنجيدگي ڏيکاري ويندي

اسلام آباد ۾ اڄڪين اهم ڳالهين جي ميزباني ڪري رهيا آهيون، جن تي سڄي دنيا جي نظر آهي، آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ ۽ جنگ لاءِ ڳالهين جو امڪان پيدا ڪيو ويو: پاڪستان

راولپنڊي ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ، 5 هزار کان وڌيڪ اهلڪار مقرر ڪري شهر جي اڄ وچ جي رستن تي 350 کان وڌيڪ خاص چوڪيون قائم ڪيون ويون، فول پروف سيڪيورٽي کي هر صورت ۾ يقيني بڻائڻ جا حڪم

سيف سٽي ڪئميرائن ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي 24 ڪلاڪ مانيٽرنگ جاري، عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا پيا وڃن: اسلام آباد انتظاميا

واشنگٽن/اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ايران سان ڳالهين ۾ آمريڪي وفد جي سربراهي ڪرڻ لاءِ ميري لينڊ کان پاڪستان روانو ٿي ويو. اسلام آباد لاءِ روانگي کان اڳ ايئرپورٽ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي نائب صدر جي ڊي وينس چيو ته آمريڪي صدر ٽرمپ جي هدايتن تحت ڳالهين ۾ حصو وٺڻ وڃي رهيو آهيان پڪ آهي ته ايران سان بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ آمريڪا- ايران ڳالهين لاءِ پُراميد آهيون، معاهدو نه ٿيو ته اهو تڪليف ڏيندڙ هوندو: ٽرمپ

ايران جا اڳواڻ عوامي بيانن جي ابتڙ ڳالهين ۾ وڌيڪ لچڪ ڏيکارين ٿا ۽ وڌيڪ معقول انداز ۾ ڳالهه ڪن ٿا

اسرائيل کي چيو آهي ته لبنان ۾ پنهنجون عسڪري ڪارروايون گهٽائي ته جيئن ڳالهين لاءِ ماحول قائم ٿئي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته هو اسلام آباد ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي جي امڪانن بابت پُراميد آهي. هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ آمريڪي صدر چيو ته ايران سان بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسان جي پهرين ترجيح نوبل انعام نه پر خطي ۾ پائيدار امن جي بحالي آهي: بلاول ڀٽو زرداري

عالمي برادري وٽ "پلان بي" جي گنجائش ناهي، اسان کي هر صورت ۾ امن کي ڪامياب بڻائڻو پوندو

جنگ سبب دنيا ۾ تباهي، انساني جانين جي زيان ۽ عالمي معيشت تي به اثر پئجي رهيو آهي

پاڪستان جي هڪ مهيني جي ڪوشش ڪانپوءِ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ بندي تي اتفاق ٿيو آهي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوبل امن انعام جي نامزدگي بابت سوالن ۽ افواهن تي جواب ڏيندي برطانوي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان عالمي امن جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: گورنر

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل خطي ۽ دنيا ۾ مستقل امن لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪن پيا

بنگلاديش جي حڪومت ۽ عوام کي سندن آزاديءَ جي ڏهاڙي تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي ۽ عالمي امن جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پاڪستان امن جو گهوارو ۽ دنيا ۾ امن جو جهنڊي بردار آهي. جڏهن ته وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل خطي ۽ دنيا ۾ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران اتر عربي سمنڊ ۾ مختلف ملڪن جي 18 ماڻهن تي ٻڌل عمليءَ کي حفاظت سان ريسڪيو ڪرڻ تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر عربي سمنڊ ۾ هنگامي انساني امدادي ڪارروائي دوران مختلف بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايران آبنائي هرمز وٽان آمريڪي جهازن کي به گذارڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

آبنائي هرمز کليل آهي، آمريڪي جهاز به گذري سگهن ٿا: ايران جو نائب پرڏيهي وزير

فني سببن جي ڪري جهازن لاءِ ضروري آهي ته هو ايراني فوج سان رابطو رکن: سعيد خطيب زاده

تهران (اي پي پي) ايران جي نائب پرڏيهي وزير سعيد خطيب زاده چيو آهي ته آمريڪي سامونڊي جهاز به آبنائي هرمز مان گذري سگهن ٿا، جيستائين هو ڪو جارحاڻو طرز عمل اختيار نه ڪن پرڏيهي ميڊيا موجب سعيد خطيب زاده ٻڌايو ته آبنائي هرمز کليل آهي پر فني سببن جي ڪري جهازن لاءِ ضروري آهي ته هو ايراني بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

لياري ۾ روزگار اسڪيم تحت مستحق ماڻهن کي رڪشن جا ڪاغذ ۽ چاٻيون ڏنيون ويون

بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن نوجوانن کي باعزت روزگار ڏئي خودڪفيل بڻائڻ آهي: ناصر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خاص دلچسپي ۽ ويزن تحت لياري ۾ رڪشا روزگار اسڪيم هيٺ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سفارتڪاري جو سلطان، امن جي سڃاڻپ ۽ ضامن بڻجي چڪو آهي: ناصر شاهه

اڄ پاڪستان هميشه زنده باد جو نعرو عالمي سطح تي مضبوط نموني سان اڀري رهيو آهي

صدر، وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي گڏيل ڪوشش سان ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ مليو آهي

پاڪستان پاران امن جي قيام لاءِ ڪيل ڪوششون عالمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ سنڌ سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته اڄ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ثالثيءَ تي عالمي اعتماد قوم لاءِ فخر جوڳو آهي: سردار محمد يوسف

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري وفاقي وزير بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو آئين صوبائي خودمختياريءَ جي مضبوط ضمانت آهي: سعديه جاويد

ملڪ جو سياسي نظام ۽ جمهوري تسلسل صرف آئين جي بالادستي سان ڳنڍيل آهن

سنڌ حڪومت نوجوانن کي ڊجيٽل صلاحيتن سان ليس ڪري بااختيار بڻائي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جو آئين جي ڏينهن تي پيغام، آئين جي بالادستي تي ڪو به بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

1973ع جو آئين قومي يڪجهتي، جمهوري قدرن ۽ وفاقي استحڪام جو بنياد آهي: گهرو وزير

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي متفق آئين ڏئي ملڪ اندر جمهوريت کي نئون رخ ڏنو

آئين رياست جو بنيادي فريم ورڪ آهي جيڪو هر شهري جي تحفظ فراهم ڪري ٿو: ضيا لنجار

اڄ جو ڏينهن اسان کي آئين جي پاسداري جو عزم ورجائڻ جو موقعو ڏئي ٿو: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آئين پاڪستان جي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ صلاحڪارن پنهنجي پيغامن ۾ 1973ع جي آئين کي قومي يڪجهتي جمهوري استحڪام ۽ وفاق جي مضبوطي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

لاهور: سنڌ جو گورنر نهال هاشمي پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير حمزه شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ پوليس جي "ريڊ بڪ" کي اي آءِ خاصيتن سان ڊجيٽلائيز ڪيو ويو آهي: آءِ جي

سيڪيورٽي چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ سي ٽي ڊي کي جديد سامان سان ليس ڪرڻ ضروري آهي

جديد سامان لاءِ جامع تجويزون جلد منظوري لاءِ سنڌ حڪومت کي پيش ڪيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ دهشتگردي جي خاتمي واري کاتي ۾ جاري ڊجيٽلائيزيشن بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿ آيل نوجوان جي سڙيل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي، قتل جو خدشو

اورنگي ٽائون نقير ڪالوني جو رهواسي نعمان عرف نيمڙي ٻه ڏينهن اڳ گهر ٿي ويو هو

نامعلوم جوابدارن ڪيس اغوا ڪيو ۽ پوءِ ان کي بي رحمي سان قتل ڪيو آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سوهڙو ڪنو ڳوٺ علائقي مان مليل هڪ نوجوان جي سڙيل لاش جو معمو حل ٿي ويو آهي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

1973 وارو آئين قوم جي گڏيل دانش، جمهوري جدوجهد ۽ وفاقي وحدت جي علامت آهي: شرجيل ميمڻ

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏنل متفق آئين ملڪي جمهوري بنيادن کي مضبوط بڻايو آهي

شهيد بينظير ڀٽو جي ڪاوشن سان ملڪ ۾ جمهوري سوچ کي هٿي ملي ۽ ادارا مضبوط ٿيا

صدر آصف زرداري طرفان صوبن کي خودمختياري ڏيڻ سان پارليامينٽ مضبوط ۽ وفاق مستحڪم ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان جو 1973 وارو آئين قوم جي گڏيل دانش جمهوري جدوجهد ۽ وفاقي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاهور: سک ياترين ويساکي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ واڳها بارڊر تان پاڪستان ۾ اچي رهيا آهن ٻئي طرف کين لنگر ڪارايو پيو وڃي

سنڌ ۾ 1973 جي آئين جي روح کي پائمال ڪيو پيو وڃي: علي خورشيدي

جڏهن جمهوريت جا ثمر عوام تائين نه پهچن ته اهڙي جمهوريت تي سوال اٿارڻ فطري ڳالهه آهي

صوبائي حڪومت ڪراچي کي بدترين شهرن جي فهرست ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ علي خورشيدي آئين جي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ حڪومت تي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پابندي مڙهيل تنظيم زينبيون سان لاڳاپيل ٽارگيٽ ڪلر گرفتار

سي ٽي ڊي ۽ سويلين وفاقي حساس اداري يونيورسٽي روڊ تي گڏيل ڪارروائي ڪئي

فرقه وارانه ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث پابندي مڙهيل تنظيم جو جوابدار محمد فرحان خان سرگهور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سي ٽي ڊي ۽ سويلين وفاقي حساس اداري يونيورسٽي روڊ تي گڏيل ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شهري قتل، حادثن سبب 3 ڄڻا فوت

نارٿ ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ريحان ولد غلام نبي قتل ٿي ويو

ايئرپورٽ ريلوي ٽريڪ تي ريل گاڏي جي ٽڪر ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ شهري قتل روڊ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو اجمير نگري ٿاڻي جي حد نارٿ ڪراچي سيڪٽر 1 سي 5 فاروق بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

شهيد ڀٽي جي سياسي بصيرت ملڪ کي آئين ڏنو: سرمد علي

آئين مڪالمي، مفاهمت ۽ جمهوريت، وفاقيت ۽ بنيادي حقن جي تحفظ جي گڏيل عزم جو عڪاس آهي

مختلف سياسي جماعتن جي قيادت به اتفاق راءِ کي جوڙڻ ۾ مثبت، بامقصد ۽ قابل قدر حصو ورتو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) آئين پاڪستان جي ڏهاڙي جي موقعي تي اسان 1973ع جي آئين جي منظوري کي ياد ڪريون ٿا جيڪو اسان جي قومي تاريخ جو هڪ انتهائي اهم ۽ فيصلاڪن موڙ آهي. آئين بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو آئين ملڪ جي بقا، سلامتي ۽ وفاق جي علامت آهي: نهال هاشمي

آئين جو تحفظ هر پاڪستاني جو قومي فرض آهي ڪا به سوديبازي نه ٿي ڪري سگهجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي دستور جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پي ايم يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود احمد کي ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽري پاران شيلڊ ڏني پئي وڃي

سکرنڊ شادي جي خوشي ۾ هوائي فائرنگ سبب 10 سالن جو ٻار زخمي

شادي هال ۾ فائرنگ جي ڪري واڻهڙو ٻار حسنين ولد زاهد کي گولي لڳي

نيٺگر کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، اطلاع تي پوليس پهچي جانچ شروع ڪري ڇڏي

سکرنڊ (س ر) شاديءَ جي ڪاج ۾ افسوس ناڪ واقعو سکرنڊ شهر ۾ سنڌ پيلس شادي هال ۾ راجپوت برادريءَ پاران بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر پرسان قبرستان جي زمين تي قبضا ختم ڪرڻ جو عدالتي حڪم

سکر عدالت اي سي کي مهيني اندر ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو

جوابدارن خلاف قبضا ختم ڪرائي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت، ٻڌڻي 6 مئي تائين ملتوي

خانپور مهر (ن ع) خانپور مهر ريجهو قبرستان جي سرڪاري زمين تي مبينا قبضي خلاف درخواست تي عدالت پاران بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پوليو سميت ارڙي ۽ ڇڪن پوڪس بابت سجاڳي پيدا ڪئي وڃي: ڊي سي

جيئن ٻارڙن کي خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون وڃن

گهوٽڪي (ن ع) ضلعي گهوٽڪي جي 4 لک ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ انتظام مڪمل ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ڳالهين ۾ شريڪ ملڪن جي نمائندن ۽ صحافين لاءِ ويزا فري سفر جي سهولت فراهم

پاڪستان ايران ۽ آمريڪا بابت تعلق رکندڙ نمائندن ۽ صحافين لاءِ ويزا فري سفر جي سهولت فراهم ڪئي آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي اسلام آباد ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين لاءِ ويزا فري سهولت بابت ميڊيا جي پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو آهي ته پاڪستان اسلام آباد بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مسجد جي دروازي تي فائرنگ، نوجوان نمازي مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعي جي صبح جو سپر موٽرسائيڪل سوار حملي آورن پاران نارٿ ڪراچي جي خواجه اجمير نگري علائقي ۾ سيڪٽر 5 سي 1 ۾ فاروق اعظم مسجد جي دروازي تي فائرنگ ۾ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس ۾ آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس ۾ وڏي پيماني تي بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن جنهن بابت باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڊي آءِ جي ارشد حسين لغاري جو تبادلو بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل شاگرديائي جي آپگهات ڪيس ۾ اڳڀرائي نه ٿي سگهي

نجي يونيورسٽي پرنسيپل سميت 5 جوابدار نامزد، چاهين باوجود گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي

وارثن جي پوليس تي بي اعتمادي، يونيورسٽي مالڪ جو نالو ايف آءِ آر ۾ شامل نه ڪرڻ جو الزام

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ هراسمينٽ بعد آپگهات ڪندڙ ميڊيڪل جي شاگرديائي جي واري ڪيس ۾ جوابدار چاڪليل نجي يونيورسٽي جي پرنسيپل سميت 5 جوابدارن مان اڃا تائين ڪنهن جي به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي. ذريعن موجب ڪيس ۾ مک جوابدار چاڪليل قاراماسست عابد لغاري جي ڳوٺ مسخ ننڍي ريجهو پوليس ڇاپو هنيو جتي هو ملي نه سگهيو هوڏانهن آپگهات ڪندڙ شاگرديائي جي وارثن ميرپورخاص پوليس تي بي اعتمادي ظاهر ڪندي چيو آهي ته هنن

ايف آءِ آر ۾ يونيورسٽي جي مالڪ جو نالو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ٺري ميرواهه گورنمينٽ ماڊل ايليمينٽري اسڪول ۾ صفائي عملو مقرر نه ٿيو

صفائي عملو ۽ پٽيوالا مقرر نه هجڻ ڪري روزاني استاد پاڻ صفائي ڪرڻ تي مجبور

ڪيترائي ڀيرا اعليٰ اختيارين کي لکيو آهي پر ڪو به تدارڪ ناهي ٿيو: هيڊ ماستر

ٺري ميرواهه (ن ع) گورنمينٽ ماڊل ايليمينٽري اسڪول ٺري ميرواهه ۾ صفائي عملو چوڪيدار پٽيوالا مقرر نه هجڻ ڪري روزاني استاد پاڻ صفائي ڪرڻ تي مجبور آهن هيڊ ماستر لقمان جوکيو چيو ته تعلقي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

خيرپور پنهنجي ڪارنهن الزام ۾ ڀاڻيجي کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري جوابدار قيصر چانڊيو کي پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو

خالده چانڊيو جو قاتل سندس پنهنجو مامو آهي، جنهن ڪارنهن الزام ۾ قتل ڪيو: پوليس

خيرپور(ن ع) بروقت ڪارروائي ڪندي ڪارو ڪاري جو الزام لڳائي پنهنجي ڀاڻيجي خالده چانڊيو کي قتل ڪندڙ جوابدار قيصر چانڊيو کي پسٽل سميت گرفتار ڪيو آهي ايس ايڇ او محمد هاشم هڪڙو تفصيل بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

شاگرديائي فهميده لغاري کي مبينا ذهني تشدد جو نشانو بڻايو ويو: مظاهرين

هي پهريون واقعو ناهي، ان کان اڳ به ڪيترائي افسوسناڪ واقعا پيش اچي چڪا آهن

خيرپور(ن ع) خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگرديائين مين ڪيمپس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج دوران شاگردن چيو ته ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ شاگرديائي فهميده لغاري کي مبينا طور ذهني تشدد جو نشانو بڻايو ويو جنهن سبب هوءَ انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان جنگ نٿا چاهيون پر پنهنجي قوم جي حقن جو دفاع ڪنداسين: مجتبيٰ خامنه اي

اهو پيغام سندس والد آيت الله خامنه اي جي وفات کي 40 ڏينهن پورا ٿيڻ جي موقعي تي پڙهي ٻڌايو ويو

اسان جنگ چاهي هئي ۽ نه ئي چاهيون ٿا پر اسان ڪنهن به صورت ۾ پنهنجن جائز حقن تان هٿ نه کڻنداسين

تهران (اي پي پي)ايران جي نئين سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي پنهنجي ڏاڍي لکت واري پيغام ۾ چيو آهي ته سندس ملڪ آمريڪا سان جنگ نه ٿو چاهي پر هڪ قوم طور پنهنجن حقن جو دفاع ڪندو پرڏيهي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر عبدالمالڪ بلوچ سان پارٽي وفد جي ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

ڪوئيٽا (اي پي پي)نيشنل پارٽي جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان فرانسيسي پرڏيهي وزير جو رابطو، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

فرانس پاران خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جي حمايت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي)نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي فرانس جي پرڏيهي وزير جين نول بيروٽ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريه جو بروقت سر آپريشن، پرڏيهي واپاري جهاز جي عملي جي 18 ڄڻن کي بچايو ويو

سيڪيورٽي اهلڪارن اتر عربي سمنڊ ۾ ڦاٿل هڪ واپاري سامونڊي جهاز جي 18 ماڻهن کي حفاظت سان ريسڪيو ڪري ورتو

پاڪستان جي سامونڊي حد ۾ اٽڪل 200 ناٽيڪل مائلز (370 ڪلوميٽر) پري مرچنٽ ويسل "آيبر دي گولڊ اٿر" طرفان مدد جي ڪال ملي

ريسڪيو ڪيل ماڻهن ۾ چين، بنگلاديش، ميانمار، ويتنام ۽ انڊونيشيا جا شهري شامل، کين کاڌو ۽ طبي امداد به فراهم

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ بحريه تيز رفتار انساني همدردي تحت هڪ ڪامياب آپريشن دوران اتر عربي سمنڊ ۾ ڦاٿل هڪ واپاري سامونڊي جهاز جي 18 ماڻهن کي حفاظت سان ريسڪيو ڪري ورتو آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان جي سامونڊي حد ۾ اٽڪل 200 ناٽيڪل مائلز (370 ڪلوميٽر) پري مرچنٽ ويسل "ايمر دي گولڊ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائي دوران منشيات فروش جي گولي لڳڻ سبب هڪ عورت سخت زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شرافي ڳوٺ جي هاشم ڪبول ڳوٺ ۾ پوليس ڪارروائي دوران منشيات فروشن جي گولي لڳڻ سبب هڪ عورت سخت زخمي ٿي پئي. پوليس موجب زخمي عورت 60 سالن جي جميلا بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ايران پاران لبنان ۾ جنگبندي ۽ اثاثن جي بحالي جي شرطن تي عملدرآمد لازمي قرار

ڳالهين کان اڳ ايران جا ٻه اهم شرط سامهون اچي ويا، ڌرين ۾ طئي ٿيل ٻن معاملن تي عملدرآمد ٿيڻ باقي آهي: ايران

لبنان ۾ جنگ بندي ۽ ڳالهين جي شروعات سان ايران جي اثاثن جي بحالي تي اڃا تائين عملدرآمد ناهي ٿيو: ايران جو اسپيڪر

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر ۽ اسلام آباد ڳالهين لاءِ نامزد ڪيل ايراني وفد جي سربراهه محمد باقر قاليباف چيو آهي ته ڌرين وچ ۾ گڏيل طور تي طئي ٿيل ٻن معاملن تي عملدرآمد ٿيڻ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ امن ڳالهين جي موقعي تي وفاقي راڄڌاني ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار الرٽ بيٺل آهن ٻئي طرف گاڏين جي تلاشي ورتي پئي وڃي

ڪراچي سٽي ڪائونسل اجلاس ۾ سخت هنگامو، ميمبرن ۾ ڇڪتاڻ، ڪارروائي ملتوي

ميئر مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ اجلاس دوران حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي

اسرائيل مسلم ملڪن کي نشانو بڻائي پيو، ايران خلاف قدمن تي ردعمل سامهون اچي پيو: اپوزيشن ليڊر سيف الدين

پاڪستان عالمي سطح تي اهم ڪردار ادا ڪري پيو ۽ ثالثي جون ڪوششون قابل تعريف آهن پارلياماني ليڊر ڪرم الله

حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن وچ ۾ تلخ جملن جي ڏي ۽ ڇڪتاڻ سبب اجلاس ملتوي ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي سٽي ڪائونسل جو اجلاس جمعي ڏينهن سخت هنگامي صورتحال ۽ نعريبازي جي ور چڙهي ويو جتي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ هلندڙ ڪارروائي ڇڪتاڻ سبب اڻڄاڻايل مدي لاءِ ملتوي ڪئي وئي. جڏهن ته اجلاس دوران حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن وچ ۾ تلخ جملن جي ڏي وٺ ۽ سياسي ڇڪتاڻ کلي سامهون آئي. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد ساڻ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

خيرپور سٽي اسپتال ۾ مونڪي پوڪس سبب وڌيڪ هڪ ٻار فوت، انگ 9 تي ويو

ڳوٺ مير محمد گهمرو واسي 4 سالن جي عليزا ملاح مونڪي پوڪس جي ڪري دم ڏنو

ڳوٺ جي ٻي ٻارڙي ڪونج ملاح پڻ سخت بيمار، ڳڻتي جوڳي حالت ٻئي اسپتال ريفر

مونڪي پوڪس جي وبا تيزي سان پکڙجڻ سبب رهواسين ۾ خوف، صحت کاتي کان هنگامي قدم کڻڻ جو مطالبو

خيرپور(ن ع) خيرپور سٽي اسپتال ۾ مونڪي پوڪس (ارڙي) جي ڪري وڌيڪ هڪ ٻار فوت فوت ٿيل ٻارن جو انگ 9 ٿي ويو جنهن کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو آهي.تفصيلن موجب، پير ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ مير محمد گهمرو رهواسي 4 سالن عليزا ولد بشير ملاح مونڪي پوڪس جي بيماري سبب خيرپور سٽي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو ذريعن موجب، انهيءَ ئي ڳوٺ جي ٻي ٻارڙي ڪونج ملاح پڻ سخت بيمار آهي جنهن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت طرفان ڪفايت شعاري پاليسي تحت مارڪيٽون رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو

سمورن ضلعن ۾ دڪان، مارڪيٽون، شاپنگ مالز ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز ڏنل وقت تي بند ڪيا ويندا

هي حڪم چنڇر آچر سميت هفتي جا ست ئي ڏينهن لاڳو هوندا، فيصلي جو نوٽيفڪيشن جاري

تندور، کير جا دڪان، بيڪريون، ميڊيڪل اسٽور، ليبارٽريون، اسپتال ۽ پيٽرول پمپ پابندين کان آجا هوندا

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ حڪومت ڪفايت شعاري واري پاليسي تحت مارڪيٽون، ريسٽورنٽس ۽ شادي هالن جا نوان وقت جاري ڪندي باضابطا طور تي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي سنڌ حڪومت جي جاري ڪيل پڌرنامي موجب دڪان، مارڪيٽون، شاپنگ مالز ۽ ٻين ڪاروباري مرڪزن جا وقت فوري طور تي لاڳو هوندا. ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ڪانسوا بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن بابت آفيس ۽ پاڪستان ڪسٽمز ۽ اينٽي نارڪوٽڪ فورس جي وچ ۾ ٿيل گڏجاڻي جو ڏيک

ڪراچي ۾ ڦورو گروهن کي پاڙي تي هٿيار فراهم ڪندڙ اهم جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (SIU) ڪراچي جي علائقي اقبال مارڪيٽ ۾ ڪارروائي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ڪراچي سيف سٽي پروجيڪٽ جي ٻئي مرحلي جي منظوري ڏئي ڇڏي

منصوبي تحت شهر ۾ 230 کان وڌيڪ سمارٽ ڪيمرائون ۽ جديد مانيٽرنگ انفراسٽرڪچر لڳايو ويندو

پروجيڪٽ سان ڏوهن جي روڪٿام، جوابي ڪارروائي ۾ بهتري ۽ ٽريفڪ انتظام ۽ هنگامي خدمتن کي هٿي ملندي

جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوامي تحفظ کي يقيني بڻائڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽ : راهب گهاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي تي ڪراچي سيف سٽي پروجيڪٽ جي ٻئي مرحلي (فيز-II)جي منظوري ڏئي ڇڏي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير عبدالعليم خان پاران اسلام آباد ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جي شروعات جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان اسلام آباد ۾ بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

سنڌ بئنڪ 3 لک 31 هزار آبادگارن ۾ 2.9 ارب روپين جي سبسڊي ورهائي

1.9 ملين ايڪڙن تي ڪڻڪ پوکيندڙ آبادگارن کي اها رقم 12 ڪلاڪن جي مختصر عرصي ۾ ڪئي وئي

زراعت کاتي پاران ڏنل ان سبسڊي جا سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پوکي تي هاڪاري اثر پيا

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سنڌ بئنڪ پاران ٻڌايو ويو آهي ته بئنڪ 12 ڪلاڪن جي مختصر عرصي ۾ ڪڻڪ جي 3 لک بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

SINDH BANK سنڌ بئنڪ
Alhamdulillah
Within 12 hours, Sindh Bank disbursed Rs.2.9B to 331,000 small wheat growers as Fuel Subsidy, covering 1.94M acres of cultivation under Wheat Growers Support Program of the Agriculture Department, Government of Sindh

بقايا 1 هاءِ الرٽ

هاڪاري ڳالهيون ٿينديون نائب صدر چيو ته جيڪڏهن ايراني قيادت نيڪ نيتي سان ڳالهه ٻولهه تي راضي ٿي ته آمريڪا به کليل دل سان اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهي هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ايران سنجيدگي جو مظاهرو نه ڪيو ۽ چالاڪي جي ڪوشش ڪئي ته آمريڪي مذاڪراتي ٽيم هاڪاري ردعمل نه ڏيندي واضح رهي ته آمريڪي وفد ۾ نائب صدر جي ڊي وينس، خاص نمائندو اسٽيو وٽڪوف ۽ صدر ٽرمپ جو ناٺي جيرڊ ڪشنر شامل آهن جڏهن ته ايراني وفد جي قيادت پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ايراني پارليامينٽ جو اسپيڪر باقر قاليباف ڪندا پاڪستان اسلام آباد ۾ اهڙين اهم ڳالهين جي ميزباني ڪري رهيو آهي جن تي سڄي دنيا جي نظر هوندي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ ۽ جنگ کان نڪرڻ لاءِ ڳالهين جو امڪان پيدا ڪيو ويو آهي. پر ٻنهي ملڪن وچ ۾ بي اعتمادي ۽ خطي جي تڪرارن سبب انهن ڳالهين کي وڏا چئلينج درپيش آهن سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن رستن جي رنگائي، سيڪيورٽي جي موجودگي ۾ واڌ ۽ هڪ محتاط پر پريشاني واري ماحول ۾ اسلام آباد انهن ملاقاتن لاءِ تيار ٿي رهيو آهي جيڪي عالمي توجهه جو مرڪز بڻيل آهن.پاڪستان جي ٽياڪوڙي سان جنگ بندي ممڪن ٿي پر اها جنگبندي لبنان تي اسرائيلي حملن سبب اڳ ۾ ئي خطري هيٺ آهي ڳالهيون 15 ڏينهن تائين جاري رهڻ جو امڪان آهي جنهن دوران وفد مختلف مرحلن ۾ اسلام آباد ۾ موجود رهي سگهن ٿا آمريڪي وفد جي قيادت نائب صدر جي ڊي وينس ڪندو جنهن سان گڏ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا ويجها صلاحڪار به شامل هوندا ايراني وفد جي قيادت پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف ۽ پرڏيهي وزير عباس عراقچي ڪندا. اهو واضح ناهي ته ايران جي انقلابي گارڊ جا نمائندا به شامل ٿيندا يا نه.پاڪستان ڳالهين ۾ ٽياڪوڙ جو ڪردار ادا ڪندو ٻنهي ڌرين کي الڳ الڳ ڪمرن ۾ ويهاريو ويندو ۽ پاڪستاني عملدار پيغام هڪ ڌر کان ٻي ڌر تائين پهچائيندا وزيراعظم شريف ٻنهي ڌرين سان الڳ الڳ ملاقاتون به ڪندو جڏهن ته پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڳالهين کي آسان بڻائڻ ۾ مدد ڏيندوايران جي تجويزن ۾ آبناءِ هرمز تي پنهنجو ڪنٽرول آمريڪي فوجين جي واپسي ۽ فوجي ڪارروائين جي بندش شامل آهي آمريڪا چاهي ٿو ته ايران پنهنجي افزوده يورينيم جو ذخيرو ڇڏي ڏئي لبنان تي اسرائيلي حملا به ڳالهين ۾ وڏو تڪراري نقطو آهن ايران خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن لبنان تي حملا جاري رهيا ته جنگبندي ختم ٿي سگهي ٿي ماهرن موجب ٻنهي ڌرين ۾ بي اعتمادي تمام گهڻي آهي جنهن سبب فوري طور تي ڪو حتمي معاهدو ٿيڻ مشڪل نظر اچي ٿولبنان وارو معاملو سڀ کان وڏو تڪراري نقطو بڻيل آهي. ڪجهه تجزيه نگارن جو چوڻ آهي ته اسرائيل جا حملا ڳالهين کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش آهن.ماهرن مطابق جنگبندي کي برقرار رکڻ سڀ کان وڏو چئلينج آهي ٻنهي ڌرين جا وڌ کان وڌ مطالبا ڳالهين کي پيچيده بڻائي رهيا آهن اعتماد جي کوٽ سڀ کان وڏو مسئلو آهي.جڏهن ته نار جي ملڪن سميت ڪيترن ئي علائقائي ملڪن جنگبندي جي حمايت ڪئي آهي ۽ خطي ۾ استحڪام لاءِ جامع معاهدي جي اميد ظاهر ڪئي آهي

بقايا 2 ٽرمپ

جاري ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ ڳالهيون مثبت رخ ۾ وڃي سگهن ٿيون هن چيو ته آمريڪا جي نائب صدر جي ڊي وينس انهن ڳالهين ۾ آمريڪي وفد جي قيادت ڪندو آمريڪي صدر دعويٰ ڪئي ته ايران جا اڳواڻ عوامي بيانن جي ابتڙ ڳالهين ۾ وڌيڪ لچڪ ڏيکارين ٿا ۽ وڌيڪ معقول انداز ۾ ڳالهه ڪن ٿا. جڏهن ته هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن معاهدو نه ٿيو ته صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي هن اهو به چيو ته هن اسرائيل کي چيو آهي ته لبنان ۾ پنهنجون عسڪري ڪارروايون گهٽائي ته جيئن ڳالهين لاءِ مناسب ماحول قائم ڪري سگهجي

بقايا 3 بلاول ڀٽو زرداري

اسان جي بهترين ترجيح انعام نه پر خطي ۾ پائيدار امن جي بحالي آهي هن چيو ته عالمي برادري وٽ "پلان بي" جي گنجائش ناهي. اسان کي هر صورت ۾ "پلان اي" يعني امن کي ئي ڪامياب بڻائڻو پوندو پ پ چيئرمين چيو ته هن جنگ جا نتيجا دنيا لاءِ تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا. تازي تڪرار سبب انساني جانين جي زيان ۽ عالمي معيشت تي به اثر پئجي رهيو آهي

بقايا 4 تحسين پيش

ملڪن جي 18 ڄڻن تي ٻڌل عملي کي حفاظت سان ريسڪيو ڪرڻ تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي گذريل ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ جوانن جي پيشيوراڻي صلاحيتن، فوري رد عمل ۽ انسان دوستي جي جذبي کي ساراهيو. وزيراعظم چيو ته مرچنٽ ويسل "گولڊ ايٽم" کان ملندڙ هنگامي اطلاع تي پاڪ بحريه جي جهاز پي اين ايس حنين فوري ۽ موثر سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن ڪيو. وزيراعظم چيو ته آپريشن ۾ مختلف ملڪن چين بنگلاديش، ميانمار، ويتنام ۽ انڊونيشيا سميت ٻين ملڪن سان تعلق رکندڙ عملي کي حفاظت سان ڪڍيو ويو. سمورن ماڻهن کي ڪراچي منتقل ڪيو ويو

بقايا 5 اجازت

فوج سان رابطو رکڻ سندس چوڻ هو ته اسان آبنائي هرمز ۾ موجود پنهنجي محفوظ رستن ذريعي جهازن جي محفوظ سفر کي يقيني بڻائينداسين. ان کان اڳ آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران تي تنقيد ڪندي چيو ته هو آبنائي هرمز ذريعي تيل جي چرپر جي معاملي ۾ غلط ڪم ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته هي اهو معاهدو ناهي جيڪو اسان جي وچ ۾ طئي ٿيو هو ياد رهي ته گذريل ڏينهن ايران جي سرڪاري ميڊيا ۾ شايع ٿيل هڪ بيان ۾ پاسدارانِ انقلاب آبنائي هرمز سان گذرڻ جو ارادو رکندڙ ساموندي جهازن کي صلاح ڏني هئي ته هو ساموندي حفاظت جي اصولن تي عمل ڪن ۽ ساموندي بارودي سرنگهن کان محفوظ رهڻ لاءِ متبادل رستو اختيار ڪن.

بقايا 6 چاٻيون ڏنيون

مستحق ماڻهن ۾ رڪشن جا ڪاغذ ۽ چاٻيون ورهايون ويون ان موقعي تي منعقد ڪيل تقريب ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ هن قدم کي بيروزگار نوجوانن لاءِ اميد جي نئين ڪرڻ قرار ڏنو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن نوجوانن کي باعزت روزگار مهيا ڪرڻ ۽ انهن کي خودڪفيل بڻائڻ آهي ۽ رڪشا روزگار اسڪيم انهيءَ ويزن جي عملي صورت آهي جنهن سان ڪيترن ئي خاندانن کي معاشي سهارو ملندو

بقايا 7 ناصر شاهه

سڄي دنيا ۾ "شاباش پاڪستان" جون صدائون گونجي رهيون آهن ۽ پاڪستان سفارتڪاري جو سلطان امن جو سڃاڻپ نشان امن جو ضامن ۽ سڀني جو مان ٻڌجي چڪو آهي هن چيو ته پاڪستان هميشه زنده باد جو نعرو عالمي سطح تي مضبوط نموني سان اڀري رهيو آهي هن انهن خيالن جو اظهار ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ٿيل گوجرانوالا ايڪسپو 2026 جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو جتي هن ربن ڪاٽي نمائش جو باقاعده آغاز ڪيو تقريب ۾ گوجرانوالا چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري، ملڪي ۽ غير ملڪي صنعتڪارن سيڙپڪارن ۽ مختلف ملڪن جي سفارتڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه ايڪسپو ۾ قائم مختلف صنعتي ۽ واپاري اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ شين ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي گڏيل ڪوشش سان ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ مليو آهي ۽ اهي ڪوششون هميشه ياد رکيون وينديون هن چيو ته پاڪستان پاران امن جي قيام لاءِ ڪيل ڪوششون عالمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون

بقايا 8 گورنر

مستقل امن جي قيام لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن بنگلاديش جي 55 هين آزاديءَ واري ڏهاڙي ۽ قومي ڏينهن جي تقريب ۾ بطور خاص مهمان خطاب ڪندي ڪيو ان کان اڳ تقريب ۾ پهچڻ تي بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر اقبال خان ڊپٽي هاءِ ڪمشنر محمد ثاقب صداقت ۽ ٻين سفارتي عملي پسنڌ جي گورنر جو گرمجوشي سان آجيان ڪئي سنڌ جي گورنر بنگلاديش جي حڪومت ۽ عوام کي قومي ڏهاڙي ۽ آزاديءَ جي ڏهاڙي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني ۽ هاءِ ڪمشنر کي گلدستو پيش ڪيو ان موقعي تي هن هاءِ ڪمشنر ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ڪائونسل جنرلز جي ڊين سمع عبدالله الخانجاري سميت ٻين ڪائونسل جنرلز ۽ معزز شخصيتن سان گڏجي ڪيڪ پڻ ڪٽيو سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪستان عالمي امن لاءِ مسلسل قربانيون ڏئي رهيو آهي

بقايا 9 سعديه جاويد

سمجهوتو نه ڪيو ويندو سعديه جاويد چيو ته پاڪستان جو آئين وفاق جي يونٽن کي ڳنڍيندڙ مضبوط ترين زنجير آهي پاڪستان جو آئين صوبائي خودمختياري جي مضبوط ترين ضمانت آهي.سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد وڌيڪ چيو ته صوبائي خودمختياري جو خواب شرمنده طور تي 1973 جي متفقه آئين ذريعي عوام جي اڳواڻ پاران پورو ڪيو ويو پاڪستان جو سياسي نظام ۽ جمهوري تسلسل صرف آئين جي بالادستي سان ڳنڍيل آهن سعديه جاويد چيو ته سياسي نظام جي روح عوام جي چونڊيل پارليامينٽ ۽ آئيني حدن جي پاسداري ۾ آهي

بقايا 10 سردار محمد يوسف

سردار محمد يوسف امڪاني علائقائي جنگ جي خطري کي ٽارڻ تي پاڪستان لاءِ خوشي، اعزاز ۽ وقار جو تاريخي لمحو قرار ڏيندي ان کي قيادت جي موثر حڪمت عملي ۽ الله تعاليٰ جي خاص مهرباني جو نتيجو قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي قيادت تي عالمي اعتماد قوم لاءِ فخر جوڳو آهي اهڙو اظهار هن ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته الله تعاليٰ پاڪستان جي عوام حڪومت ۽ هٿياربند فوج کي پنهنجي نعمتن سان نوازيو آهي جنهن سبب هي خطرو ٽري ويو آهي جيڪو نه رڳو خطي پر سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهيو پئي

بقايا 11 گهرو وزير

جي علامت قرار ڏنو آهي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پنهنجي پيغام ۾ چيو ته 1973ع جو آئين قومي يڪجهتي، جمهوري قدرن ۽ وفاقي استحڪام جو بنياد آهي. هن چيو ته آئين جو ڏينهن اسان کي قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي متفقه آئين ڏئي جمهوريت کي نئون رخ ڏنو جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جون قربانيون جمهوري استحڪام جي روشن مثال آهن. هن وڌيڪ چيو ته صدر آصف علي زرداري جي قدمن سان صوبن کي خودمختياري ملي ۽ پارلياماني نظام مضبوط ٿيو. هن چيو ته اختلافن کان مٿانهون ٿي آئين جي تحفظ ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ گڏ ٿيڻ گهرجي، ڇو ته قومي يڪجهتي ئي هڪ مستحڪم ۽ ترقي يافته پاڪستان جي ضمانت آهي. وزيراعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي چيو ته آئينِ پاڪستان قومي اتفاق راءِ ۽ جمهوري جدوجهد جو عڪس آهي. هن چيو ته آئين جو ڏينهن قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ جي عزم جي تجديد جو ڏينهن آهي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي متفقه آئين ڏئي جمهوريت جون مضبوط بنيادون رکيون

بقايا 12 سارجي ويو

هڪ نمازي سارجي ويو مقتول جي لاش کي پهريان ايڌي ايمبولينس ذريعي خواجه اجمير نگري پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو جتان پوليس آپريشن ڪرڻ کان پوءِ ڪيس جناح اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 13 نوٽيفڪيشن جاري

ڪري سندس خدمتون ايڊيشنل آءِ جي پي ڪراچي رينج جي حوالي ڪيون ويون آهن. مسڪين احمد کهيلو کي ڊي ايس پي ڪمپليئنٽ سيل ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته شڪيل احمد سولنگي کي ايس ڊي پي او ٽنڊو غلام حيدر ضلعي ٽنڊو محمد خان مقرر ڪيو ويو آهي. عبدالله بربرو کي ايس ڊي پي او سٽي ضلعي ٽنڊو محمد خان مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته علي نواز سري کي بدلي ڪري سي پي او سنڌ ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب محمد معين جون خدمتون پڻ ايڊيشنل آءِ جي پي ڪراچي رينج جي حوالي ڪيون ويون آهن جڏهن ته امتياز الله خان جون خدمتون به ڪراچي رينج ۾ مقرر ڪيون ويون آهن.سنڌ پوليس جي ترجمان موجب تبادلا انتظامي ضرورتن تحت ڪيا ويا آهن ته جيئن ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي.

بقايا 14 آءِ جي

جديد سامان جي ضرورت تي هڪ جائزو اجلاس ٿيو سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي، ڊي آءِ جيز هيڊ ڪوارٽرز ڪرائم اينڊ انويسٽيگيشن، آءِ ٽي، فنانس، سي ٽي ڊي، ايس ايس پيز سي ٽي ڊي، اي آءِ جيز شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي، ڊي آءِ جيز سي ٽي ڊي ۽ آءِ ٽي پاران کاتي جي مختلف معاملن جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ جديد سامان ۽ حاصل ڪرڻ جي ضرورت، مقصدن ۽ مقصدن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي سنڌ پوليس جي "ريڊ بڪ"، جنهن ۾ حساس معلومات شامل آهي، کي اي آءِ خاصيتن سان ڊجيٽلائيز ڪيو ويو آهي ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي چيو ته مختلف قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي نمائندن تي مشتمل هڪ بورڊ ٺاهيو ويو آهي ته جيئن هاءِ پروفائل ڏوهارين ۽ گهربل ملزمن جا نالا ريڊ بڪ ۾ داخل ڪري ۽ ختم ڪري سگهجن بريفنگ ۾ ڊجيٽل ريڊ بڪ ڊيٽا کي سنڌ پوليس جي بين آن لائن نگراني ايپليڪيشن ۽ سهولتن سان پڻ ڳنڍيو ويو آهي ڊي آءِ جي سي ٽي ڊي جي جديد سامان جي اثرائتي اثرائتي استعمال ۽ پهچائڻ جي طريقن تي هڪ جامع بريفنگ پڻ ڏني جديد بريفنگ ۾ سامان جي حصول آپريشنل سرگرمين ۾ پيشه ورانه صلاحيت ۽ اثرائتي حڪمت عملين تي عمل درآمد کي مضبوط ڪري ٿو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته موجوده سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ سي ٽي ڊي کي جديد سامان سان ليس ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته جديد سامان جي حصول بابت جامع تجويزون جلد کان جلد منظوري لاءِ سنڌ حڪومت کي پيش ڪيون وڃن آن لائن ايپليڪيشن ۽ ڊجيٽل سسٽم جي اثرائتي استعمال لاءِ سڀني قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي کي مضبوط ڪيو وڃي آءِ جي سنڌ چيو ته سنڌ پوليس ٽريننگ ڊپارٽمينٽ کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته آئي ٽي برانچ جي تعاون سان پوليس آفيسرن لاءِ ٽريننگ سيشن منعقد ڪيا وڃن سي ٽي ڊي جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ اثرائتي بڻائڻ لاءِ جديد وسيلن جي بروقت فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ان حوالي سان سڀ ضروري قدم ترجيحي بنيادن تي کنيا وڃن

بقايا 15 خدشو

پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول جي سڃاڻپ فيضان عرف فيضي جي نالي سان ٿي آهي مقتول ۽ اورنگي ٽائون فقير ڪالوني جو رهواسي هو جيڪو ٻه ڏينهن اڳ پنهنجو گهر ڇڏي گم ٿي ويو هو پوليس جو چوڻ آهي ته خاندان ڪيس ڳولي رهيو هو جڏهن سندس تشدد ٿيل ۽ سڙيل لاش موچڪو علائقي مان هٿ آيو اختيارين جو چوڻ آهي ته شروعاتي ثبوتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته نامعلوم جوابدارن پهريان فيضان کي اغوا ڪيو ۽ پوءِ ان کي بي رحمي سان قتل ڪيو جڏهن ته جوابدارن لاش کي باهه ڏئي ڇڏي ته جيئن پوليس ۽ خاندان ان کي سڃاڻي نه سگهن پوليس موجب واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ مختلف رخن کان جاچ شروع ڪئي وئي آهي ته جيئن ملوث جوابدارن کي جلد کان جلد انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا 16 شرجيل ميمڻ

وحدت جي علامت آهي يوم دستور آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ جي لاءِ پنهنجي ڪوشش جاري رکڻ جي عزم جو ڏينهن آهي يوم دستور پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته شهيد قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي هڪ متفق آئين ڏنو جيڪو اڄ به ملڪي جمهوري بنيادن کي مضبوط رکيون ويٺو آهي شهيد ڀٽو جي سياسي بصيرت، جرئتمندانه قيادت ۽ عوامي خدمت کي سدائين ياد رکيو ويندو سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڪاوشن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ جمهوري سوچ کي هٿي ملي ۽ ادارا مضبوط ٿيا، صدر آصف علي زرداري طرفان صوبن کي خودمختياري ڏيڻ ۽ پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ سان وفاق مستحڪم ٿيو سندس چوڻ هو ته اختلافن کان بالاتر ٿي آئين پاڪستان جي تحفظ، جمهوريت جي مضبوطي ۽ ملڪي ترقي جي لاءِ اسان کي متحد ٿيڻو پوندو قومي اتحاد ۽ يڪجهتي ئي شهيدن جي قربانين جو حقيقي ثمر ۽ هڪ مستحڪم پاڪستان جي ضمانت آهي

بقايا 17 مظاهرو

شاگردن جو چوڻ هو ته هي ڪو پهريون واقعو ناهي ان کان اڳ به اهڙي نوعيت جا ڪيترائي افسوسناڪ واقعا پيش اچي چڪا آهن جن جي هو سخت لفظن ۾ مذمت ڪن ٿا احتجاج ۾ ڊاڪٽر شاهنواز ڪٽوهي ذاڪر رند، آصف بکهيو صبا، سيما ۽ ٻيا به شريڪ هئا مظاهرين لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته هن واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪئي وڃي ۽ فهميده لغاري کي هراسان ڪندڙ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 18 گرفتار

موجب، ايس ايڇ او ٽنڊومستي محمد هاشم هڪڙو ڪامياب ڪارروائي ڪندي پنهنجي پاڻيجي کي ڪاراڻهن جو الزام ڏئي قتل ڪندڙ جوابدار قيصر چانڊيو کي گرفتار ڪيو هن ٻڌايو ته گرفتار جوابدار قيصر چانڊيو گذريل رات پنهنجي پاڻيجي مسمات خالده چانڊيو کي ڪاري جو الزام ڏئي قتل ڪيو هو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس فورس ساڻ ڪري بروقت ڪارروائي ڪندي جوابدار کي پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو هن وڌيڪ ٻڌايو ته مقتولا خالده چانڊيو جو قاتل سندس پنهنجو ماسو هو جنهن ڪاري جو الزام لڳائي قتل ڪيو هن چيو ته واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ گرفتارجوابدار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف، بروقت ڪارروائي ڪندي ڪاري ڪاري جي ڪيس ۾ ملوث قاتل کي گرفتار ڪرڻ تي ڊي آءِ جي سکر طرفان ايس ايڇ او محمد هاشم هڪڙو کي شاباسي جو پيغام ڏنو ويو آهي

بقايا 19 مقرر نه ٿيو

هيڊڪوارٽر جي مين اسڪول ۾ صفائي عملو چوڪيدار پٽيوالو به موجود ناهي ڪيترائي ڀيرا اختيارين کي لکيو آهي اسڪول جي صفائي به پاڻ ڀيا ڪيون چوڪيدار نه هجڻ ڪري اسڪول جي چوري ٿي ته ذميوار ڪير هوندو تعليم وارو وزير اعلي اختياريون نوٽيس وٺن اسڪول ۾ صفائي چوڪيدار پٽيوالا مقرر ڪري انصاف ڪيو وڃي مطالبو

بقايا 20 اڳڀرائي نه ٿي

ٻه ڏينهن ٿي چاهيو ۽ پوليس ان جو نالو ايف آءِ ۾ شامل نه ڪيو وڃي ڪيس جي فريادي افتخار لغاري موجب نجي يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي ٻه ماهرا ٿين ٿا، انهن جي يونيورسٽي جي مالڪ کي چاڻ آهي جاچ ۾ ميڊيڪل ڪاليج جي مالڪ کي شامل ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته وڏي وزير، صوبائي وزيرن، آئي جي سنڌ سميت ضلعي جي پوليس جي اعلا عملدارن پاران نوٽس وٺڻ باوجود اسان جي احتجاج بعد پوليس ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته جيڪا ڪميٽي جوڙي وئي آهي آن اسان سان اڃا تائين رابطو ناهي ڪيو اسان کي خدشو آهي ته پوليس ميڊيڪل ڪاليج انتظاميه کي بچائڻ چاهي ٿي اسان امن پسند ماڻهو آهيون انصاف نه ٿيو ته سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويندا هوڏانهن آپگهات ڪندڙ نياڻيءَ جي تدفين تي مختلف سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي آمد جو سلسلو جاري آهي

بقايا 21 سهولت فراهم

ڳالهين 2026ع ۾ شرڪت ڪندڙ ملڪن يعني ايران ۽ آمريڪا بابت تعلق رکندڙ نمائندن ۽ صحافين لاءِ ويزا فري سفر جي سهولت فراهم ڪئي آهي گذريل ڏينهن هڪ وضاحتي بيان ۾ هن چيو ته اها سهولت صرف ڳالهين جي وقت تائين محدود هوندي ترجمان واضح ڪيو ته اها سهولت ڪنهن ٽئين ملڪ جي شهرين تي لاڳو نه هوندي

بقايا 22 ڊي سي

منظور احمد ڪنراڻي مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آگاهي ريلي به ڪڍي وئي خبر موجب ضلعي گهوٽڪي ۾ 13 کان 16 اپريل تائين پوليو مهم جاري رهندي جنهن جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي بي بي ايڇ آئي جي مدر اينڊ چائلڊ سينٽر ميرپور ماٿيلو ۾ ٻارڙن کي حفاظتي ڦڙا پياري ڪيو ان موقعي تي اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ظهير ڊومڪي، ڊي ايم پي بي ايڇ آئي عارف عباسي، ڊبليو ايڇ او جو ڊاڪٽر نياز يونيسيف جو ڊاڪٽر رحيم گڏاڻي پڻ موجود هو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڳالهائيندي چيو پوليو سميت ارڙي ۽ چڪن پوڪس متعلق ماڻهن ۾ سڄاڳي پيدا ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجي ٻارڙن کي خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪن ان سلسلي ۾ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو ته هي اسان سڀني جو گڏيل قومي فرض ۽ سماجي ڀلائي جو ڪم آهي هن پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي گهر گهر وڃي ضلعي جي سمورن ٻارڙن کي پوليو وائرس کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا وڃن ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي قبول نه ڪئي ويندي بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي سربراهي ۾ پوليو وائرس بابت سڄاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ريلي به ڪڍي وئي ياد رهي ته ضلعي گهوٽڪي جي 4 لک 8 هزار 651 ٻارڙن کي حفاظتي ڦڙا پياريا ويندا ان سلسلي ۾ 1360 ٽيمون ٺاهي سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

بقايا 23 عدالتي حڪم

قبضو خالي ڪرائڻ جو حڪم. خبرموجب سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ ميرپور ماٿيلو جي ڳوٺ مشغول گڏاڻي واسين علي بخش گڏاڻي غلام رسول گڏاڻي، شاهه محمد گڏاڻي سڪندر گڏاڻي ۽ ٻين طرفان قبرستان جي سرڪاري زمين تي مبينا غيرقانوني قبضي خلاف درخواست پنهنجي وڪيل نور محمد سيال پاران داخل ڪرائي وئي هئي عدالت آئيني درخواست تي ٻڌڻي ٿي عدالت اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو کي درخواست کي شڪايت طور وٺي قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ٻڌڻي دوران اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل غلام عباس ڪبر پيش ٿيو جڏهن ته وڪيل طارق حسين راجپر جوابدارن طرفان وڪالت نامو جمع ڪرايو عدالت مختيارڪار جي بيان ڪانپوءِ حڪم ڏنو ته لاڳاپيل اختيارين هڪ مهيني اندر مڪمل ڪري قبضا ختم ڪرائي رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪن ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 06 مئي 2026 تائين ملتوي ڪئي وئي، واضح رهي ته قبرستان جي سرڪاري زمين تي جاٿايل جوابدار عبدالقدير عبدالحميد، عبدالمجيد، شبير ۽ عبدالقدير سميت ٻين مبينا قبضي ڪيو هو جنهن کي عدالت پاران خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا 24 زخمي

شاديءَ جي خوشيءَ ۾ هوائي فائرنگ ڪئي وئي جنهن سبب شهر ۾ خوف وارو ماحول ڇانئجي ويو جڏهن ته سڌي فائرنگ سبب 10 ورهين جو واٽهڙو ٻار حسنين ولد زاهد گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مقامي ماڻهن فوري طور تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران ڪيس ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد ڳنڀيرءِ جوڳو قرار ڏنو ويو جنهن تي زخمي ٻار کي وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال نوابشاهه نيو ويو آهي جتي ڊاڪٽرن پاران سندس زندگي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جڏهن ته سڪرنڊ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ ڪري رهي آهي ٻئي پاسي اهي پڻ چئوول آهن ته پوليس شايد ڪجهه گرفتاريون پڻ ڪيون آهن جنهن کي فلحال ظاهر نٿو ڪيو وڃي.

بقايا 25 نهال هاشمي

پاڪستان جو آئين ملڪ جي بقا، سلامتي ۽ وفاق جي علامت آهي هن چيو ته آئين جو تحفظ هر پاڪستاني جو قومي فرض آهي ۽ ان تي ڪنهن به قسم جو سوديبازي نه ٿي ڪري سگهجي سنڌ جي گورنر چيو ته 1973ع جو آئين هر شهري کي بنيادي حقن اظهار جي آزادي ۽ مذهبي آزادي جي مڪمل ضمانت فراهم ڪري ٿو سندس چوڻ هو ته ملڪ جي ترقي قانون جي حڪمراني ۽ آئيني حدن اندر رهي ڪم ڪرڻ ۾ لڪيل آهي هن وڌيڪ چيو ته نوجوانن کي آءِ ٽي ۽ جديد تعليم سان آراسته ڪرڻ روشن پاڪستان جي بنياد آهي جڏهن ته آئين جي پاسداري ۽ معاشي استحڪام لاءِ قومي يڪجهتي ضروري آهي سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڪراچي سميت سنڌ جي سمورن ضلعن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ وفاق ڀرپور سهڪار جاري رکندو

بقايا 26 سرمد علي

جي قومي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ سينيٽر سرمد علي چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي هڪ جمهوري ۽ وفاقي آئيني ڍانچو عطا ڪيو هي تاريخي ڪارنامو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قيادت، ويزن ۽ سياسي بصيرت جو ثمر آهي جن وزيراعظم جي حيثيت ۾ آئيني عمل جي رهنمائي ۾ مرڪزي ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو ساڳئي وقت ملڪ جي مختلف سياسي جماعتن جي قيادت به پارلياماني تاريخ جي هن ناياب اتفاقِ راءِ کي جوڙڻ ۾ مثبت، بامقصد ۽ قابلِ قدر حصو ورتو 1973ع جو آئين دراصل هڪ گڏيل قومي معاهدو آهي، جيڪو مڪالمي، مفاهمت ۽ جمهوريت، وفاقيت ۽ بنيادي حقن جي تحفظ جي گڏيل عزم جي روشن عڪاسي ڪري ٿو هن ڏينهن جي موقعي تي اچو ته ان عزم جي تجديد ڪريون ته اسين آئين جي روح ۽ متن ٻنهي جي مڪمل پاسداري ڪنداسين ۽ انهن جمهوري ادارن کي وڌيڪ مضبوط بڻائينداسين، جن جي تحفظ لاءِ ئي هي آئين جوڙيو ويو هو

بقايا 27 فوت

اعظم مسجد جي پرسان نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ريحان ولد غلام نبي قتل ٿي ويو آهي اطلاع ملندي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ ايڌي ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪري پوليس واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي ايئرپورٽ ريلوي ٽريڪ تي ريل گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ڪريم آباد پل جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ واٽهڙو عبدالله ولد عامر فوت ٿي ويو ۽ رضا ولد آصف زخمي ٿي پيو بلوچ ڪالوني پل جي مٿان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فرحات ولد محمد اقبال فوت ٿي ويو آهي

بقايا 28 گرفتار

تنظيم زينبيون جي ٽارگيٽ ڪلر محمد فرحان خان ولد محمد اسماعيل کي گرفتار ڪيو جيڪو فرقه وارانه ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هو سي ٽي ڊي ڪراچي جي ترجمان موجب پابندي مڙهيل دهشتگرد تنظيم زينبيون ماضي ۾ درجنين مذهبي ۽ فرقه وارانه دهشتگرد ڪاررواين ۾ پيش پيش رهيو هيو گرفتار جوابدار پڇا ڳاڇا دوران انڪشاف ڪيو ته هن پنهنجي ساٿي سان گڏ 12 ربيع الاول تي شهر ۾ فرقه وارانه دهشتگردي کي ڀڙڪائڻ لاءِ فيڊرل بي ايريا بلاڪ 20 ۾ تنظيم پاران ڏنل ٽارگيٽ مسجد ابو بڪر مفتي قيصر فاروق کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو واقعي ۾ هڪ معصوم ٻار عمر پٽ شاڪر کي گولي لڳي جنهن سان زخمي ٿيو سي ٽي ڊي ترجمان موجب سي ٽي ڊي ۽ سولين فيڊرل انٽيليجنس ايجنسي گڏيل طور تي واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ۽ سندس قبضي مان قتل جو هٿيار هڪ 9 ايم ايم پسٽول پڻ هٿ ڪيوترجمان موجب مفتي قيصر فاروق جي قتل جو ڪيس سمن آباد پوليس ٿاڻي ۾ داخل آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار خلاف سي ٽي ڊي ۾ سنڌ آرمز ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ گرفتار جوابدار کان جاچ ڪئي پئي وڃي جاچ دوران وڌيڪ انڪشافن جي توقع آهي جڏهن ته سي ٽي ڊي ۽ سولين فيڊرل انٽيليجنس ايجنسي جون گڏيل ٽيمون جوابدار جي تنظيمي ساٿين ۽ ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ٺاهيون ويون آهن جيڪي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هڻي رهيون آهن

بقايا 29 علي خورشيدي

سخت تنقيد ڪندي اهم بيان جاري ڪيو آهي. هن چيو ته آئينِ پاڪستان شهرين جي حقن جو ضامن آهي، پر سنڌ ۾ آئين جي روح کي پائمال ڪيو پيو وڃي. هن سوال اٿاريو ته جڏهن جمهوريت جا ثمر عوام تائين نه پهچن ته اهڙي جمهوريت تي سوال اٿارڻ فطري ڳالهه آهي.علي خورشيدي چيو ته سنڌ حڪومت روشنين جي شهر ڪراچي کي رهڻ لاءِ بدترين شهرن جي فهرست ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته آئين بلدياتي ادارن کي بااختيار بڻائڻ جو حڪم ڏئي ٿو پر صوبائي حڪومت اختيارات نچلي سطح تي منتقل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن چيو ته ريڊ لائن ۽ ڪي-4 جهڙا منصوبا دير جو شڪار آهن. جيڪو حڪومت جي نااهلي جو ثبوت آهي. هن الزام لڳايو ته ڪراچي کان حيدرآباد تائين شهر اغوا براءِ تاوان ۽ ڏوهن سبب غير محفوظ بڻيل آهن. مخالف ڌر اڳواڻ وڌيڪ چيو ته نون صوبن جو قيام آئيني مطالبو آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي ان کي لساني رنگ ڏئي عوام کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو ته اڳ بجيٽ سيشن نه سڏائڻ پارلياماني روايتن جي خلاف آهي ۽ سنڌ جو بجيٽ عوامي مسئلن جي حل بدران سياسي ورهاست جو شڪار ٿي رهيو آهي. هن چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ واڌ ۽ قيمتي جاني نقصان حڪومت جي خاموشي تي وڏو سوال آهي. جڏهن ته ميئرڙ عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن. علي خورشيدي گل پلازه جهڙي سانحي تي جوڊيشل ڪميشن کان فرار کي حڪومت جي بدنظمي قرار ڏيندي چيو ته سنڌ حڪومت عوامي مسئلن جي حل ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي.

بقايا 30 اعلان

ٿي چڪو آهي هن مرحلي تي هارين لاءِ لاڳت گهٽائڻ ضروري آهي هن چيو ته خليج ۾ جنگ نه پر هاڻ پر امن جي ڳالهه ٿي رهي آهي جنگ ۾ شامل ڌرين ڳالهين ذريعي معاملا حل ڪرڻ تي متفق ٿيون آهن شهباز شريف چيو ته هو هن اهم پيش رفت لاءِ ايران ۽ آمريڪا جي برادر ملڪن جي قيادت جو تمام گهڻو شڪرگذار آهي اهي ملڪ منهنجي مخلص دعوت تي اسلام آباد آيا آهن هن چيو ته هن نازڪ وقت ۾، پاڪستاني قيادت ٻنهي ڌرين کي وڏي اعتماد سان عارضي جنگ بندي تي قائل ڪيو اهو نه رڳو پاڪستان لاءِ پر اسلامي دنيا لاءِ به فخر جو لمحو آهي مان الله تعاليٰ جو ڪافي شڪريو ادا نٿو ڪري سگهان وزيراعظم چيو ته مان ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ سندس ٽيم کي انهن جي ڪم لاءِ خراج تحسين پيش ڪريان ٿو فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ سندس ٽيم کي به خراج تحسين پيش ڪريان ٿو هن چيو ته فيلڊ مارشل عاصم منير جنگ جي باهه کي وسائڻ ۽ ڌرين کي ڳالهين لاءِ قائل ڪرڻ ۾ اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو ٻئي طرف پيٽروليم ڊويزن نئين قيمتن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي جنهن مطابق ڊيزل جي قيمت ۾ 134.85 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي نئين قيمت 385.54 رپيا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي اهڙي طرح پيٽرول جي قيمت 11.83 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪانپوءِ 366.58 رپيا في ليٽر ٿي ويندي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي قيمت ۾ گهٽتائي رات 12 وڳي کان لاڳو ٿي وئي

بقايا 31 اعلان

دبئي، ابوظهبي ۽ عمان لاءِ جزوي طور تي اڏامون ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق السعودير آفيشل ايڪس اڪائونٽ تي بيان ۾ چيو آهي ته قومي فضائي ڪمپني جده کان دبئي ابوظهبي ۽ عمان جي روٽس لاءِ روزانو خاص اڏامون هلائيندي بيان ۾ مسافرن کي چيو ويو آهي ته هو خطي جي صورتحال سبب ايئرپورٽ وڃڻ کان اڳ پنهنجي اڏام جو اسٽيٽس معلوم ڪن

بقايا 32 حڪم

ڪوريج ڪندڙ صحافين جي رسائي بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ميڊيا رپورٽن موجب ڊسٽرڪٽ ڪورٽ آف ڪولمبيا جي سينيئر جج پال فريڊ مين فيصلي ۾ دفاع واري وزير پيٽ هيگسٿ جي ميڊيا تائين رسائي محدود ڪرڻ وارين ڪوشش تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته پينٽاگون نئين ڪارروائي ڪرڻ جي بهاني هڪ غير قانوني پاليسي بحال نٿو ڪري سگهي ۽ عدالت کان اکيون بند رکڻ جي اميد نٿي ڪري سگهجي جج چيو ته آمريڪي آئين ۾ پهرين ترميم تحت حاصل حقن ۾ گهٽتائي ڪرڻ ڪنهن به وقت خطرناڪ آهي ۽ جنگ دوران ان کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي آمريڪا جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ آف ڪولمبيا جي سينيئر جج پال فريڊ مين گذريل مهيني دفاع واري وزير پيٽ هيگسٿ طرفان جاري ڪيل پاليسي جي ڪيترن ئي اصولن کي معطل ڪري ڇڏيو جنهن تحت هن پينٽاگون ۽ ان جي رپورٽنگ جي بنياد تي صحافين جي ڊگرين کي معطل يا رد ڪرڻ جي اجازت ڏني جج پينٽاگون کي ڏنل ان اجازت کي پڻ غلط قرار ڏنو

بقايا 33 مجتبيٰ خامنه اي

ميڊيا ايران جي سرڪاري ٽيليويزن جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته اهو پيغام سندس والد آيت الله خامنه اي جي وفات کي 40 ڏينهن پورا ٿيڻ جي موقعي تي پڙهي ٻڌايو ويو جيڪو 28 فيبروري تي ٿيل حملن جو نشانو بڻيو هو مجتبيٰ خامنه اي جو چوڻ هو ته اسان جنگ چاهي هئي ۽ نه ئي چاهيون ٿا پر اسان ڪنهن به صورت ۾ پنهنجن جائز حقن تان هٿ نه کڻنداسين ۽ ان سلسلي ۾ اسان ان سموري مزاحمت کي هڪ مجموعي فرض سمجهون ٿا هن وڌيڪ چيو ته ايران آبنائي هرمز جي اسٽريٽيجڪ انتظام کي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ڪندو هن ايران جي عوام کي مخاطب ڪندي چيو ته جنگ بندي جي اعلان باوجود هو اهو نه سوچين ته روڊن تي نڪرڻ هاڻي ضروري ناهي رهيو

بقايا 34 ڳالهيون

ٽيليفون ڪيو جنهن دوران خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش جي حمايت جو اظهار ڪيو. گذريل ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان موجب فرانس جي پرڏيهي وزير جين نول بيروٽ جنگ بندي جي شروعاتي معاهدي کي حاصل ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار تي مبارڪون ڏنيون ۽ خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ سفارتي عمل اڳتي وڌائڻ جي پاڪستان جي مسلسل ڪوشش جي حمايت جو اظهار ڪيو ٻنهي اڳواڻن لبنان ۾ جنگ بندي جي سنگين پڃڪڙين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي جنگ بندي کي مڪمل طور لاڳو ڪرڻ ۽ ان جي احترام جي اهميت تي زور ڀريو ڌرين ٻطرفن لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ اقتصادي ۽ واپاري سهڪار وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ۽ رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 35 ڳالهيون

سربراهه ۽ بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير ڊاڪٽر عبدالمالڪ بلوچ سان نيشنل پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر ۽ چيئرمين محراب بلوچ ۽ راحب بليدي ايڊووڪيٽ ملاقات ڪئي نيشنل پارٽي جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب ملاقات ۾ ملڪ خاص طور تي بلوچستان جي موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون ان موقعي تي نيشنل پارٽي جي اڳواڻن سميت ٻيا پارٽي عهديدار پڻ موجود هئا

بقايا 36 بچايو ويو

آئم" طرفان مدد جي ڪال ملڻ جنهن تي پاڪستان نيوي جي جهاز "پي اين ايس حنين" فوري طور تي سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ريسڪيو ڪيل ماڻهن ۾ چين بنگلاديش، ميانمار، ويتنام ۽ انڊونيشيا جا شهري شامل آهن پي اين ايس حنين تي موجود ماهر ٽيم نه رڳو عملي کي حفاظت سان ڪڍيو پر ڪين طبي امداد فراهم ڪئي باهه وسائڻ ۾ مدد جي ۽ جهاز کي پهتل نقصان جو به جائزو ورتو سمورن ماڻهن کي وڌيڪ طبي سهولتن ۽ پنهنجي ملڪن ڏانهن واپسي لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي پاڪ نيوي جي جهاز طرفان پاڪستان جي ساموندي حدن کان پري توسيع رينج ۾ فراهم ڪيل انساني امداد لاڳاپيل علائقي ۾ ساموندي بحران جي صورتحال جو فوري جواب پاڪستان نيوي جي مسلسل عزم ۽ ذميواري جي عڪاسي ڪري ٿي

بقايا 37 زخمي

زال محمد زمان کي فوري طور تي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي اختيارين وڌيڪ چيو ته پوليس هاشم گبول ڳوٺ ۾ مختلف هنڌن تي پڪٽس ۽ ناڪا بنديون قائم ڪري منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪئي ان دوران پوليس اهلڪارن منشيات فروش انيل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر جوابدار مزاحمت ڪئي ۽ فائرنگ ڪري فرار ٿي ويو منشيات فروشن جي فائرنگ ۾ عورت زخمي ٿي پئي

بقايا 38 لازمي قرار

باقي آهي ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ سندس چوڻ هو ته "لبنان ۾ جنگ بندي ۽ ڳالهين جي شروعات سان ايران جي اثاثن جي بحالي تي اڃا تائين عملدرآمد ناهي ٿيو" سندس وڌيڪ چوڻ هو ته ڳالهيون شروع ٿيڻ کان اڳ اهي ٻئي معاملا حل ٿيڻ گهرجن

بقايا 39 ملتوي

گڏ سٽي ڪائونسل پهتا، جتي هن اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس جي شروعات تي اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ خطاب ڪندي عالمي حالتن تي ڳالهائيندي اسرائيل جي ڪاررواين تي سخت تنقيد ڪئي. هن چيو ته مسلم ملڪن کي نشانو بڻايو پيو وڃي جڏهن ته ايران خلاف قدمن تي به ردعمل سامهون اچي رهيو آهي.پارلياماني ليڊر پيپلز پارٽي ڪرم الله وقاصي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ تازي ڇڪتاڻ ۾ ثالثي جون ڪوششون قابل تعريف آهن. هن قومي اتحاد تي زور ڏيندي چيو ته ملڪ جي بقا لاءِ يڪجهتي ضروري آهي. مسلم ليگ (ن) جي پارلياماني ليڊر فيروز خان پاڪستاني فوج کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ملڪ جو دفاع مضبوط هٿن ۾ آهي ۽ پاڪستان هميشه قائم رهندو.اجلاس کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته هو بطور ميئر ڪائونسل آڏو جوابده آهن ۽ سڀني ميمبرن کي پنهنجي ڳالهه رکڻ جو مڪمل حق حاصل آهي. هن چيو ته شهر جي مسئلن تي سنجيده بحث جي ضرورت آهي ۽ فيصلو ڪراچي جي عوام کي ڪرڻو آهي ته هو سنجيده ڪائونسل چاهين ٿا يا نعريبازي. اجلاس دوران مختلف موقعن تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن وچ ۾ تلخ جملن جي ڏي وٺ جاري رهي، جڏهن ته اجلاس جي آخر ۾ جماعت اسلامي ۽ پيپلز پارٽي جي ميمبرن وچ ۾ سخت نعريبازي پڻ ڏسڻ ۾ آئي. بعد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميئر ڪراچي چيو ته پيپلز پارٽي ۽ ان جي اتحادي ڪوشش ڪئي ته اجلاس خوشگوار ماحول ۾ هلي ۽ سرڪاري ايجنڊا تي ڳالهه ٻولهه ٿئي، پر مخالف ڌر جي ڪجهه ميمبرن ماحول خراب ڪيو. هن دعويٰ ڪئي ته پاڪستان تحريڪ انصاف به ڪجهه روين کي رد ڪيو. مرتضيٰ وهاب جماعت اسلامي جي ڪجهه ميمبرن جي رويي تي تنقيد ڪندي چيو ته جڏهن اپوزيشن ڳالهايو ته ڪين نه روڪيو ويو پر حڪومتي ميمبرن کي ڳالهائڻ نه ڏنو ويو. جيڪو ٻٽو معيار آهي ۽ ناقابل قبول آهي. ميئر ڪراچي ماضي جي بلدياتي دورن جو حوالو ڏيندي چيو ته شهر ۾ مختلف جماعتن کي حڪومت ڪرڻ جا موقعا مليا، پر هاڻي مثبت سياست کي فروغ ڏيڻ ضروري آهي. هن واضح ڪيو ته هو شهر جي عوام آڏو جوابده آهن ۽ مسئلن جي حل لاءِ سنجيده ڳالهه ٻولهه لازمي آهي. اجلاس دوران پيدا ٿيل ڇڪتاڻ سبب ڪارروائي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 40 فوت

جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڊاڪٽرن ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ ٻئي اسپتال ريفر ڪيو آهي.جڏهن ته علائقي ۾ مونڪي پوڪس جي وبا تيزي سان پکڙجڻ سبب رهواسين ۾ سخت خوف ۽ پريشاني پکڙيل آهي، جڏهن ته شهرين صحت کاتي کان فوري هنگامي قدم کڻڻ ۽ متاثر علائقن ۾ طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 41 فيصلو

سمورن ضلعن ۾ دڪان مارڪيٽون شاپنگ مالز ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز رات 8 وڳي بند ڪيا ويندا جڏهن ته ڊويزنل هيڊڪوارٽرز ۾ بندش جو وقت رات نائين وڳي مقرر ڪيو ويو آهي هي حڪم ڇنڇر آچر سميت هفتي جا ست ئي ڏينهن لاڳو هوندا سنڌ حڪومت واضح ڪيو آهي ته تندور کير ڊيري جا دڪان بيڪريون ميڊيڪل اسٽور ليبارٽريون اسپتال ۽ پيٽرول پمپ انهن پابندين کان آجا هوندا ريسٽورنٽس، فوڊ آئوٽ ليٽس تي رڳو شام جو 7 وڳي کان رات ساڍي 11 وڳي تائين ڊنر سروس جي اجازت ڏني وئي آهي جڏهن ته هوم ڊليوري ۽ ٽيڪ اوي سروس تي ڪابه پابندي نه هوندي سنڌ حڪومت جي پڌرنامي موجب شادي هالز ۽ بينڪوئٽس تي تقريبون منعقد ڪرڻ جي اجازت رات 8 وڳي کان 12 وڳي تائين ڏني وئي آهي سنڌ حڪومت ڪمشنرز ۽ ڊپٽي ڪمشنرز کي هدايت ڪئي آهي ته اهي سنڌ پوليس جي سهڪار سان انهن حڪمن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻائن

بقايا 42 گرفتار

ڪندي ڏوهي گروهن کي ڪرائي تي هٿيار فراهم ڪندڙ هڪ اهم جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب ڪارروائي دوران گرفتار جوابدار ڊڪيتي گروهن جي سهولتڪاري ۾ ملوث هو ۽ ڏوهاري گروهن کي هٿيار ڪرائي تي فراهم ڪندو هو. حڪام موجب جوابدار جي قبضي مان رائفل پسٽول ۽ غير ملڪي ڪرنسي به برآمد ڪئي وئي آهي. پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدار خلاف ٿاڻو SIU ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ته جوابدار جا ڪهڙن ڪهڙن ڏوهاري گروهن سان لاڳاپا هئا. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ هٿيارن جي غير قانوني سپلائي ۾ ملوث نيٽ ورڪ خلاف ڪاررواين وڌيڪ تيز ڪيون وينديون.

بقايا 43 منظوري

آهي جيڪو شهر ۾ شهري سيڪيورٽي، نگراني ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي جنهن تحت 2300 کان وڌيڪ سمارٽ ڪيمرائون ۽ جديد مانيٽرنگ انفراسٽرڪچر لڳايو ويندو وزيراعليٰ هائوس ۾ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي (SSCA)جي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوامي تحفظ کي يقيني بڻائڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي اجلاس ۾ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس جاويد اوڍو، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري نائٽو فياض جتوئي، سيڪريٽري ايڪسائيز سليم راجپوت، ڊي جي ايس ايس سي اي سرفراز نواز، آغا فخر ۽ ڊي جي پي ڊي ايم اي سلمان شاهه شرڪت ڪئي اٿارٽي جي ميمبرن ايم پي ايز سيد سرفراز شاهه، علي حسن هنگورجو، سمتا افضل، حميرا فراز ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾ 2314 سمارٽ نگراني ڪيمرائون لڳائڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي جن ۾ 870 عام نگراني لاءِ 1300 آٽوميٽڪ نمبر پليٽ ريڪگنيشن (ANPR)۽ چهري جي سڃاڻپ (facial recognition)سان ليس، 80 ٽريفڪ جي نفاذ لاءِ 56 موبائل نگراني يونٽس ۽ 8 ٽريفڪ سگنل مانيٽرنگ لاءِ وقف ڪيون وينديون آهن اهي ڪيمرائون ڪراچي جي ضلعن ۾ لڳايون وينديون جن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪوريج ضلعو ڏکڻ (322 ڪيمرائون)، ان کان پوءِ اوڀر (220)، ڪورنگي (27)، ڪياماڙي (17)، ملير (16)، ۽ اولهه (1) ۾ هونديون جنهن سان شهر جي نگراني جو نيٽ ورڪ ڪافي حد تائين وسيع ٿي ويندو هي منصوبو جنهن جي اندازي مطابق لاڳت تقريبن 9.98 ارب رپيا آهي، 12 مهينن اندر مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي جنهن تي ڪم مئي 2026 ۾ شروع ٿيڻ جي اميد آهي انفراسٽرڪچر جي حصن ۾ نو پوائنٽس آف پريزنس (PoP) سائيٽون شامل آهن جيڪي سولر ۽ جنريٽر بيڪ اپ سان ليس آهن هڪ سمارٽ نگراني ٽاور مرڪزي ڪمانڊ سسٽم سان ڳنڍيل 50 پبلڪ پينڪ بٽڻ آن بورڊ ڪيمرائن سان ليس اٺ ريسپانس گاڏيون ۽ 10 نگراني ڊرونز شامل آهن مراد علي شاهه نشاندهي ڪئي ته حڪومت خريداري تي ڳالهين ذريعي هڪ ارب رپين کان وڌيڪ جي بچت ڪئي آهي جيڪا معيار کي برقرار رکندي مالي احتياط جو ثبوت آهي هن چيو ته هي رڳو هڪ ترقياتي منصوبو ناهي - هي عوامي تحفظ ۽ قومي سلامتي ۾ هڪ اهم سيڙپڪاري آهي وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته منظوري جي عمل کي تيز ڪن ۽ وقت تي عملدرآمد کي يقيني بڻائين هن خبردار ڪيو ته دير جي صورت ۾ لاڳت وڌي سگهي ٿي خاص طور تي نگراني جي سامان جي وڌندڙ عالمي قيمتن جي ڪري آپريشنل تياري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ايس ايس سي اي (SSCA)ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ڀرتي جو شفاف عمل مڪمل ڪري ورتو آهي جيڪو ماهر پينلن ۽ نگراني ڪميٽين جي نگراني ۾ هڪ گهڻ-مرحلي ميرٽ تي ٻڌل تشخيصي نظام ذريعي ڪيو ويو وڏي وزير ايس ايس سي اي ايڪٽ جي لاڳاپيل شقن تحت مقررين ڪرڻ جي منظوري ڏني ڪراچي کان علاوه اجلاس ۾ حيدرآباد، سکر لاڙڪاڻو ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد سميت ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ۾ سيف سٽي منصوبا قائم ڪرڻ جي تجويزن جو پڻ جائزو ورتو ويو جن جي ڪل اندازي مطابق لاڳت 3.15 ارب رپيا آهي ۽ ان ۾ 780 ڪيمرائون لڳايون وينديون فيصلو ڪيو ويو ته اهي تجويزون وڌيڪ جائزي لاءِ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (P&D)کاتي کي موڪليون وڃن مراد شاهه سڀني سيف سٽي قدمن کي هڪ متحد ايس ايس سي اي فريم ورڪ تحت آڻڻ جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن معيار کي برقرار رکڻ

بقايا 44 سبسڊي ورهائي

31 هزار ننڍن آبادگارن کي 2.9 ارب رپين جي سبسڊي جي ورڇ ڪئي آهي جن 1.94 ملين ايڪڙن تي ڪڻڪ پوکي، اها رقم سنڌ حڪومت جي زراعت کاتي پاران ڪڻڪ جي ننڍن آبادگارن کي سبسڊي ڏيڻ لاءِ شروع ڪيو ويو هو جنهن جا هاڪاري نتيجا ملي رهيا آهن ۽ سنڌ ۾ هن وقت رڪارڊ زمين تي ڪڻڪ جي پوکي ٿي، جنهن جي ڪري رڪارڊ پيداوار ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا 45 آجيان

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جي شروعات جي آجيان ڪندي ان کي عالمي امن لاءِ مثبت اڳڀرائي قرار ڏنو آهي ڪالهه ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ هن پاڪستان اچڻ تي آمريڪي نائب صدر ۽ ايراني قيادت کي ڀليڪار ڪندي چيو آهي ته اسلام آباد عالمي سياسي توجهه جو مرڪز بڻجي چڪو آهي جيڪو پاڪستان جي موثر ۽ متوازن سفارتڪاري جو اظهار آهي وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي بهترين قيادت ۽ ڪامياب سفارتي حڪمت عملي سبب پاڪستان جي ڪردار کي سڄي دنيا ۾ ساراهيو پيو وڃي هن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي ڪوشش کي به ساراهيندي چيو ته هي گڏيل قدم پاڪستان جي مثبت سڃاڻپ کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهيا آهن عبدالعليم خان سڄي دنيا ۾ جاري تڪرارن جي مذمت ڪندي چيو آهي ته امن ئي ترقي ۽ خوشحالي جو واحد رستو آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان عملي طور پاڻ کي عالمي امن جو علمبردار ثابت ڪيو آهي ۽ علائقائي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته اسلام آباد مان سڄي دنيا لاءِ امن ۽ استحڪام جو پيغام ويندو ۽ جاري ڳالهين ڪاميابي سان مثبت نتيجا ڏيندين

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

فون نمبر: 70-99244761 فيڪس نمبر: 99244766
اي ميل: info@mda.gos.pk
هيڊ آفيس: G-4/B، بلاڪ-17، گلشن اقبال، ڪراچي

عام اطلاع

عنوان: ديهه الله ڦياهي، تعلقو شاهه مريد، ضلعو ملير، ڪراچي جي سروي نمبرن 323، 324، 325، 330، 331، 332، 333، 363، 364، 394 ۽ 395 تي ٻڌل 00-58 ايڪڙ زمين جي تجويز ڪيل لي آئوٽ پلان جي منظوري.

هر عام و خاص کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_I، ضلعو ملير، ڪراچي پاران ديهه الله ڦياهي، تعلقو شاهه مريد، ضلعو ملير، ڪراچي جي سروي نمبرن 323، 324، 325، 330، 331، 332، 333، 363، 364، 394 ۽ 395 تي مشتمل 00_58 ايڪڙ زمين جي ملڪيتي حقن جي تصديق ڪري ڊائريڪٽر جنرل MDA ڏانهن، جناب افتخار الحق محمد شاهد (سڃاڻپ ڪارڊ نمبر: 7-2254806-42301، رهواسي: گهر نمبر A-131، سيڪٽر C-13، محلو گلشن اقبال، ڪراچي) جي حق ۾، پنهنجي ليٽر نمبر DC/Malir/K/Rev.Br/1774/2024 تاريخ: 27-09-2024ع ذريعي موڪلي وئي آهي. جنهن سان گڏ مختيارڪار، تعلقو شاهه مريد، ضلعو ملير، ڪراچي جو ليٽر نمبر Mukh/S.M/Malir/ K/537/2024 تاريخ 27-09-2024ع پڻ شامل آهي، جنهن جي توثيق اسسٽنٽ ڪمشنر، سب ڊويزن، تعلقو شاهه مريد، ضلعو ملير، ڪراچي پاران پنهنجي ليٽر نمبر AC/S.M/Malir/K/398/2024 تاريخ 27-09-2024ع ذريعي رٿو پلاننگ جي نقطه نظر کان تجويز ڪيل لي آئوٽ پلان جي منظوري لاءِ ڪئي وئي آهي.

ان سلسلي ۾، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) ايڪٽ 94_1993 ۽ (بحالي ۽ ترميمي) ايڪٽ_2013 ۽ KBTPR-2002 (تازه ترين ترميم ٿيل) ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز_2015 جي ڪلاز نمبر 15.5-2 جي روشنيءَ ۾ هي عوامي اطلاع شايع ڪيو ٿو وڃي ته جيڪڏهن ڪنهن به لاڳاپيل فرد يا اداري کي ڪو به اعتراض هجي ته هو پنهنجو اعتراض سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل، MDA يا ڊائريڪٽر (اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر، ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، MDA جنهن جي آفيس G-4/B، بلاڪ_17، گلشن اقبال، ڪراچي ۾ واقع آهي (فون نمبر: 99239120-021، 99244762-021)، هن نوٽيس جي اشاعت جي تاريخ کان 07 ڪم وارن جي ڏينهن اندر داخل ڪرائي سگهي ٿو.

مقرر ڪيل تاريخ گذري وڃڻ کانپوءِ وصول ٿيندڙ ڪنهن به اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو

لوڪيشن پلان:



اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120، 021-99244762

INF/KRY/1418/2026

WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

نمبر: FD(E&A)I6(1429)/09
سنڌ حڪومت
فنانس ڊپارٽمينٽ

ڪراچي، تاريخ: 09 اپريل، 2026ع

ڏانهن،
جناب نديم ولد صالح محمد،
سڃاڻپ ڪارڊ نمبر: 9-6590365-42501،
نائب قاصد،
فنان ڊپارٽمينٽ،
سنڌ حڪومت،
گهر نمبر: A 204، صاحب داد ڳوٺ،
پروفيسر محمد روڊ،
ملير ڪالوني، ڪراچي،
پي او ملير ڪالوني،
ڪراچي.

عنوان: ذاتي ٻڌڻي

مون کي مٿي ڄاڻايل موضوع جي حوالي سان لکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

2. تاريخ 28-10-2026ع تي جاري ڪيل فائنل شوڪاز نوٽيس جو جواب اوهان پاران وصول ناهي ٿيو. تنهنڪري، اوهان کي هدايت ڪئي ٿي وڃي ته 20-04-2026ع تي منجهند 03:00 وڳي ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري (ايڊمن) / مجاز آفيسر جي اڳيان پيش ٿيو.

(محمد افضل ميمڻ)
سيڪشن آفيسر (ايڊمن-II)

INF/KRY/1411/2026

WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

نمبر. XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-REV./2025-26/303
سنڌ حڪومت
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪئيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ
پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل،
رومي قبرستان پرسان، گرڊ اسٽيشن نادرن باءِ پاس ڪراچي ويجهو
ڪراچي، تاريخ 8 اپريل 2026

تصحيح نوٽيس-III

عنوان: ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۾ واڌ.

اين آءِ ٽي (NIT) نمبر XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-REV./2025-26/287 تاريخ 16-03-2026، سڌاري جو نوٽيس نمبر I نمبر XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-REV./287/2025-26/292 تاريخ 01-04-2026، سڌاري جو نوٽيس نمبر II نمبر XEN/PDM&I-CELL/ CTA&AD/NIT-287/2025-26/298 تاريخ 02-04-2026، ۽ EPADS-S- نمبرز 26030729717، EPADS-S-26030729718، EPADS-S-26030729719، جيڪي معروف اخبارن بشمول ڊيلي ايڪسپريس، ڊيلي ٽائمز ۽ روزاني عبرت ۾ 18-03-2026 تي شايع ٿيا، انهن جي تسلسل ۾، حوالو ڏنل ٽينڊرز جي آڄ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۾ هيٺينءَ ريت واڌ ڪئي وڃي ٿي:

- آڄ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ: 22-04-2026، آڄ جمع ڪرائڻ منجهند 12:30 وڳي ۽ کولڻ منجهند 01:00 وڳي ساڳئي هنڌ تي ٿيندي.
- ڪنهن به قسم جي وضاحتي سوالن لاءِ پري_بڊ (Pre-bid) گڏجاڻي 13-04-2026- تي منجهند 12:30 وڳي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل جي آفيس ۾ شيڊيول ڪئي وئي آهي، جيڪا رومي قبرستان جي پٺيان، نادرن باءِ پاس، ڪراچي تي گرڊ اسٽيشن جي ويجهو واقع آهي.

ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا (TORs) ساڳيا رهندا.

(ايگزيڪيوٽو انجنيئر) PDM&I سيل
اختيار احمد منگي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر / DDO
پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ
امپليمينٽيشن سيل، CTA&AD
حڪومت سنڌ

INF/KRY/1406/2026

WORK FOR SINDH
PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

اسلام آباد، عالمي امن لاءِ نئين اميد

صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد

اسلام آباد اڪارڊ: خاموش وقفو يا ايندڙ طوفان جي تمهيد؟

صفحو 4

پاڪستان ۽ سنجيده سفارتي ڪاميابي!

مير قائم خان ٽالپر

صفحو 4

دعا نور سنڌي

سنڌ جا تعليمي ادارا ۽ نياڻين جي تحفظ جو سوال

صفحو 4

چوھڙجمالي ۾ مهانگائي، بيروزگاري، ڪرپشن ۽ صحت جون بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ريلي

سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي شاهه بندر پاران پريس ڪلب کان مدني چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي عوام جو ساهه سڪائي ڇڏيو آهي، تيل جا اگهه وڌڻ ڪري عوام پريشان آهي: اڳواڻ

سرڪاري اسپتالن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي، دوائون ناهن، ڊاڪٽرن جي غير حاضري عام آهي، عوام کي رليف نٿو ملي

چوھڙجمالي مهانگائي بيروزگاري ڪرپشن ۽ صحت جون بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

چوھڙجمالي(ن ع) چوھڙجمالي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي شاهه بندر پاران مهانگائي، بيروزگاري، ڪرپشن ۽ صحت جون بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ڪارڪنن ۽ شهر واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. چوھڙجمالي پريس ڪلب کان نڪتل ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي مدني چوڪ تي پهتي، احتجاج جي اڳواڻي ترقي پسند پارٽي ضلعي سڄاول اڳواڻ منظور منگسي، شريف ڪلمتي عطاءِ بنگلاڻي، اصغر لاڪاٽيو جمن هالو ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي عوام جو ساهه سڪائي ڇڏيو آهي خاص ڪري تيل مصنوعات جا اگهه وڌڻ ڪري ملڪ جو ڏيوالو نڪري ويو آهي ۽ سرڪاري اسپتالن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي، دوائون ناهن ڊاڪٽرن جي غير حاضري عام آهي، جنهن ڪري غريب مريض علاج کان محروم ٿي رهيا آهن جيڪڏهن حڪومت عوامي مسئلن جو تڪڙو نوٽيس نه ورتو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مهنگائي تي ضابطو آندو وڃي، نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن، ڪرپشن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ هنن رورل هيلٿ سينٽر چوھڙجمالي ۾ مريضن کي ڪابه سهولت نه آهي جيڪا ناجائزي آهي ايمرجنسي بنيادن تي سڌارا آندا وڃن. ٻئي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو.

اوڏيرولال اسٽيشن ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي

ڳوٺ پيراڏو چنو ۾ ارڙي جا ڪيس ظاهر، آسمه ڌي عزيز الله ۽ عبيدالله ولد عزيز الله موذي مرض ۾ مبتلا

امير ڌي خدابخش چنو سميت ڪيترن ئي ٻارڙن کي ارڙي جي وبا پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو، صحت کاتو خاموش

ارڙي جا ڪيس وڌندا پيا وڃن پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتو مڪمل طور بي خبر بڻيل آهن: ڳوٺاڻا

اوڏيرولال ارڙي ۾ مبتلا معصوم ٻارڙا

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ۽ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي ڳوٺ پيراڏو چنو ۾ ارڙي جا ڪيس ظاهر ڳوٺاڻن خليل چنو موجب آسمه ڌي عزيز الله ۽ عبيدالله ولد عزيز الله کي ارڙي ظاهر ٿي آهي جڏهن ته امير ڌي خدابخش چنو سميت ٻيا ڪيترائي معصوم ٻارڙا بخار ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جنهن سان لڳي ٿو معصوم ٻارڙن کي ارڙي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته بيماري جا ڪيس وڌندا پيا وڃن پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتو مڪمل طور بي خبر بڻيل آهن ڳوٺاڻن صحت کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي جلد ڳوٺن ۾ ڪيمپون موڪلي معصوم ٻارڙن جو سرڪاري سطح تي علاج شروع ڪيو وڃي جيئن معصوم ٻارڙن کي موذي مرض بچائي سگهجي

ٿرپارڪر ضلعي ۾ پوليو مهم جي تيارين جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي

مهم دوران ڪو به مسئلو هجي ته واسطيدار اي سي سان ترت رابطو ڪيو وڃي: ڊي سي

سرحدي علائقن جي ٻارن سميت سمورن پنجن سالن تائين جي چمار وارن ٻارڙن کي ڪور ڪيو وڃي

مٺي (ڊ-ن) ضلعي ٿرپارڪر ۾ 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ انسداد پوليو مهم جي تيارين ۽ مڪمل ڪيل انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ ٿي.گڏجاڻي ۾ مهم جي سو سيڪڙو ڪوريج کي يقيني بڻائڻ جو عزم ڪندي ڊي سي هدايت ڪئي ته مهم دوران ڪو به مسئلو هجي ته واسطيدار اسسٽنٽ ڪمشنر سان ترت رابطو ڪيو وڃي جڏهن ته مهم دوران ڪوتاهي جي ڪابه گنجائش ناهي.گڏجاڻي ۾ صحت کاتي جي پوليو کان بچاءَ واري مهم جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر پرت ڪمار سوني بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٿرپارڪر ضلعي ۾ 13 اپريل پوليو کان بچاءَ واري مهم شروع ٿي رهي آهي جيڪا 16 اپريل تائين جاري رهندي. ضلعي جي ستن تعلقن جي ڪل 71 يونين ڪائونسلن جي ڪل 3 لک 17 هزار 130 پنجن سالن تائين جي چمار جي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ان حدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪل 1384 ٽيمون مقرر ڪيون ويون آهن جن ۾ 1248 گشتي،72 مقرر ٽيمون جڏهن ته ضلعي جي داخلي ۽ خارجي رستن سميت بس اڏن ۽ رش وارن علائقن ۾ 64 ٽيمون مقرر ڪيون ويون آهن مهم جي نگراني لاءِ 289 علائقائي انچارج هوندا جيڪي مهم جي سو ڪوريج کي يقيني بڻائيندا. ڊي سي ڏنل بريفنگ تي اطمينان جو اظهار ڪندي پوليو کان بچاءَ واري مهم کان اڳ جاڳرتا مهم ۽ وليڊيشن جو عمل شروع ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو ۽ چيو ته سرحدي علائقن جي ٻارن سميت سمورن پنجن سالن تائين جي چمار وارن ٻارڙن کي ڪور ڪيو وڃي.گڏجاڻي ۾ ٻين کان علاوه ايس ايس پي ٿرپارڪر عبدالله ميمڻ، ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو کان علاوه ٻين سمورن لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

پوليس هيڊڪوارٽر سکر ۾ اينٽي رائٽ فورس قائم ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي حڪمن تي ضلعي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس هيڊڪوارٽر سکر ۾ اينٽي رائٽ فورس قائم ڪئي وئي آهي. اينٽي رائٽ فورس لاءِ پوليس هيڊڪوارٽر ۾ جوانن جي خاص نفري مقرر ڪئي وئي آهي جيڪا ڪنهن به ممڪن هنگامي صورتحال ۾ فوري طور تي ڪارروائي ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. ايس ايس پي سکر اظهر خان فورس جي جوانن کي هر قسم جي ايمرجنسي صورتحال لاءِ هر وقت الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن ترجمان سکر پوليس موجب فورس کي مختلف پلٽونن ۾ ورهايو ويو آهي، جيڪي ڪنهن به ناخوشگوار واقعي جي صورت ۾ فوري ڪارروائي لاءِ تيار رهنديون. سمورن اهلڪارن کي جديد هٿيار اينٽي رائٽ ڪٽس، آنسو گيس شيلز ۽ ٻيو ضروري سامان فراهم ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال کي اثرائتي نموني ڪنٽرول ڪري سگهجي.سکر پوليس ضلعي ۾ امن امان هر حال ۾ برقرار رکڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ڪنهن به شرپسند عنصر خلاف بغير فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي. پوليس جا جوان پنهنجون پيشاورانه ذميواريون بهتر نموني نڀائيندي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائيندا.

سکر ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف مظاهرو

موٽر سائيڪل جو علامتي جنازو ڪڍي انوکو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف شهرين جي وڏي انگ موٽر سائيڪل جو علامتي جنازو ڪڍي انوکو احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي.مظاهري جي اڳواڻي مولانا عبيد الله ڀٽو ابن آزاد، مولانا عبدالحق مهر ۽ مولانا عارف الحسيني ڪري رهيا هئا. مظاهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته مهانگائي غريب عوام جي ڪمر ٽوڙي ڇڏي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ڊيزل مهانگو ٿيڻ سبب هاري سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان ڪراين ۽ خوراڪ جي شين جي قيمتن ۾ به واڌ ٿي رهي آهي.اڳواڻن جو چوڻ هو ته اهڙي صورتحال ۾ مزدور لاءِ گهٽ پگهار ۾ گذارو ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويو آهي. 137 رپيا واڌ ڪري پوءِ 80 رپيا گهٽائڻ انصاف ناهي.مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ڪيل واڌ واپس وٺي ملڪ جي غريب عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

سکر شهري اتحاد پاران پيٽرول قيمتن ۾ اضافي خلاف موٽرسائيڪل جو علامتي جنازو ڪڍيو پيو وڃي

عوامي شڪايتن تي سکر ميونسپل ڪارپوريشن حرڪت ۾ اچي وئي

سکر(بيورو رپورٽ) ڪچو بندر وال ۾ وڻن جي ڪٽائي ۽ منشيات فروشي بابت عوامي شڪايتن تي سکر ميونسپل ڪارپوريشن حرڪت ۾ اچي وئي سرڪاري پلانٽيشن کي نقصان پهچائڻ يا وڻ ڪٽڻ ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: فوڪل پرسن ميئر سکر تفصيلن موجب سکر جي سماجي تنظيم جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر اصلاح الدين شيخ طرفان گذريل ڏينهن عوامي شڪايتن تي سوشل ميڊيا ذريعي ڪچو بندر وال درياءَ سنڌ جي ڪناري تي لڳايل قيمتي وڻن جي ڪٽائي ۽ علائقي ۾ منشيات جي استعمال بابت سکر انتظاميا، خاص ڪري سکر ميونسپل ڪارپوريشن کان فوري نوٽيس وٺي اثرائتو قدم کڻڻ جي اپيل ڪئي وئي هئي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ وڊيو ۾ پلانٽيشن جي صورتحال کي اجاگر ڪندي ڏيکاريو ويو ته اڳ لڳايل ٻوٽا هاڻي سائي پريا وڻ بڻجي چڪا آهن پر ڪجهه عنصر انهن کي ڪٽي وڪرو ڪري رهيا هئا، جڏهن ته ساڳئي هنڌ منشيات جي استعمال ۽ وڪري جون سرگرميون پڻ جاري هيون.ان صورتحال جو نوٽيس وٺندي بلديه اعليٰ سکر جي ميئر ۽ ترجمان سنڌ حڪومت بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ فوري طور تي ايڊوائيزر ميئر سکر آغا بشير احمد ترين ۽ ترجمان ميونسپل ڪارپوريشن سکر عامر مغل کي جائزو وٺڻ جون هدايتون جاري ڪيون جنهن تي ايڊوائيزر ۽ ترجمان وفد سان گڏ جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر اصلاح الدين شيخ سان ملاقات ڪئي ۽ ڪچو بندر وال جو دورو ڪري حالتن جو جائزو ورتو ۽ شڪايتن کي درست قرار ڏنو.

ڏاسوڙي پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروائيون

پوليس طرفان منشيات فروش گرفتار، ڪچو شراب هٿ، ڪيس داخل

راڻيڏهن پٽ ويهو ڪچي ڪولهي کي ڪيس درج ڪري جيل موڪليو ويو

عثمان شاهه هڙي(ت ر) ڏاسوڙي پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروائيون جاري منشيات فروش گرفتار ڪچو شراب هٿ ڪيس داخل ڏاسوڙي ٿاڻي جي ايس ايڇ او طفيل جلالاڻي پوليس نفري سان ڏاسوڙي ويجهو ڳجهي اطلاع ڪارروائي ڪچو شراب ڏاهي ويڪرو ڪندڙ منشيات فروش راڻيڏهن پٽ ويهو ڪچي ڪولهي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 30 ليٽر انساني مضر صحت لاءِ ڪچو شراب هٿ ڪري ڪيس ٿاڻي تي آندو جتي معس منشيات ايڪٽ تحت ڪيس درج ڪري ڪيس جيل موڪلي ڇڏيو

عثمان شاهه هڙي پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار

عوام هاڻي تبديلي چاهي ٿو: معظم خان عباسي

سوڀوديرو(ن ع) ف ليگ جي مرڪزي اڳواڻ معظم خان عباسي چيو آهي ته ايندڙ عام چونڊن ۾ اسانجي جماعت وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ سنڌ ۾ حڪومت ٺاهي عوام جي ڀرپور خدمت ڪندي هن چيو ته عوام هاڻي تبديلي چاهي ٿو ۽ موجوده حڪمرانن کان بيزار ٿي چڪو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ معظم خان عباسي وڌيڪ چيو ته گذريل ڪيترن سالن دوران پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام سان جيڪي واعدا ڪيا، اهي پورا نه ٿي سگهيا. هن الزام لڳايو ته پي پي جي حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، جنهن سبب ماڻهو سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن چيو ته ف ليگ جو منشور عوامي ڀلائي تي ٻڌل آهي ۽ اقتدار ۾ اچي صحت، تعليم، روزگار ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتري لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. معظم خان عباسي دعويٰ ڪئي ته سندن پارٽي وٽ قابل قيادت ۽ واضح حڪمت عملي موجود آهي، جنهن سان سنڌ کي ترقي جي راهه تي آندو ويندو سندس اهو به چوڻ هو ته ف ليگ سنڌ جي هر ضلعي ۾ پنهنجي تنظيم کي مضبوط بڻائي رهي آهي ۽ ڪارڪنن ۾ نئون جوش ۽ جذبو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. هن چيو ته ايندڙ چونڊ مهم دوران عوامي رابطا مهم کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. آخر ۾ هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو ايندڙ چونڊن ۾ ف ليگ کي ووٽ ڏئي سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ سندن ساٿ ڏين.

مٺي ضلعي ۾ انسداد پوليو مهم جو باقاعده افتتاح

ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي پوليو مهم جو افتتاح ڪيو

مٺي (ڊ-ن) ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي اڄ سول اسپتال ۾ ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي سان گڏ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ضلعي ۾ 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ انسداد پوليو مهم جو باقاعده افتتاح ڪيو. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي،ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي جي اڳواڻي ۾ سول اسپتال مٺي کان جاڳرتا واڪ/ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ صحت کاتي جي عملدارن پي پي ايڇ آءِ ۽ سول اسپتال جي ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل عملي،ميڊيا ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جاڳرتا واڪ/ريلي جي پڄاڻي تي خطاب ڪندي ڊي سي ۽ ٻين چيو ته پوليو کي حساس بيماري نه ٿو سمجهيو وڃي جيڪا وڏي غلطي آهي ڇاڪاڻ ته پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي جيڪا ٻار کي هميشه لاءِ معذور بڻائي ڇڏي ٿي.هنن جو چوڻ هو ته پوليو کان بچاءَ جو واحد حل ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ آهي تنهن ڪري والدين توڙي هر ذميوار شهري جو اهو فرض آهي ته هو پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪن ته جيئن پوليو خلاف مهم کي ڪامياب بڻائي سگهجي.

مسوپرگڙي پرسان بوائز پرائمري اسڪول طالب المولا ڪالوني ۾ ڪتاب تقسيم

هيڊ ماسٽر محمد جمن ملاح جي نگراني ۾ ٻارڙن کي مفت درسي ڪتاب ڏنا ويا

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي پرسان ڳوٺ طالب المولا ڪالوني جي بوائز پرائمري اسڪول ۾ درسي ڪتاب ورهائڻ واري تقريب ٿي گذري تقريب بوائز پرائمري اسڪول طالب المولا ڪالوني جي هيڊ ماسٽر محمد جمن ملاح جي نگراني ۾ ٿي جنهن ۾ خاص مهمان طور حيدرآباد ميونسيپل آفيسر علي مراد ملاح اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين خان محمد سمون پريس ڪلب مسوپرگڙي جو سينئر نائب صدر صحافي زاهد ملاح شرڪت ڪئي تقريب ۾ پهرئين کان پنج ڪلاس جي شاگردن ۾ درسي ڪتاب ورهايا ويا ان موقعي تي استاد امجد ڪلهوڙو ريحان چنا عالمگير ملاح غلام علي ملاح ۽ ٻيا استاد پڻ موجود هئا تقريب ۾ پرائمري بوائز اسڪول اپ گريڊ ٿيڻ تي استادن جي کوٽ ۽ ٻين مسئلن بابت پڻ ويچاريو

مورو سانحي جي اسيرن جي آزادي لاءِ 27 ڏينهن به احتجاج

جيڪڏهن هنن ڪو ڏوهه ڪيو آهي ته انهن کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي: وارث

سنڌ حڪومت کي خبر آهي ته عدالت ۾ پيش ٿيندا ته ڏوهاري سنڌن حڪمران ظاهر ٿيندا

موروو(ن ع) مورو سانحي جي اسيرن جي آزادي لاءِ 27 ڏينهن به مورو پريس ڪلب آڏو وارثن مردن عورتن ٻارڙن نياڻين اوڙين رئين پيئرن پائرن پيرسن والدين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين جو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو جاري رکيو ان موقعي تي وارثن محسن علي رستماڻي اسرار احمد پتي علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو توڪل جويو نصير احمد ڪوڪر مراد علي لغاري فرحانه لغاري فراز لغاري مشاهت لغاري ۽ سنڌ سڀا جي آڪاش سنڌي صدام چانڊيو ۽ ٻين چيو ته 11 مهينن کان مغوي ڪري ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد ڪيل 60 نوجوانن شاگردن استادن پوليس اهڪار هارين پورهيتن مزدورن دڪاندارن ۽ درگاهه مشوري شريف جي مريدن کي سنڌ حڪومت قيد ڪري رکيو آهي جيڪڏهن هنن سنڌ حڪومت جو ڏوهه ڪيو آهي ته انهن کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي پر سنڌ حڪومت کي خبر آهي ته عدالت ۾ پيش ٿيندا ته ڏوهاري سنڌن حڪمران ظاهر ٿيندا ان ڪري انهن جون ملاقاتون بند ڪيل آهن پوليس کي منع ڪئي وئي آهي ته ڪيس نه هلايو وڃي ۽ عدالتن کي ضمانتن کان روڪيو ويو آهي بيگناهه اسيرن جون معصوم نياڻيون معصوم ٻارڙا پيرسن اوڙيون والدين 27 ڏينهن کان پنهنجي پيارن جي آزادي لاءِ رات جو مورو جي روڊن رستن تي اسين ڇا گهرئون ٿا آزادي پنهنجن جي گهرئون ٿا آزادي جون صدائون پنهنجن درد پرين ۾ دانهن ۾ ڪري رهيون آهن پر انهن مظلومن کي ڪير به انصاف ڏيڻ وارو نه آهي سنڌ حڪومت جي ظلم جبر بربريت ڏاڍ جي ڪاري رات ختم ٿيندي حق سچ ۽ انصاف جي صبح ضرور ٿيندي ۽ پنهنجن پيارن جي آزادي لاءِ احتجاج جاري رهندو

مورو مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

فريدآباد ۾ ڏامراهه واهه پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽيڪسي ڊرائيورن شفيق احمد ڏيرو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

راشي پوليس اهلڪار رشوت نه ڏيڻ تي تنگ ڪري رهيا آهن: مظاهرين

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ۾ ڏامراهه واهه پوليس خلاف فريدآباد جي ٽيڪسي ڊرائيورن شفيق احمد ڏيرو، محمد حسين چانڊيو بابر بروهي عبدالستار ڏيرو عبدالغفار بروهي ببلو چنا ۽ ٻين ٽيڪسي اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ٽيڪسي ڊرائيورن احتجاج ڪندي ڏانهيون ته ڏامراهه واهه پوليس چوڪي تي موجود راشي پوليس اهلڪار رشوت نه ڏيڻ تي تنگ ڪري رهيا آهن اسان ايمرجنسي ۾ مريض لاڙڪاڻو کڻي ويندا آهيون پر ڏامراهه چوڪي پوليس انچارج سرفراز ۽ سپاهي رشوت ڪانسواءِ نٿا ڇڏين اسان جي لاءِ ڏامراهه پوليس آزار ڪري ڇڏيو آهي هر ٽيڪسي ڪار کي روڪي رشوت وٺن ٿا اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو اٿن رشوت نه ڏيڻ جي صورت ۾ اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي دادو ڊي ايس پي ميهڙ کان گهر ڪئي ته ڏامراهه واهه چوڪي تي مقرر راشي پوليس اهلڪارن کي هٽائي ايماندار عملو مقرر ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

فريدآباد ڏامراهه واهه پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سڄاول ۾ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد جي صدارت هيٺ اهم اجلاس

سڄاول، ٺٽو ۽ بدين ضلعن ۾ سرڪاري ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

ترقياتي اسڪيمون وقت سر مڪمل ڪيون وڃن، قيمتن تي ڪنٽرول رکيو وڃي: ڪمشنر

سڄاول(ڊ ر) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ دربار هال سڄاول ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو ، جنهن ۾ سڄاول ٺٽو ۽ بدين ضلعن ۾ سرڪاري ڪارڪردگي، ترقياتي منصوبن ۽ عوامي خدمتن جي بهتري بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي ته ترقياتي اسڪيمون وقت سر مڪمل ڪيون وڃن، قيمتن تي ڪنٽرول رکيو وڃي، ناجائز قبضا ختم ڪيا وڃن ۽ سرڪاري زمينن جي واپسي کي يقيني بڻايو وڃي. ڪمشنر لينڊ رڪارڊ جي درستگي ۽ ڪمپيوٽرائيزيشن تي پڻ خاص زور ڏيندي چيو ته رڪارڊ ۾ شفافيت انتهائي ضروري آهي. فياض حسين عباسي هدايت ڪئي ته صفائي سٿرائي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، کليل مين هولز کي فوري طور بند ڪيو وڃي ۽ سلاٽر هائوسز جي باقاعده جاچ ذريعي صحت جا اصول لاڳو ڪرايا وڃن. هن فائر سيفٽي آڊٽس ۽ ٻين حفاظتي قدمن تي به ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ ڊيش بورڊ مانيٽرنگ سسٽم جي مؤثر استعمال تي زور ڏنو ويو ۽ چيو ويو ته روزاني بنياد تي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي لاڳاپيل کاتن جي وچ ۾ بهتر رابطو قائم ڪيو وڃي ته جيئن عوامي مسئلن جو فوري حل ممڪن بڻائي سگهجي ڊويزنل ڪمشنر چيو ته عوام کي معياري سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو فيلڊ ۾ پنهنجي موجودگي کي يقيني بڻائين ۽ ڪارڪردگي ۾ واضع بهتري آڻين اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد حسين رند، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي کان علاوه ٽنهي ضلعن جا ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ، اسسٽنٽ ڪمشنرز شريڪ ٿيا ۽ پنهنجي پنهنجي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني.

سڄاول ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪمشنر سکر پاران گورنمينٽ انور پراچه اسپتال جو دورو

عابد سليم قريشي اسپتال جي او پي ڊي جو معائنو ڪيو

مختلف شعبن جو دورو ڪري مريضن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جو جائزو ورتو

سکر(بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي گورنمينٽ انور پراچه اسپتال سکر جو دورو ڪيو انهيءَ دوران هن اسپتال جي او پي ڊي جو معائنو ڪيو ۽ مختلف شعبن جو دورو ڪري مريضن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر اسد سرور ڪمشنر سکر کي انور پراچه اسپتال ۾ جاري ڪمن ۽ درپيش ضرورتن کان آگاهه ڪيو ڪمشنر سکر ٻڌايو ته سيڪريٽري صحت سنڌ سان سندن ڳالهه ٿي چڪي آهي.جنهن انور پراچه اسپتال جي بهتري لاءِ 3.1 ملين (31 لک) رپيا منظور ڪري ڇڏيا آهن ڪمشنر عابد سليم قريشي هدايت ڪئي ته اها رقم اسپتال جي ڇت جي مرمتي ڪم ۽ مريضن لاءِ رت جي ٽيسٽ بابت سي بي سي مشين جي خريداري تي خرچ ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته چمڙي جي بيمارين جي انفيڪشن جي پيش نظر اسپتال ۾ خاص اپاءَ وٺڻ کي يقيني بڻايو وڃي هن صفائي سان گڏ اسپتال جي فضلي کي مناسب هنڌ ٺڪاڻي لڳائڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته حڪومت جي طرفان سڀني خانگي ۽ سرڪاري صحت مرڪزن لاءِ لاڳو ڪيل انفيڪشن پريوينشن اينڊ ڪنٽرول (آءِ پي سي/ انفيڪشن کان بچاءُ ۽ ضابطي جي) پروٽوڪول تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته چمڙي جي بيمارين جي پکڙجڻ جي خطري جي پيش نظر اسپتال ايندڙ مريضن ۾ آگاهي تي پڻ خاص ڌيان ڏنو وڃي. جڏهن ته هن اسپتال انتظاميا طرفان انهيءَ سلسلي ۾ مريضن جي آگاهي لاءِ لڳايل بينرز ۽ پمفليٽس جي آگاهي ڪوشش کي ساراهيو

سکر ڊويزنل ڪمشنر عابد سليم قريشي گورنمينٽ انور پراچه اسپتال جو دورو ڪندي

دوڙ ۾ امن امان جي صورتحال بابت ڊي ايس پي پاران اجلاس

علائقي ۾ وڌندڙ منشيات، زيڊ 21، گٽڪا ۽ جوا جي سرگرمين تي ڳڻتي ظاهر

بنا ڪنهن دٻاءَ جي سخت ۽ بي رحم ڪارروائي ڪئي وڃي: ڊي ايس پي دوڙ

دوڙ (ن ع) دوڙ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ڊويزن فيصل بشير ميمڻ ۽ ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر سمير نور چنا جي خاص هدايتن تي ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري پنهنجي آفيس ۾ امن ۽ امان جي صورتحال ۽ منشيات جي خاتمي بابت تعلقه دوڙ هڪ اهم اجلاس ڪوٺايو.اجلاس ۾ ايس ايڇ او دوڙ ايڇ او سٽ ميل ايس ايڇ او باندي سميت علائقي جي مختلف ٿاڻن جي هيڊ محررن شرڪت ڪئي.اجلاس دوران علائقي ۾ وڌندڙ منشيات، زيڊ 21، گٽڪا ۽ جوا جي سرگرمين تي ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي ۽ انهن جي خاتمي لاءِ جامع حڪمت عملي تي غور ويچار ڪيو ويو.ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري سڀني ايس ايڇ اوز کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي حدن ۾ منشيات فروشن ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن دٻاءَ جي سخت ۽ بي رحم ڪارروائي ڪن جڏهن ته روزاني بنيادن تي ڪارروائين جي رپورٽ پڻ پيش ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ دوڙ پوليس فوري طور تي ڪارروائي ڪندي شهر جي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻي ڪيترن ئي منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو.گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ حيدر علي واسواڻي ڪرم علي چانڊيو ثناءالله خاصخيلي ۽ عبدالستار ڪيريو شامل آهن.پوليس موجب جوابدارن وٽان منشيات به هٿ ڪئي وئي آهي. پوليس طرفان سڀني گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته علائقي ۾ امن امان قائم رکڻ ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ اهڙيون ڪارروائيون جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو آهي.

مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اجلاس

غذائيت ۽ سماجي تحفظ وارن پروگرامن تي اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون: ڊي سي

سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون موثر نموني نڀائين ته جيئن ضلعي مان غذائي کوٽ ۽ سماجي مسئلن جو خاتمو آڻي سگهجي

ڊسٽرڪٽ نيوٽريشن آفيسر هالار چانڊيو ضلعي ۾ غذائيت جي حوالي سان کيل قدمن ۽ اڳڀرائي بابت تفصيلي آگاهي ڏني

مٽياري ڊي سي مٽياري محمد يوسف شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته ضلعي ۾ غذائيت ۽ سماجي تحفظ وارن پروگرامن تي اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن کي گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون ته جيئن عوام، خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن کي وڌ کان وڌ فائدو پهچي سگهي. اها ڳالهه هن لطيف هال ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري ۾ منعقد ٿيل ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي چئي جتي هن نيوٽريشن ۽ ممتا پروگرام بابت گڏجاڻين جي صدارت ڪئي. اجلاس دوران ممتا پروگرام جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر هيڊ ڪلثوم جويو تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي مٽياري ۾ 38,473 حمل واري عورتن جي رجسٽريشن ڪئي وئي آهي، جڏهن ته پروگرام تحت عورتن جي بهتري لاءِ مختلف قدمن تي عمل جاري آهي. نيوٽريشن بابت اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ نيوٽريشن آفيسر هالار چانڊيو ضلعي ۾ غذائيت جي حوالي سان کيل قدمن ۽ اڳڀرائي بابت تفصيلي آگاهي ڏني. هن ٻڌايو ته ٻارن ۾ غذائي کوٽ کي گهٽائڻ لاءِ مختلف پروگرامز جاري آهن ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي ته سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون موثر نموني نڀائين ۽ ميدان ۾ ڪم کي وڌيڪ بهتر بڻائين ته جيئن ضلعي مان غذائي کوٽ ۽ سماجي مسئلن جو خاتمو آڻي سگهجي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو اقراءِ جنت، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر آصف حسين، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبد الستار شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر اسسٽنٽ ڪمشنر سعيدآباد عبد الغفور سولنگي سميت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

سکر ۾ قائم ڪيل آثارِ قديمه ميوزم تاريخ تهذيب ۽ ثقافت جو اهم ۽ منفرد مرڪز بڻجي ويو

سنڌ ثقافت کاتي پاران قائم ڪيل ميوزم ۾ رکيل شيون انساني ارتقا ۽ تهذيب جي ڊگهي سفر کي واضح طور پيش ڪن ٿيون

ميوزيم ۾ پٿر جي دور (Stone Age)سان لاڳاپيل اوزار، پٿر جا هٿيار ۽ ابتدائي انسان جي زندگيءَ جا نشان موجود

تاريخي دورن خاص طور اسلامي ۽ نوآبادي دور سان لاڳاپيل به قيمتي شيون رکيل ۽ تلوارون، خنجر، بندوقون، زيور، سڪا ۽ روزمره استعمال جا ٿانوَ شامل

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ثقافت کاتي پاران سکر ۾ قائم ڪيل آثار قديمه ميوزم تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جو هڪ اهم ۽ منفرد مرڪز بڻجي سامهون آيو آهي جتي پٿر جي دور کان وٺي قديم سنڌو تهذيب، اسلامي ۽ جديد دور تائين جا ناياب قيمتي ۽ تاريخي اهميت رکندڙ آثار محفوظ ڪيا ويا آهن. ميوزم ۾ رکيل شيون انساني ارتقا ۽ تهذيب جي ڊگهي سفر کي واضح طور پيش ڪن ٿيون. هتي پٿر جي دور (Stone Age)سان لاڳاپيل اوزار، پٿر جا هٿيار ۽ ابتدائي انسان جي زندگيءَ جا نشان موجود آهن، جيڪي هزارين سال پراڻي انساني تاريخ جي جهلڪ پيش ڪن ٿا. ماهرن موجب اهي آثار ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته هن خطي ۾ انسان تمام قديم زماني کان رهائش پذير رهيو آهي ۽ آهستي آهستي پنهنجي زندگيءَ کي ترقي ڏني. ان کان علاوه، ميوزم ۾ سنڌ جي عظيم ۽ شاهوڪار تهذيب، خاص طور تي موهن جو دڙو ۽ لاکين جو دڙو سان واسطو رکندڙ مجسما، ٺڪر جا ٿانو زيور ۽ ٻين آثارن کي به نمايان جڳهه ڏني وئي آهي. اهي شيون نه صرف سنڌو ماٿري جي ترقي يافته شهري زندگي، بهترين شهر بندي، نيڪال جي نظام، هنر ۽ واپار جي اعليٰ معيار جي عڪاسي ڪن ٿيون پر دنيا جي قديم ترين ۽ منظم تهذيبن مان هڪ جي عظمت کي پڻ ظاهر ڪن ٿيون. ميوزم ۾ بعد وارن تاريخي دورن، خاص طور اسلامي ۽ نوآبادي دور سان لاڳاپيل به قيمتي شيون رکيل آهن جن ۾ تلوارون، خنجر بندوقون، زيور سڪا ۽ روزمره استعمال جا ٿانو شامل آهن. اهي شيون مختلف دورن جي ثقافتي، سماجي ۽ فوجي تاريخ کي اجاگر ڪن ٿيون ۽ سنڌ جي تاريخي تسلسل کي واضح ڪن ٿيون. ميوزم جي انچارج ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽيڪيوٽي ظهير احمد جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هن ميوزم جو قيام سنڌ جي تاريخي ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي. هن چيو ته سنڌ جي ڌرتي هزارين سالن کان علم، هنر ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي ۽ موهن جو دڙو جهڙا ماڳ دنيا ۾ سنڌ جي سڃاڻپ جو اهم حوالو آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ميوزم ۾ شاگردن، محققن ۽ سياحن لاءِ خاص سهولتون فراهم ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته جيئن هو تاريخي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن. مستقبل ۾ ميوزم کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ، جديد ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ ۽ نون آثارن کي شامل ڪرڻ لاءِ به منصوبا تيار ڪيا پيا وڃن. شهرين، استادن ۽ علمي حلقن هن ميوزم جي قيام کي خوش آئند قرار ڏيندي چيو آهي ته اهڙا ادارا نه صرف تاريخي شعور کي وڌائين ٿا پر نوجوان نسل ۾ پنهنجي سڃاڻپ ۽ ورثي سان وابستگي پيدا ڪن ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته حڪومت ميوزم لاءِ وڌيڪ فنڊ ۽ وسيلا فراهم ڪري، جيئن سنڌ جي قديم ورثي کي بهتر نموني محفوظ ڪري عالمي سطح تي اجاگر ڪري سگهجي. واضح رهي ته سکر ۾ اهڙي نوعيت جو ميوزم قائم ٿيڻ سان نه رڳو علائقي ۾ تعليمي ۽ تحقيقي سرگرمين کي هٿي ملندي، پر سياحت جي شعبي ۾ به نمايان واڌ جو امڪان آهي جيڪو مقامي معيشت لاءِ پڻ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو.

خيرپور ضلعي سميت راڻيپور ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ هڪ خطرناڪ وائرس پکڙجڻ جا اطلاع

هڪ خطرناڪ وائرس پکڙجڻ جون خبرون سامهون اچڻ بعد علائقي واسين ۾ سخت خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانئيل

ڳوٺ محمد جمن خان مغيري ۾ مبينا طور تي خطرناڪ وائرس جي نتيجي ۾ هيٺئر تائين ڇهه معصوم ٻارڙا حياتي وڃائي ويٺا

خطرناڪ وائرس ۾ وڌيڪ ٽي ٻارڙا اڃا تائين بيماري ۾ مبتلا هجڻ سبب ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ٻڌايا پيا وڃن: ذريعا

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) خيرپور ضلعي سميت راڻيپور ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ هڪ خطرناڪ وائرس پکڙجڻ جون خبرون سامهون اچي رهيون آهن جنهن سبب علائقي واسين ۾ سخت خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانئيل آهي. راڻيپور پرسان واقع ڳوٺ محمد جمن خان مغيري ۾ مبينا طور تي خطرناڪ وائرس جي نتيجي ۾ هيٺئر تائين ڇهه معصوم ٻارڙا حياتي وڃائي ويٺا آهن جڏهن ته وڌيڪ ٽي ٻارڙا اڃا تائين بيماري ۾ مبتلا هجڻ سبب ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ٻڌايا پيا وڃن. ڳوٺاڻن موجب ٻارڙن ۾ شروعاتي طور تي بخار، ڪمزوري ۽ جسماني سستي جون علامتون ظاهر ٿيون، جنهن بعد سندن هٿن ۽ ٽنگن ۾ ڪمزوري پيدا ٿي ۽ ڪجهه ٻارڙن جون ٽنگون ڦري ٽيڙيون ٿي ويون (لڳيون). جنهن ڪري والدين ۾ پوليو جهڙي بيماري جا خدشا وڌي ويا آهن. علائقي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته بار بار صحت کاتي کي اطلاع ڏيڻ باوجود ڪو به مؤثر طبي بندوبست نه ڪيو ويو جنهن سبب بيماري وڌيڪ پکڙجندي وئي. هنن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ جي معزز شخصيتن غلام نبي مهوال خان ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته احتجاج ڪرڻ باوجود صحت کاتي جا عملدار رڳو رسمي دورا ڪري ويا ۽ عملي طور تي ڪو به علاج يا هنگامي طبي ڪئمپ قائم نه ڪئي وئي. ڊي سي خيرپور الطاف احمد چاچڙ ٿيل احتجاج جو نوٽيس ورتو. پرڏڪ جي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽرن پاران صرف تصويرون ڪڍي فوٽو سيشن ۾ پورا ٿيا جڏهن ته متاثر خاندانن کي ٿلها آسرا ڏنا ويا پر علاج جون سهولتون فراهم نه ڪيون ويون. جنهن ڪري والدين پنهنجي ٻارڙن جي زندگين بابت سخت پريشان آهن. صحت کاتي جي ضلعي عملدارن ڊي ايڇ او ۽ ٽي ايڇ او سميت ٻين ذميوار آفيسرز خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن جلد نوٽيس نه ورتو ويو ته هو عدالت سگهوري سان رجوع ڪندا. ڇاڪاڻ ته پنهنجن ٻارن جي زندگي بچائڻ سندن بنيادي حق آهي هنن حڪومت سنڌ ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ميڊيڪل ايمرجنسي لاڳو ڪري ماهر ڊاڪٽرن، ليبارٽري ٽيسٽن ۽ ويڪسين مهم ذريعي بيماري تي ضابطو آندو وڃي.

ٺري ميرواهه پرسان ڳوٺ فقير نهال پٽي جي رهواسين طرفان الزامن جي ترديد

ٺري ميرواهه (ن ع) ٺري ميرواهه پرسان ڳوٺ فقير نهال پٽي جي رهواسين مٿن لڳايل الزامن جي سختي سان ترديد ڪندي چيو آهي ته هو بيگناهه آهن ۽ سندن خلاف ڪوڙيون خبرون هلائيون ويون آهن ان موقعي تي رهواسين خير محمد پٽي رحمت الله پٽي نياز حسين پٽي ۽ ٻين پاڪ ڪتاب کڻي چيو ته اسان جي فصل ۾ ميهون اچي پيون جنهن کي هنن پنهنجي فصل مان ڪڍي اوير طرف روانو ڪري ڇڏيو هنن وڌيڪ چيو ته قرآن پاڪ تي قسم کڻي چئون ٿا ته اسان ميهن جو ٻچ نه ڪيو آهي ۽ نه ئي ڪنهن غيرقانوني ڪم ۾ ملوث آهيون رهواسين الزام لڳايو ته ميڊيا تي خبر هلڻ کان پوءِ پوليس کين تنگ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته بنا ڪنهن ثبوت جي کين هراسان ڪيو پيو وڃي، جيڪو ناانصافي آهي رهواسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي منصفاڻي جاچ ڪرائي وڃي ۽ کين بيجا تڪليف ڏيڻ بند ڪئي وڃي

سکر ضلعي ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم بابت اجلاس

پوليو مهم 13 اپريل کان 16 اپريل 2026 تائين جاري رهندي

ڪوشش سان پوليو وائرس جي ڦهلاءَ کي نمايان طور پوئتي ڌڪي سگهجي ٿو: ڊي سي

سکر (بيورو رپورٽ) اين اي ڊي اپريل 2026 جي حوالي سان سکر ضلعي ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ٻڌايو ته پوليو مهم 13 اپريل کان 16 اپريل 2026 تائين جاري رهندي ۽ ضلعي جي سمورن پوليو ٽيمن جي گذريل ڪوششن کي ساراهيو ۽ چيو ته گذريل ٻن مهينن دوران پوليو وائرس جا ماحولياتي نمونا منفي اچڻ مهم جي اعليٰ معيار جو ثبوت آهن. هن زور ڀريو ته جاري مهم نهايت اهم آهي ڇاڪاڻ ته اها گهٽ ٽرانسميشن واري موسم جي آخري مهم آهي ۽ هن مرحلي تي وڌيڪ مؤثر ۽ هدف وار ڪوشش سان پوليو وائرس جي ڦهلاءَ کي نمايان طور پوئتي ڌڪي سگهجي ٿو.اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڊاڪٽر وقار ٻڌايو ته هن مهم دوران ضلعي ڀر ۾ 3 لک 29هزار 344 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سکر ضلعي جون 85 يونين ڪائونسلون آهن هن وڌيڪ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته مهم دوران 68 اي پي ۽ سينٽرز 85 يو سي ايم اوز 34 فڪسڊ ٽيمون 182 ويڪسينيٽرز ۽ 1197 موبائل ٽيمون پنهنجون خدمتون سرانجام ڏينديون. ڊپٽي ڪمشنر سکر وڌيڪ هدايت ڪئي ته وائرس تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڊاڪٽرز ۽ فيلڊ اسٽاف پاڻ به ايس او پيز تي سختي سان عمل ڪن ۽ فيڪ فنگر مارڪنگ ۽ ڊيٽا ڊش بورڊ تي رکڻ کا گريز ڪيو وڃي. اجلاس جي پڄاڻي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان واضح ڪيو ته پوليو جو مڪمل خاتمو حڪومت جي اولين ترجيح آهي،ان لاءِ ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻ سان گڏ ويڪسين وٽامن اي جا ڪيپسول به ضرور پيارڻا وڃن ته جيئن ٻارڙن جو ايميونيزم به بهتر ٿي سگهي. ان . موقعي تي ڊي سي سکر روهڙي جي هيلٿ ٽيڪنيش کي بغير ٻڌائڻ جي غير حاضر رهڻ تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو .اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر بشريٰ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي سارا فراز ،ايڊيشنل ڪمشنر ٽو ماجد ماڪو ، اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي،آر ڊي پي پي ايڇ آءِ ،پوليس ،ايجوڪيشن سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ عملي شرڪت ڪئي.

سکر ڊي سي سکر پوليو مهم جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪندي

روورل هيلٿ سينٽر چوھڙجمالي ڪيتري عرصي کان عوام لاءِ بي لاپ بڻيل

چوھڙجمالي(ن ع) روورل هيلٿ سينٽر چوھڙجمالي ڪيتري عرصي کان عوام لاءِ بي لاپ بڻيل آهي پي پي ايڇ آئي جي ايڊمنسٽريشن کان ويندي هيلٿ عملي تائين ڪرپٽ، ڊيوٽي چور ميڊيسن کائو آهن اسپتال ۾ ايڪسري مشن ڊينٽل مشنري هئڻ جي باوجود عملو ناهي ايمرجنسي ۾ جيڪڏهن ڪنهن مريض کي ريفرڪيو وڃي ٿو ته انهي مريض کان ايمبولينس جو ڪرايو ورتو وڃي ٿو رات جي وقت اسپتال ۾ اونداهه جو راڄ هوندو آهي جنريٽر آهي پر تيل کونهي، ڪارج جي روشني ۾ ڊاڪٽر يا ڪمپائونڊر مريضن جو علاج ڪري رهيا آهن رورل هيلٿ سينٽر کي پي پي ايڇ آئي ايڇ ڪوس گهر بنائي ڇڏيو آهي سڄاڻ حلقن صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته رورل هيلٿ سينٽر چوھڙ جمالي کي ايندڙ مريضن لاءِ لاڀائتو بڻائڻ لاءِ قدم کڻن

مورو پوليس جو ڪريڪ ڊائون، ٻه چڙا گرفتار

مورو(ن ع) آءِ جي سنڌ پاران ڊي آءِ جيز کي هدايتون جاري ڪرڻ ڪانپوءِ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد فيصل بشير ميمڻ هنگامي بنيادن تي ڊويزن جي مختلف ضلعن جي وزٽ ڪرڻ تي ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڏوهارين منشيات فروشن جي گرفتارين جون ڪاروايون جاري ٿي ويون آهن اڄ مورو شهر پرسان ڳوٺ ساٿو ڊورو ۾ مورو پوليس خفيا اطلاع تي ڏوهارين جي اڏي تي ڇاپو هڻي ٻن ڏوهارين سبحان ولد وارث زرداري ۽ امتياز ولد حڪيم زرداري کي ٻن غيرقانوني 30بور پسٽلن ۽ هڪ اڻرجسٽرڊ سوزڪي ڪار نمبر ABW935سميت گرفتار ڪري ڪرائيم نمبر 121. 2026 u/s395. 120bppcpsmoro تحت ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي چالان ڪري ڇڏيو ياد رهي مذڪوره جوابدارن ڪجهه ڏينهن اڳ ڪارڪرائي تي ڪرائي ٻاڻيور کان ڦر ڪئي هئي

مينيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جي گڏجاڻي

ڪراچي شهر ۾ صفائي سٿرائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ تفصيلي بريفنگ

صفائي عملي (ليبر) کي يونين ڪميٽي (UC)جي سطح تي باقاعدي ورهايو وڃي: طارق علي نظاماڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر ۾ صفائي سٿرائي جي نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ، بلدياتي خدمتن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ عوامي مسئلن جي بروقت حل لاءِ مينيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ طارق علي نظاماڻي جي صدارت هيٺ هڪ اهم ۽ بامقصد گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ شهر جي 13 ٽائونز جي چيئرمينن شرڪت ڪئي. هن اهم گڏجاڻي ۾ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پڻ شرڪت ڪندي پنهنجي ٽائون جي عوامي مسئلن، ترجيحن ۽ عملي تجويزن کي انتهائي مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو. گڏجاڻي دوران حاجي نواز علي بروهي صفائي جي موجوده نظام کي وڌيڪ منظم، مربوط ۽ نتيجا خيز بڻائڻ لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي پيش ڪندي مينيجنگ ڊائريڪٽر طارق علي نظاماڻي کان درخواست ڪئي ته صفائي عملي (ليبر) کي يونين ڪميٽي (UC)جي سطح تي باقاعدي ورهايو وڃي، جيئن هر يوسي ۾ برابر بنيادن تي ڪم ٿي سگهي ۽ ڪنهن به علائقي کي نظرانداز نه ڪيو وڃي. هن ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته هر يوسي ۾ هڪ ذميوار سپروائيزر مقرر ڪيو وڃي، جيڪو ميدان ۾ موجود رهي روزاني بنيادن تي ڪم جي نگراني ڪري، ڪارڪردگي کي بهتر بڻائي ۽ عوامي شڪايتن جو فوري ازالو يقيني بڻائي. هن چيو ته جيستائين صفائي جي نظام ۾ نگراني ۽ جوابدهي جو مؤثر نظام قائم نه ٿيندو، تيستائين پائيدار سڌارو ممڪن ناهي. سنڌس تجويزن کي گڏجاڻي ۾ سنجيدگي سان ٻڌو ويو ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن پڻ ان ماڊل کي قابل عمل قرار ڏنو. وڌيڪ، حاجي نواز علي بروهي مينيجنگ ڊائريڪٽر طارق علي نظاماڻي کي جام چاڪرو جي تفصيلي دوري جي دعوت ڏني ۽ چيو ته هو پاڻ موقعي تي اچي صورتحال جو جائزو وٺن، ڇاڪاڻ ته هي علائقو شهر جي ماحولياتي نظام ۾ اهم حيثيت رکي ٿو ۽ هتي سنڌ حڪومت پاران مختلف ترقياتي اسڪيمون پڻ جاري آهن.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 11 اپريل 2026ع

اسلام آباد، عالمي امن لاءِ نئين اميد

دنيا جي موجوده غير يقيني ۽ ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ جڏهن وڏيون طاقتون پاڻ ۾ ٽڪراءَ جي ڪناري تي بيٺيون هجن، تڏهن ڪنهن ملڪ جو امن لاءِ اڳتي وڌڻ ۽ جنگ کي روڪڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ يقيناً وڏي سفارتي ڪاميابي هوندي آهي. ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ تازو ٿيل جنگبنديءَ کان پوءِ پاڪستان نه رڳو عالمي ڌيان جو مرڪز بڻيو آهي، پر هڪ ذميوار ۽ سنجيده ثالث طور پڻ سامهون آيو آهي. اسلام آباد ۾ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ شروع ٿيندڙ ڳالهيون ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته پاڪستان خطي ۾ امن جي قيام لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو. اسلام آباد ۾ ٿيندڙ اهي ڳالهيون رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ مسئلن جي حل تائين محدود ناهن، پر انهن جا اثر پوري خطي سميت عالمي سياست تي پئجي سگهن ٿا. آمريڪي نائب صدر، اهم سفارتي شخصيتن ۽ ايران جي اعليٰ قيادت جي شرڪت هن ڳالهه کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي ته هي ڪا معمولي ملاقات ناهي، پر هڪ اهڙو عمل آهي جنهن سان مستقبل جي عالمي پاليسين جو رخ به طئي ٿي سگهي ٿو. پاڪستان حڪومت ۽ عسڪري ادارن طرفان سيڪيورٽي ۽ انتظامن جو جائزو وٺڻ، گڏجاڻين جو انعقاد ڪرڻ ۽ مهمانن جي آجيان لاءِ تياريون ڪرڻ، ملڪ جي سنجيدگي ۽ ذميواري جو واضح اظهار آهي. اهو پڻ هڪ مثبت قدم آهي ته حڪومت غير ملڪي صحافين ۽ وفدن لاءِ ويزا جي سهولت فراهم ڪئي آهي، جنهن سان پاڪستان جو نرم ۽ کليل چهرو دنيا آڏو اچي ٿو. ٻئي پاسي، عالمي اڳواڻن طرفان پاڪستان جي ڪردار کي ساراهڻ به ڪنهن وڏي سفارتي ڪاميابيءَ کان گهٽ ناهي.

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو اهو بيان ته ايران سان امن معاهدو ويجهو ٿي سگهي ٿو ۽ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهين بابت سندس اميدوارانه رويو هن عمل جي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿو. جيڪڏهن اهي مذاڪرات ڪامياب ٿين ٿا ته نه صرف ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿيندي پر اسرائيل سميت ٻين علائقائي ٽڪرارن ۾ به نرمي اچي سگهي ٿي، جيڪا سڄي دنيا لاءِ سڪون جو سبب بڻجي سگهي ٿي. انهيءَ پس منظر ۾ پاڪستان ۾ "يوم تشڪر" ملهائڻ ۽ مسجدن ۾ امن لاءِ دعائون ڪرڻ، عوامي سطح تي به امن جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿو. اها ڳالهه پڻ اهم آهي ته پاڪستان جي عوام ۽ قيادت ٻنهي کي اهو احساس آهي ته جنگ ڪنهن مسئلي جو حل ناهي، پر ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي مستقل امن جو رستو آهن.

بهرحال، هن سڄي صورتحال ۾ ڪجهه چئلينجز به موجود آهن. پاڪستان کي نه صرف هن عمل کي ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻو آهي، پر پنهنجي غيرجانبدار حيثيت کي به برقرار رکڻو آهي. ڪنهن به هڪ ڌر ڏانهن جهڪاءُ يا داخلي سياسي دٻاءُ هن عمل کي متاثر ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان پنهنجي سفارتي حڪمت عملي ۾ توازن، دانائي ۽ مستقل مزاجي جو مظاهرو ڪري. ساڳئي وقت، هي موقعو پاڪستان لاءِ معاشي ۽ سياسي فائدن جو دروازو به کولي سگهي ٿو. عالمي سطح تي ساک بهتر ٿيڻ سان سيڙپڪاري، واپار ۽ سفارتي لاڳاپن ۾ بهتري اچي سگهي ٿي، پر اهو سڀ ڪجهه ان وقت ممڪن ٿيندو جڏهن پاڪستان هن موقعي کي صحيح نموني استعمال ڪري. هتي اهو چئي سگهجي ٿو ته اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ايران-آمريڪا ڳالهيون صرف ٻن ملڪن جي وچ ۾ تڪرار جي خاتمي جي ڪوشش نه آهن، پر اهي عالمي امن لاءِ هڪ اهم قدم آهن. پاڪستان جو ڪردار هن سڄي عمل ۾ انتهائي اهم آهي ۽ جيڪڏهن اهي ڪوششون ڪامياب ٿين ٿيون ته پاڪستان نه رڳو خطي ۾ پر سڄي دنيا ۾ امن جي علامت طور سڃاتو ويندو.

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ عالمي سطح جون ڳالهيون ۽ شريڪ ٿيندڙ شخصيتون

اسحاق سومرو

اسلام آباد ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي نتيجن جو پوري دنيا بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهي آهي. پهريون ڀيرو پاڪستان کي انهن اهم ڳالهين جي ميزباني ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيو آهي. ان سان گڏ ٻنهي ملڪن جي نمائندگي ڪندڙ شخصيتن جي شهرت ۽ سڃاڻپ پڻ انتهائي اهم ۽ دلچسپ آهي. خاص طور تي آمريڪي وفد جي ميمبرن جو ڪردار دنيا جي سفارتي ۽ جنگي معاملن ۾ نهايت اهم رهيو آهي. آمريڪي وفد ۾ شامل 45 سالن جو جيريڊ ڪشنر جيڪو اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو ناٺي آهي. هن 2009ع ۾ ٽرمپ جي ڌيءَ ايوانڪا ٽرمپ سان شادي ڪئي. سندس والد چارلس ڪشنر هڪ ريئل اسٽيٽ ڊولپر ۽ ماضيءَ ۾ سزا يافته ڏوهاري رهيو آهي، جنهن کي 2020ع ۾ ڊونلڊ ٽرمپ طرفان معافي ڏني وئي هئي. چارلس ڪشنر اڳوڻي آمريڪي صدر بل ڪلنٽن ۽ هيلري ڪلنٽن سان به ويجها لاڳاپا رکندو رهيو آهي. جيريڊ ڪشنر جو ڏاڏو جوزف ڪشنر هولوڪاسٽ مان بچي 1949ع ۾ آمريڪا لڏي آيو هو.

جيريڊ ڪشنر 2006ع ۾ "نيو يارڪ آبزرور" اخبار خريد ڪئي. هو شروعاتي طور ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪيترن ئي ڊيموڪريٽ اڳواڻن کي مالي مدد ڏيندو رهيو، پر 2016ع ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. هن ڊونلڊ ٽرمپ جي صدارتي مهم ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪجهه وقت لاءِ مهم مئنيجر طور به ڪم ڪيو. 2017ع کان 2021ع تائين ٽرمپ جي پهرين صدارت دوران هن سينيئر صلاحڪار طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هو هڪ آرٿوڊوڪس يهودي خاندان سان تعلق رکي ٿو.

ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي پهرين صدارتي دور ۾ جيريڊ ڪشنر کي اسرائيلي-فلسطيني تڪرار ۾ امن لاءِ ثالثيءَ جو ذميوار مقرر ڪيو، جيتوڻيڪ کيس وچ اوڀر جي معاملن يا پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪو خاص تجربو نه هو. 24 آگسٽ 2017ع تي ڪشنر اسرائيل جو دورو ڪري وزيراعظم بنجمن نيتن ياهو سان ملاقات ڪئي، جنهن سان سندس ذاتي ۽ خانداني لاڳاپا رهيا آهن. جنهن سبب فلسطينين ۾ بي اعتمادي پيدا ٿي. ان کان پوءِ هن فلسطيني صدر محمود عباس سان پڻ ملاقات ڪئي.

28 جنوري 2020ع تي ڊونلڊ ٽرمپ، بنجمن نيتن ياهو سان گڏ وائيٽ هائوس ۾ پريس ڪانفرنس دوران جيريڊ ڪشنر جي تيار ڪيل "ابراهيمي معاهدي" جو اعلان ڪيو. ان تقريب ۾ گڏيل عرب امارات، بحرين ۽ عمان جا نمائندا پڻ شريڪ هئا. ڪشنر موجب هن ان منصوبي تي ٽن سالن تائين ڪم ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ 25 کان وڌيڪ ڪتابن جو مطالعو ڪيو.

ان ڳالهين جي نتيجي ۾ آگسٽ 2020ع ۾ گڏيل عرب امارات ۽ اسرائيل جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيا، جيڪي اڳ غير رسمي سطح تي هئا. بعد ۾ "ابراهيمي معاهدو" عملي شڪل اختيار ڪئي، جيڪو اسرائيل ۽ عرب ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي معمول تي آڻڻ لاءِ اهم قدم هو. ڪشنر کي وچ اوڀر ۾ سندس ڪوششن تي ٻه ڀيرا نوبل امن انعام لاءِ نامزد پڻ ڪيو ويو.

آڪٽوبر 2025ع ۾ سي بي ايس نيوز سان ڳالهائيندي جيريڊ ڪشنر چيو ته جڏهن هو جنگبنديءَ کان پوءِ آمريڪي سفير اسٽيو وٽڪوف سان گڏ غزه ويو ته اتي تباهيءَ جا منظر ڏسي حيران ٿي ويو. هن چيو ته اهو لڳي رهيو هو ڄڻ ڪنهن علائقي تي ايٽم بم ڪيرايو ويو هجي، جتي هر شيءِ تباهه ٿي چڪي هئي. هن وڌيڪ چيو ته اسرائيل کي هاڻي وچ اوڀر سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ ۽ فلسطيني عوام جي بهتريءَ لاءِ سنجيده قدم کڻڻ گهرجن.

آمريڪي وفد جو ٻيو اهم ميمبر جيمس ڊيوڊ وينس آهي، جيڪو هڪ آمريڪي سياستدان ۽ ليکڪ آهي ۽ آمريڪا جو نائب صدر پڻ رهي چڪو آهي. سندس زال اوشا وينس هندو مذهب سان تعلق رکي ٿي ۽ پنهنجي عقيدي تي قائم آهي، جڏهن ته وينس پاڻ 2019ع ۾ ڪيٿولڪ مذهب اختيار ڪيو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ غربت، خانداني تڪرارن ۽ ماءُ جي منشيات جي مسئلن جهڙن ڏکين حالتن کي به منهن ڏنو آهي.

آمريڪي وفد جو ٽيون ميمبر اسٽيون چارلس وٽڪوف آهي، جنهن جي عمر 69 سال آهي. هو هڪ ريئل اسٽيٽ ڊولپر، سيڙپڪار ۽ وٽڪوف گروپ جو باني آهي. 2025ع کان هن کي وچ اوڀر لاءِ آمريڪا جو خاص سفير مقرر ڪيو ويو آهي. هن اڳ به اهم سفارتي ڪردار ادا ڪيا آهن. وٽڪوف پنهنجي ڪيريئر جي شروعات وڪيل طور نيو يارڪ سٽي ۾ ڪئي، جتي ڊونلڊ ٽرمپ سندس ڪلائنٽ رهيو. ٻنهي جي ملاقات 1986ع ۾ ٿي، جيڪا بعد ۾ ڪاروباري ۽ ذاتي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. وٽڪوف وچ اوڀر ۾ سفارتي ڪوششن ۾ سرگرم رهيو آهي ۽ اسرائيل- حماس جنگ دوران جنگبنديءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس ڪوششن سان 2025ع ۾ جنگبنديءَ جا معاهدا ٿيا ۽ يرغمالين جي مٽاسٽا عمل ۾ آئي، جنهن سان ڪيترن ئي ماڻهن کي آزادي ملي.

ٻئي طرف ايران جي وفد ۾ شامل باقر قاليباف پوليٽيڪل جاگرافي ۾ پي ايڇ ڊي رکندڙ آهي ۽ تهران جو اڳوڻو ميئر رهيو آهي، جڏهن ته هن وقت ايران جي پارليامينٽ جو اسپيڪر آهي. ايراني وفد جو ٻيو اهم ميمبر وزير خارجه عباس عراقچي آهي، جيڪو انٽرنيشنل رليشنز ۾ ڊاڪٽوريٽ رکي ٿو ۽ دنيا جي اهم سفارتڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو.

اسلام آباد ۾ هلندڙ انهن اهم ڳالهين ۾ هڪ ئي وقت مسلمان، يهودي ۽ عيسائي مذهبن سان تعلق رکندڙ اڳواڻ شريڪ آهن. آمريڪي وفد جا اڪثر ميمبر ڊونلڊ ٽرمپ جا ويجها ساٿي آهن، جنهن سبب ڳالهين جي ڪاميابيءَ جا امڪان وڌيڪ نظر اچي رهيا آهن. جيڪڏهن اهي ڳالهيون ڪامياب ٿيون ته نه رڳو وچ اوڀر پر سڄي دنيا تي مثبت اثر پوندا.

آمريڪا جي فضائن مان

اسلام آباد اڪارڊ: خاموش وقفو يا ايندڙ طوفان جي تمهيد؟

راجا زاهد اختر خانزاده

صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪالهه اعلان ڪيو ته ايران سان ڳالهيون "سٺي نموني هلي رهيون آهن"، پر ساڳي ساهه ۾ هن اهو به چيو ته جيڪڏهن آبنائي هرمز نه کوليو ويو ته ايران جي توانائي منصوبن ۽ پلن کي تباهه ڪيو ويندو. هڪ هٿ ۾ زيتون جي ٽاري ۽ ٻئي ۾ بمبار جو بٽڻ اهوئي هن سموري ڪهاڻيءَ جو اصل روح آهي. ست اپريل تي ايران ۽ آمريڪا ٻن هفتن جي جنگبنديءَ جو اعلان ڪيو. دنيا ساهه کنيو، اسٽاڪ مارڪيٽون مٿي ويون ۽ عالمي ميڊيا ان کي ڪاميابي قرار ڏنو پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته جنگيون انهن لمحن ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿيون، جڏهن انهن کي ختم سمجهيو وڃي ٿو. هيءَ جنگبندي امن ناهي، هڪ وقفو آهي ۽ ٻاويهه اپريل تي اهو وقفو ختم ٿي ويندو. اسلام آباد جي سيرينا هوٽل ۾ اڄ کان اها ملاقات ٿيڻ وڃي رهي آهي جيڪا 1979 جي اسلامي انقلاب کان پوءِ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ سڀ کان اعليٰ سطح جي ڳالهه ٻولهه هوندي. آمريڪي وفد جي قيادت نائب صدر جي ڊي وينس ڪندو. هن سان گڏ خاص ايلچي اسٽيو وٽڪوف ۽ صدر ٽرمپ جو ناٺي جيرڊ ڪشنر هوندو. ايران طرفان پارليامينٽ اسپيڪر محمد باقر قاليباف وفد جي سربراهي ڪندو، جڏهن ته وزيرخارجه عباس عراقچي به شامل هوندو. پاڪستان طرفان وزيراعظم شهباز شريف، آرمي چيف جنرل عاصم منير، وزير خارجه اسحاق ڊار ۽ قومي سلامتي صلاحڪار عاصم ملڪ ميزباني ڪندا. اهي سڀ نالا پڙهي لڳي ٿو ته دنيا واقعي هن لمحي کي سنجيدگيءَ سان وٺي رهي آهي پر سنجيدگي ۽ ڪاميابي ٻه الڳ شيون آهن. ڳالهيون اڃا شروع نه ٿيون آهن پر اڳ ئي انهن ۾ ڏار نظر اچن ٿا. قاليباف جو چوڻ آهي ته ڏهن نقطن واري فريم ورڪ جي ٽن شقن جي ڀڃڪڙي ٿي چڪي آهي. لبنان ۾ اسرائيلي حملا ٿيا، سوين شهري مارجي ويا، هزارين زخمي ٿيا. واشنگٽن چوي ٿو ته لبنان جنگبنديءَ جو حصو ناهي جڏهن ته تهران ان کي سڀ کان وڏي ڀڃڪڙي قرار ڏئي ٿو. هيءُ ئي اهو خال آهي جيڪو ڳالهين جي ميز لڳڻ کان اڳ ئي کلي چڪو آهي. هاڻي اسرائيل حزب الله سان ڳالهين جو اشارو ڏنو آهي پر هن خال جي پٺيان ايران جو ايٽمي پروگرام بيٺو آهي. لڳ ڀڳ ٽي سئو حملن باوجود اهو مسئلو اڄ به برقرار آهي. آمريڪا ۽ اسرائيل ايٽمي پروگرام جي مڪمل خاتمي جو مطالبو ڪن ٿا، جڏهن ته ايران صاف انڪار ڪري چڪو آهي يعني جنگ جو بنيادي سبب اڃا زنده آهي. هن سموري ڪهاڻيءَ جو اسٽريٽيجڪ مرڪز آبنائي هرمز آهي. دنيا جو ويهه سيڪڙو تيل هن تنگ آبي رستي مان گذري ٿو. جڏهن ايران ان کي بند ڪيو ته تيل سو ڊالر في بيرل کان مٿي هليو ويو، عالمي مارڪيٽون لرزي ويون ۽ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ اثر محسوس ٿيو. ايران رڳو چين، روس، هندستان، عراق ۽ پاڪستان جي جهازن کي گذرڻ جي اجازت ڏني. اهو بغير گولين جي ٺاهيل سياسي نقشو آهي. جيڪو ساٿ ڏئي ٿو ان کي رستو ملي ٿو، جيڪو مخالف آهي اهو سمنڊ ۾ ڦاٿل رهي ٿو.

هڪ طرف آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبنديءَ کي اڳتي وڌائڻ جون ڪوششون جاري آهن ته ٻئي طرف تازين رپورٽن هن عمل تي سوال اٿارين ٿيون. صدر ٽرمپ ايران تي الزام لڳايو آهي ته اهو آبنائي هرمز مان گذرندڙ ٽينڪرن کان ٽول وٺي رهيو آهي ۽ فوري طور تي ان کي بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. جڏهن ته ايران جي قيادت واضح ڪيو آهي ته هن اهم آبي رستي جو ڪنٽرول هاڻي انهن وٽ آهي ۽ ان جو استعمال شرط ۽ سياسي دٻاءُ تحت ٿيندو. سوين جهاز اڃا به آبنائي هرمز ۾ ڦاٿل آهن ۽ عالمي توانائيءَ جي فراهمي غير يقينيءَ جو شڪار آهي. علي خامنه اي جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مجتبيٰ خامنه اي اقتدار ۾ آيو آهي. هاڻي هيءُ اهو ايران ناهي جيڪو دٻاءُ ۾ پوئتي هٽي وڃي. سندس پهريون اعلان آبنائي هرمز کي بند رکڻ ۽ بين الاقوامي ايٽمي اداري سان تعاون ختم ڪرڻ هو. ايران ڪجهه ضرور وڃايو آهي، ڪجهه ايٽمي صلاحيت، ڪجهه فوجي اڳواڻ پر پنهنجي حڪومت بچائي، خودمختياري برقرار رکي ۽ عالمي نگرانيءَ کي ڪمزور ڪيو. آمريڪا هن جنگ ۾ وڙهي رهيو آهي پر ڪٽڻ جو رستو صاف نظر نٿو اچي. ان جو قومي قرض ڇٽيهه ٽريلين ڊالر کان مٿي ٿي چڪو آهي. هر بم ۽ هر ميزائل قرض جي پئسن سان هلي رهيو آهي. پينٽاگون وڌيڪ ٻه سئو ارب ڊالر دفاعي بجيٽ جي درخواست ڏني آهي. جيڪڏهن روزانو جنگ جو خرچ لڳ ڀڳ ٻه ارب ڊالر آهي ته ٻه سئو ارب لڳ ڀڳ سئو ڏينهن جي وڏي جنگ لاءِ ڪافي ٿي سگهن ٿا. اهو پاڻ ۾ هڪ وڏو اشارو آهي ته تياري مختصر جنگ لاءِ ناهي. ٻئي طرف يورپ، جيڪو پاڻ کي متوازن طاقت سمجهندو هو، هن بحران ۾ سڀ کان وڌيڪ بي وس نظر آيو. ان جي توانائي ضرورتون ان کي وچ اوڀر سان ٻڌي ڇڏين ٿيون ۽ ان جون پاليسيون اڳواٽي ڪرڻ بدران رڳو ردعمل تائين محدود رهيون آهن ۽ هن سڀ جي وچ ۾ هڪ طاقت آهي جيڪا نه وڙهي رهي آهي نه گهڻو ڳالهائي رهي آهي پر سڀ کان وڌيڪ کٽي رهي آهي، اهو آهي چين. چين هن جنگ ۾ هڪ به گولي نه هلائي پر پردي پٺيان سڀ کان سرگرم رانديگر آهي. نيويارڪ ٽائمز موجب چين ايران کي پاڪستان جي جنگبندي تجويز قبول ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. گڏيل قومن ۾ جڏهن آبنائي هرمز بابت قرارداد آئي جنهن جي حمايت ۾ يارهن ووٽ هئا ته چين ۽ روس ويٽو ڪري ڇڏيو، جڏهن ته پاڪستان ووٽنگ ۾ حصو نه ورتو. چين جو موقف هو ته قرارداد "اصل مسئلن" کي ظاهر نٿي ڪري. حقيقت اها آهي ته چين ايران کان سستو تيل خريد ڪري رهيو آهي، پنهنجي جهازن لاءِ خاص رستا حاصل ڪري چڪو آهي ۽ پاڪستان سان گڏ امن تجويزون به ڏئي رهيو آهي. جيڪڏهن آمريڪا ڦاٿو ته ان کي ڊگهي جنگ ڪرڻي پوندي، جيڪا ان کي مالي طور ڪمزور ڪندي. جيڪڏهن ناڪام ٿئي ٿو ته پيٽرو ڊالر نظام متاثر ٿيندو ۽ "پيٽرو يوان" لاءِ رستو کلي ويندو. بيلٽ اينڊ روڊ، برڪس، شنگهائي تعاون تنظيم، اهي سڀ هڪ نئين عالمي نظام جو بنياد آهن جيڪي خاموشيءَ سان رکجن ٿا.

پاڪستان هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نازڪ موڙ تي بيٺو آهي. ان جي ثالثيءَ ان جي منفرد لاڳاپن تي ٻڌل آهي. آمريڪا، ايران ۽ خليجي ملڪن سان لاڳاپا، پر اهو ڪردار جيترو اهم آهي اوترو خطرناڪ به آهي. سعودي عرب سان دفاعي لاڳاپا، ويهه ملين شيعه آبادي، بلوچستان ۾ بي چيني ۽ توانائي ۽ معيشت تي وڌندڙ دٻاءُ. پاڪستان رڳو ثالثي نه پيو ڪري، اهو پاڻ به هڪ وڏي جيوپوليٽيڪل چڪر ۾ داخل ٿي رهيو آهي. هن جنگ جي سڀ کان وڏي قيمت عام ماڻهن ادا ڪئي آهي. لبنان ۾ هزارين ماڻهو مارجي چڪا آهن، لکين بي گهر ٿي ويا آهن ۽ هڪ پوري نسل هن باهه جي راک ۾ پلجي رهي آهي. عالمي predictionمارڪيٽن ۾ به اهو عڪس صاف نظر اچي ٿو. Polymarketتي ٻه سئو ملين ڊالر کان وڌيڪ شرط لڳي چڪو آهي. مڪمل امن معاهدي جا امڪان صرف ويهه کان چاليهه سيڪڙو آهن جڏهن ته جنگبندي ٽٽڻ جا امڪان ٽيهه کان پنجاهه سيڪڙو تائين آهن يعني جيڪي ماڻهو پنهنجو پئسو لڳائن ٿا، اهي به امن کان وڌيڪ طوفان تي يقين رکن ٿا. عالمي تجزيه نگارن موجب هن جنگ جو مستقبل ٽن رستن مان ڪنهن هڪ طرف وڃي سگهي ٿو. پهريون، سفارتڪاري ڪامياب ٿئي پر ان جا امڪان گهٽ آهن ڇاڪاڻ ته اعتماد تقريباً ناهي. ٻيو، جنگ محدود پر جاري رهي. پراڪسي جنگيون، ڊرون حملا، علائقائي ٽڪراءُ، جيڪو سڀ کان وڌيڪ ممڪن منظرنامو آهي ۽ ٽيون، سڀ کان خطرناڪ هڪ ننڍي غلطي، هڪ حملو ۽ اهو توازن ٽٽي وڃي ۽ باهه پوري دنيا ۾ پکڙجي وڃي. اسلام آباد جون گهٽيون صاف ڪيون پيون وڃن، سيرينا هوٽل خالي ڪيو ويو آهي ۽ دنيا جا طاقتور ماڻهو هڪ ميز تي ويهڻ وارا آهن پر جڏهن بنيادي زخم موجود هجن ته پٽي ٻڌڻ سان علاج نٿو ٿئي. دنيا هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي رهي آهي جتي جنگيون مختصر نه پر ڊگهيون، پيچيده ۽ غير واضح هونديون جتي فتح جو مطلب دشمن کي مڪمل شڪست ڏيڻ نه، پر پاڻ کي برقرار رکڻ هوندو ۽ هن ڪهاڻيءَ جو سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته سڀ کان وڏي فتح اها آهي جيڪا بغير وڙهڻ حاصل ٿئي. هن سموري صورتحال جو خلاصو اهو آهي ته هيءَ جنگبندي امن نه، پر هڪ وقفو آهي. هڪ اهڙو وقفو جنهن ۾ ٻئي ڌريون ساهي کڻي رهيون آهن، پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري رهيون آهن ۽ ايندڙ مرحلي لاءِ تياري ڪري رهيون آهن. دنيا هڪ اهڙي موڙ تي بيٺي آهي جتي نه ڪو مڪمل فاتح آهي نه مڪمل شڪست خورده. اصل سوال اهو ناهي ته هيءَ جنگبندي ڪيترو وقت هلندي، اصل سوال اهو آهي ته جيڪڏهن اها ٽٽي ته پوءِ دنيا ڪهڙي هوندي؟

پاڪستان ۽ سنجيده سفارتي ڪاميابي!

مير قائم خان ٽالپر

مون اهي لفظ لکڻ جي لاءِ ڪيترن سالن تائين انتظار ڪيو آهي ۽ اهو اوهان سوچي به نٿا سگهو. آخرڪار اهو وقت اچي ويو آهي جو آئون پنهنجا اهي لفظ لکي رهيو آهيان. اڄ مون کي پنهنجي پاڪستاني هجڻ تي فخر محسوس ٿي رهيو آهي. اڄ منهنجو ملڪ دنيا جي قومن جي وچ ۾ هڪ اهڙي امن پسند ملڪ طور اڀريو آهي جنهن جو مثال تاريخ جي ويجهڙائي ۾ نٿو ملي. حقيقت ۾ هيءَ شايد اسان جي ملڪ جي تاريخ جو سڀ کان وڏو ڏينهن آهي. اچو ته هن ڳالهه تي غور ڪريون ۽ ان تي ويچار ڪريون ته دنيا هن صديءَ جي شروعات ۾ ئي هڪ اهڙي جنگ جي ور چڙهي وئي هئي جيڪا لڳ ڀڳ هر گهر جي چوکٽ تائين پهچي چڪي هئي. اڄ به اسان هن جنگ کي مڪمل طور ختم ٿيل نٿا سمجهون ۽ دعا ڪريون ٿا ته هيءَ جنگبندي برقرار رهي جيستائين ڳالهيون مڪمل طور ڪامياب ٿين ۽ دنيا کي جنگ جهڙي ماحول مان نجات ملي. غور ڪريو منهنجا نوجوانو هيستائين ڇا ٿيو آهي؟ امريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪجهه وقت اڳ چيو هو ته اڄ رات هڪ پوري تهذيب کي آئون ختم ڪري ڇڏيندس. اها اڱارو 7 اپريل جي صبح هئي جنهن ڏينهن آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ جي لاءِ سندس ئي مقرر ڪيل ڊيڊ لائن ختم ٿيڻ واري هئي. آئون پنهنجي پڙهندڙ نوجوانن کي عرض ڪندو هلان ته اهي لفظ ائٽمي هٿيارن جي استعمال جي هڪ منحوس ڌمڪيءَ جيان ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. خاص طور تي جيڪڏهن اوهان صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انهيءَ ڌمڪي کي امريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جي انهن بيان ڪيل لفظن سان ملائيندا ته اوهان کي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انهيءَ ناپاڪ عزائم جو يقين ٿي ويندو. جي ڊي وينس چيو ٿو ته امريڪا وٽ اهڙا هٿيار موجود آهن جن کي اسان اڃا تائين استعمال نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيئن جيئن ڊيڊ لائن ويجهو آئي باخبر مبصرن، نيوز چينلز ۽ اخبارن انهن هوائي اڏن تان اڏامندڙ وڏن بمبار جهازن جون تصويرون شيئر ڪيون، جيڪي ايران ڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ جن جو رستو ستن کان اٺن ڪلاڪن جي پرواز تي مشتمل هو. اهي تصويرون يادگيريون زندگيءَ جي سڀ کان خوفناڪ ۽ خطرناڪ لمحن مان هڪ هيون. آئون عرض ڪريان منهنجا پڙهندڙ نوجوانو تنهنڪري اها فطري ڳالهه آهي ته جڏهن پهريون ڀيرو پاڪستاني وزيراعظم ميان شهباز شريف جي هڪ ٽوئيٽ ذريعي اها خبر آئي ته جنگ بندي جو معاهدو طئي ٿي ويو آهي ته خوشيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي وئي. ميان شهباز شريف جي انهيءَ ٽوئيٽ کانپوءِ اسان امريڪا ۽ ايران پاران توثيق ۽ تصديق جو بي صبريءَ سان انتظار ڪرڻ لڳاسين ۽ پوءِ اها توثيق ۽ تصديق ڪجهه ڪلاڪن کانپوءِ مختصر مختصر خبرن جي ذريعي ملي وئي. سوچو، اسان جي دور جي سڀ کان گهڻي تباهي آڻيندڙ جنگ کي اڃا به ڪنهن وڏي تباهيءَ ۾ بدلجڻ کان اڳ ئي روڪڻ ۽ پاڪستان جو انهيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ اهو ڪو معمولي ڪارنامو نه آهي. منهنجا نوجوانو سوشل ميڊيا تي يا Aiجي ٺهيل ڪلپن تي جنگن جا منظر ڏسي پنهنجي فيس بڪ پيجن تي رکڻ ڏاڍو آسان ڪم آهي پر جتي عملن جنگ هلي رهي هوندي آهي اتي جون حالتون اوهان محسوس ئي نٿا ڪري سگهو. اهڙا لمحا به آيا جڏهن لڳو ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو. هاڻي به، هيءُ معاهدو مڪمل طور تي حتمي ناهي ۽ ٻيهر جنگ شروع ٿيڻ جو خطرو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. اسرائيل اڃا به لبنان تي شديد بمباري ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪري لبنان جي پارليامينٽ جي اسپيڪر پاڪستاني سفير کي فون ڪري زور ڏنو ته هو اسرائيلي جارحيت کي روڪڻ جي لاءِ انهن تي دٻاءُ وجهي. بهرحال مختلف ميڊيا چينلن جي ذريعي ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته اسرائيل ۽ لبنان به هڪ ٻئي سان سڌي طرح معاملات طئي ڪرڻ جي لاءِ ڳالهين جي ميز تي اچي رهيا آهن. اها به هڪ خوش آئند خبر آهي. ٻئي پاسي ايران جي اها شرط قبول ڪرڻ ته هو آبنائي هرمز کي ٻيهر کولي ڇڏيندو، اها به مشروط آهي ۽ اسان ڏسي رهيا آهيون ته اهي شرط ڪهڙا آهن. مون کي اهو ناممڪن لڳي ٿو ته ايران جهاز راني جي آزاديءَ کي اهڙي طرح بحال ڪندو جهڙي جنگ کان اڳ هئي پر بين الاقوامي سامونڊي قانون جي دائري ۾ رهندي آبنائي هرمز تي مڪمل ڪنٽرول برقرار رکڻ جي لاءِ ايران کي عمان جي تعاون جي ضرورت پوندي ڇاڪاڻ ته آبنائي هرمز جو هڪ اهم حصو عمان جي علائقائي حدن ۾ پڻ اچي ٿو. بهرحال جيڪا ڳالهه واضح آهي اها اها آهي ته ڊونلڊ ٽرمپ ئي جنگبنديءَ جي معاهدي لاءِ ڪوششون ڪيون جيتوڻيڪ هو ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ جي صلاحيت رکندو هو، ايتري قدر جو هڪ پوري تهذيب کي تباهه ڪرڻ جون ڌمڪيون به ڏيندو رهيو، پر هو هن جنگ جي پيدا ڪيل معاشي اثرن کان پڻ متاثر ٿيندو ويو. ياد رکو ته حقيقي لاهه چاڙهه اڃا دنيا ۾ اچڻا آهن ڇاڪاڻ ته ملڪن 2025ع جي پوري سال ۽ 2026ع جي شروعات کان مارچ تائين تيل جو ذخيرو ڪري رکيو هو. جيئن جيئن دشمني وڌندي وئي ۽ آبنائي هرمز بند رهيو، اهي ذخيرا ختم ٿيڻ لڳا، تيل جي قيمتن ۾ اسان جيڪو به اضافو ڏٺو اهو صرف انهيءَ جو آغاز هو جيڪو آبنائي هرمز جي جلدي نه کلڻ جي صورت ۾ سامهون آيو. ايران سان ڳالهين جو سبب اهو هو ته امريڪا پاڻ به وڌيڪ دير تائين تيل جي وڌندڙ قيمتن کان محفوظ نه رهي سگهيو ٿي. ياد رکو منهنجا نوجوانو معاشي ڌڪ کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت ترقي يافته ملڪن ۾ گهٽ هوندي آهي. امريڪي معيشت جي مضبوطيءَ تي ڪو شڪ ناهي پر هتي ڳالهه امريڪي صارف جي ٿوري به تڪليف برداشت ڪرڻ جي صلاحيت بابت آهي. پيٽرول پمپن تي تيل جون قيمتون وڌڻ ۽ مارگيج يعني گهرن جي قرضن جون قسطون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳڻ کانپوءِ امريڪا ۾ صدر خلاف عوامي مزاج تمام تيزي سان تلخ ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪري هنن جو سڄاڳ معاشرو پنهنجي رستي ۾ اچڻ واري معاشي طوفان کان باخبر هو. هنن کي خبر هئي ته جيڪڏهن جنگ ڊگهي ٿئي ٿي ته تيل جي تنصيبات کي پهچندڙ نقصان وڌي ويندو ۽ آبنائي هرمز جي بندش ڊگهي ٿيڻ جي صورت ۾ جيئڻ جنجال ٿي ويندو. آخرڪار عوام جي سڄاڳي ڏسي ۽ محسوس ڪندي ٽرمپ امن جي لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون ڇاڪاڻ ته هن ايران جا ارادا ڏسي ورتا ته هو آخر تائين ويندا. اها ڳالهه واضح آهي ته پوءِ ڊونلڊ ٽرمپ ئي جنگ جو خاتمو چاهيو، جيتوڻيڪ هن انهيءَ جنگ کي غلط مفروضن جي بنياد تي شروع ڪيو هو. اهو ٽرمپ ئي هو جنهن جنگ ختم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجون شرطون پيش ڪيون، جيتوڻيڪ اوهان کي ياد هوندو ته شروعات ۾ هن غير مشروط هٿيار اڇلائڻ کان گهٽ ڪنهن به شيءِ جو مطالبو نه ڪيو هو؟ آخرڪار هو انهيءَ تان دستبردار ٿي پنهنجي 15 نقطن تي آيو ۽ جن کي ڏسي ايران 10 نقطن تي ٻڌل هڪ جامع امن معاهدي تي راضي ٿيو. تاريخ ۾ هيءَ جنگ هميشه ياد رکي ويندي ڇاڪاڻ ته هيءَ جنگ پنهنجي دور جي هڪ سپر پاور ۽ 47 سالن کان پابندين لڳل هڪ وچولي طاقت جي وچ ۾ جنگ هئي. اڃا به اهم چيلنجز باقي آهن، جيتوڻيڪ دشمنيءَ جو خاتمو ۽ انهيءَ کانپوءِ سٺي ريت ڳالهيون هڪ وڏو قدم آهي. ياد رکو ڪجهه ذريعن موجب صدر ڊونلڊ ٽرمپ جنگ ۾ ايران سان ڳالهين جي لاءِ پاڪستان کان مدد گهري آهي. آئون عرض ڪريان ٽائيٽينڪ ٻڏي رهيو هو، آرڪيسٽرا وڄي رهيو هو ۽ ٽائيٽينڪ جو ڪپتان اهو سمجهي رهيو هو ته جيستائين موسيقي هلندي رهندي جهاز نه ٻڏندو پر برفاني ٽڪري کي موسيقيءَ سان ڪو فرق نه پيو ۽ ياد رکو تاريخ خطرن جي پرواهه نٿي ڪري. آخر ۾ آئون ايران ۽ امريڪا جي هنن ڳالهين جي ڪاميابي جي دعا گهرندي ڪنفيوشس جي هن چوڻيءَ تي گفتگو ختم ڪريان ٿو ته اسان پنهنجي توانائي انهن سوالن تي ضايع نه ڪريون جن جو جواب في الحال اسان وٽ آهي ئي ڪونه، بلڪ جيڪي هن وقت اسان جي سامهون ٿي رهيو آهي انهيءَ تي ئي پنهنجي توجهه مرڪوز رکون. ياد رکو جنگ ڪندڙ ڌرين جي لاءِ آبنائي هرمز جي ذريعي نارمل سامونڊي اچ وڃ جي بحالي انتهائي ضروري آهي پر انهيءَ جي لاءِ ايران جي منظوري مشروط آهي. ايندڙ چيلنجز جي باوجود، اسان کي فخر ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان هڪ سنجيده سفارتي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ هاڻي انهن ڳالهين کي هڪ جامع امن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار مڪمل ڪري. آمين!

سنڌ جا تعليمي ادارا ۽ نياڻين جي تحفظ جو سوال

دعا نور سنڌي

سنڌ جي ڌرتي، جيڪا علم، شعور ۽ امن جي علامت رهي آهي، اڄ ان ئي ڌرتيءَ تي تعليمي ادارن مان نياڻين جا لاش ملڻ هڪ انتهائي افسوسناڪ ۽ ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي. اهڙا واقعا نه رڳو سماج جي شعور تي سوال اٿارين ٿا پر تعليمي ادارن جي ساک تي به وڏو سواليه نشان بڻجي بيٺا آهن. هر روز هراسان ڪرڻ، قتل ۽ خودڪشي جا ڪيس سامهون اچڻ، هڪ خطرناڪ رجحان ڏانهن اشارو ڪن ٿا. ميرپورخاص جي محمد ميڊيڪل ڪاليج جي ٽئين سال جي ذهين شاگرديائي فهميده لغاريءَ جو پراسرار موت به اهڙي ئي هڪ دردناڪ ڪڙي آهي، جنهن سماج کي هڪ ڀيرو ٻيهر جهٽڪو ڏنو آهي. فهميده لغاري ڪا عام ڇوڪري نه هئي پر پنهنجي ڪلاس جي ٽاپ ڪندڙ ۽ مستقبل جي هڪ اميد هئي. سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته اهڙي باصلاحيت شاگرديائيءَ آخر ڪهڙين حالتن سبب موت کي قبول ڪيو؟ سندس وارثن پاران لڳايل الزام انتهائي سنگين ۽ ڌيان طلب آهن. محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ پروفيسر ۽ ڪجهه شاگردن تي بليڪ ميلنگ ۽ هراسان ڪرڻ جا الزام ظاهر ڪن ٿا ته اسان جي تعليمي ادارن ۾ منظم گروهه ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪي معصوم نياڻين جي زندگين سان کيڏڻ ۾ ملوث آهن. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هي ڪو نئون مسئلو ناهي. ماضيءَ ۾ به ڪيترائي اهڙا واقعا سامهون اچي چڪا آهن. 2017ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي نائلا رند، 2019ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي نمرتا ڪماري ۽ 2021ع ۾ نوشين شاهه جا ڪيس اڄ به ماڻهن جي ذهنن ۾ تازا آهن. انهن ڪيسن ۾ هڪجهڙايون انتهائي ڏڪائيندڙ آهن. گهڻو ڪري ادارن طرفان انهن کي جلدبازيءَ ۾ خودڪشي قرار ڏنو ويو، جڏهن ته حقيقتون ڪجهه ٻيون ئي ٻڌائين ٿيون. نمرتا ڪماري ۽ نوشين شاهه جي رپورٽن مان ظاهر ٿيو ته انهن سان جنسي زيادتي ڪئي وئي هئي، جيڪا انتهائي سنگين صورتحال جي عڪاسي ڪري ٿي. اهڙي صورتحال ۾ اهم سوال اهو آهي ته ادارن جون انتظاميا خاموش ڇو آهن؟ ڇو هر ڀيري حقيقتن کي لڪايو وڃي ٿو؟ ڇا اداري جي بدنامي هڪ انسان جي جان کان وڌيڪ اهم آهي؟ سنڌ جي اڪثر تعليمي ادارن ۾ هراسان مخالف ڪميٽيون رڳو ڪاغذن تائين محدود آهن. جڏهن ته عملي طور انهن جو ڪو اثر نظر نٿو اچي. شاگرديائين کي اهو خوف هوندو آهي ته جيڪڏهن هو آواز اٿارينديون ته سندن مستقبل تباهه ڪيو ويندو. اهڙي ماحول ۾ والدين جو ڪردار به اهم بڻجي وڃي ٿو. کين گهرجي ته پنهنجي ٻارن سان اهڙو اعتماد وارو تعلق قائم ڪن، جيئن هو بي خوف ٿي پنهنجون پريشانيون شيئر ڪري سگهن. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته صرف انڪوائري ڪميٽين تي ڀاڙڻ بدران عملي قدم کنيا وڃن. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته تعليمي ادارن ۾ نفسياتي ڪائونسلنگ کي لازمي بڻايو وڃي ۽ هراسان ڪرڻ جي ڪيسن جي جاچ لاءِ آزاد جوڊيشل ڪميشن قائم ڪئي وڃي. ان سان گڏوگڏ، سائبر ڪرائيم ونگ (FIA) سان سڌي ريت رابطو قائم ڪري بليڪ ميلنگ جي واقعن تي فوري ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي.

اڄوڪو ڏينهن - 11 اپريل

گوپ بشنداس ڪملاڻي



هندستاني فلمن جي هن مشهور سنڌي اداڪار اڄوڪي ڏينهن تي 1913ع ۾ حيدرآباد ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هو. پنهنجي مزاحيه اداڪاريءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو. هن 1933ع ۽ 1957ع جي وچ واري عرصي ۾ 100 کان به وڌيڪ هندي فلمن ۾ مزاحيه اداڪاري ڪري ڏسندڙن جي منهن تي مرڪون پکيڙيون. هن جي پهرين فلم "انسان يا شيطان" هئي جيڪا 1933ع ۾ رليز ٿي. سندس ٻين مشهور فلمن ۾ هندستان هماري، مرزا صاحبان، پتنگا ۽ جوڙي جوڙي شامل آهن. هن جي آخري فلم تيسري گلي هئي ۽ انهيءَ ئي فلم جي سيٽ تي 19 مارچ 1957ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

محمد آچر نظير

محمد آچر نظير پنهنجي دور جو هڪ پختو شاعر ۽ محنتي استاد هو. هن جو جنم 11 اپريل 1930ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي تاريخي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ ٿيو. هو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ هيڊماسٽر طور رٽائر ٿيو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، خاص طور تي سندس غزل مشهور آهن.

فضل احمد بجاڻي

اڄوڪو ڏينهن مشهور ليکڪ ۽ سنڌيڪار فضل احمد بجاڻيءَ جون ساروڻيون کڻي آيو آهي. نامور محقق ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ مطابق هن جي جنم جي تاريخ 11 اپريل 1934ع آهي. سندس واسطو ٽنڊي الهيار جي مشهور بجاڻي خاندان سان هو. سندس والد خانصاحب محمد چٽل بجاڻي ٽنڊي الهيار جي مشهور سماجي شخصيتن مان هڪ هو. تعليم پوري ڪرڻ بعد هن مختلف نوڪريون ڪيون ۽ پنهنجا ڪاروبار شروع ڪيا پر آخرڪار سمورن دنياوي ڌنڌن کي ڇڏي پنهنجي حياتي تصنيف، تاليف ۽ مطالعي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. پاڻ هڪ سٺو شاعر ۽ نثرنويس هو پر سندس اصل سڃاڻپ هڪ سنڌيڪار طور آهي. هن ڪيترائي ڪتاب انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا جن ۾ "سپون"، "ڪازبو"، "عاشي"، "روح جي ڳولا"، "سڌارٿ"، "سزا جا سڪ"، "آسيه-عاشيءَ جي واپسي"، "تصوير جو خون" ۽ "سورن ساٿيڙاس" شامل آهن. هن پنهنجي ساروڻين تي مشتمل ڪتاب "اڳي ايئن هياس" پڻ لکيو. هو 23 آگسٽ 1987ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

پروفيسر عبدالاحد ابڙو



اڄ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري جي سابق وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙي جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر ابڙي جو جنم دادو شهر ۾ 11 اپريل 1945ع تي حاجي پير محمد ابڙي جي گهر ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري مان 1968ع ۾ سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. اڳتي هلي امپيريل ڪاليج آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي لنڊن مان اسٽرڪچرل انجنيئرنگ ۾ ماسٽر ڊگري ۽ ساؤٿيمپٽن يونيورسٽيءَ مان انجنيئرنگ ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن نيدرلينڊز جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ ڊاڪٽورل ريسرچ پڻ ڪئي. هن 1973ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) ۾ سول انجنيئرنگ واري شعبي ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي انهيءَ شعبي جي پروفيسر ۽ چيئرمين طور ذميداريون سنڀاليائين. پاڻ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ ڊين آف ٽيڪنالاجي ۽ ٻين اهم عهدن تي رهي ڪم ڪيو. هن 1988ع کان 1991ع تائين مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور ڪم ڪيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه عرصو پرسٽن يونيورسٽيءَ جي ڊين طور ذميداريون سنڀاليائين. خضدار يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۽ قائد عوام يونيورسٽيءَ جي لاڙڪاڻي واري ڪئمپس ۾ پڻ پروفيسر طور ڪم ڪيائين. پاڪستان سرڪار سندس تعليمي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس ستاره امتياز سان نوازيو.

ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ

اڄ مشهور ترقي پسند سياستدان مرحوم ارباب کهاوڙ جي جنم جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ 11 اپريل 1947ع تي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر وارهه ۾ پيدا ٿيو. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري ڊاڪٽر بڻيو. سياست جي سٽي ننڍي هوندي کان ئي پيتل هئس. هو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان، جيئي سنڌ ۽ سنڌ قومي محاذ جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو. هن وطن دوست انقلابي پارٽيءَ جو به بنياد رکيو. ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتائين. هو هڪ سٺو ليکڪ ۽ صحافي پڻ هو. هو سنڌ دوست رسالي جو ايڊيٽر به رهيو. هن 13 مارچ 2016ع تي وفات ڪئي.

ابراهيم ڪرل

سنڌ جي هن نامور اديب ۽ تعليمي ماهر 11 اپريل 1967ع تي خيرپور ميرس ۾ مولوي بخش ڪرل جي گهر ۾ اکيون کوليون. هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون ۽ تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. اڄڪلهه ايسوسيئيٽ پروفيسر طور علم جون ڏياٽيون ٻاري رهيو آهي. هن کي ادب ۽ ادبي سرگرمين سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهي آهي ۽ پاڻ سنڌي ادبي سنگت خيرپور شاخ جو ڪيترائي ڀيرا سيڪريٽري رهي چڪو آهي. هن هڪ بهترين ڪهاڻيڪار ۽ شاعر طور ادبي دنيا ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي. هن يارهن کن ڪتاب لکيا آهن جن ۾ ڪهاڻيون، شاعري ۽ مضمون وغيره شامل آهن.

مختيار شيدي


مختيار انڙ

اڄ مشهور راڳيءَ ۽ نوحه خوان مختيار شيديءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. کيس مختيار قمبراڻيءَ جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو. هو 11 اپريل 1968ع تي روهڙي تعلقي جي ڳوٺ ٻوراهو ۾ ڄائو. ننڍپڻ انتهائي غربت ۾ گذاريائين. ڳائڻ سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ هئس. راڳ جي باقاعدي سکيا استاد رسول بخش ابڙي کان ورتائين.



ريڊيو پاڪستان خيرپور تي هن کي پروڊيوسر مختيار ملڪ متعارف ڪرايو. هن جي ڳايل ڪلامن جون ڪيسٽون سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيون. 2006ع ۾ موسيقي ڇڏي فقط نوحه خواني ڪرڻ شروع ڪيائين. هن جي نوحن جون اٽڪل 50 وڊيو ۽ آڊيو ڪيسٽون رليز ٿيون. هن 5 اپريل 2015ع تي وفات ڪئي.

ڪوثر هالائي

اڄ نامور شاعر ڪوثر هالائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو ڪوثر حسين پنهيرو آهي ۽ سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1971ع ۾ هالا پراڻا ۾ ٿيو. پاڻ سنڌ جي سرموڙ شاعر سوز هالائيءَ جو پٽ آهي. هن پرائمري ۽ ثانوي تعليم هالا پراڻا مان ۽ اعليٰ ثانوي تعليم هالا نوان مان حاصل ڪئي. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، خاص طور تي وائيءَ جي صنف ۾ چڱو نالو پيدا ڪيو اٿس. اڄ سندس سالگرهه جي موقعي تي اسان کيس جنم ڏينهن جون مبارڪون پيش ڪريون ٿا.

شهناز رانجهاڻي

هن مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياسي ورڪر خاتون جو جنم 11 اپريل 1977ع تي پريا شهر ويجهو ڳوٺ منگهو ۾ علي محمد رانجهاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن پهرين ڪلاس کان مئٽرڪ تائين پريا شهر مان تعليم ورتي. ان بعد نوشهري فيروز مان گريجوئيشن ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (سوشالاجي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. هن 2004ع ۾ عورتن جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ۽ انهن جي حل لاءِ "مومل ويلفيئر ايسوسيئيشن" جو بنياد رکيو. 1996ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو پاران جاري ڪيل "نيشنل پروگرام فار دي فيميل پلاننگ اينڊ پرائمري هيلٿ ڪيئر" ۾ سپروائزر مقرر ٿي. هن انهيءَ کاتي ۾ ٽن سالن تائين ايل ڊي سي جي عهدي تي رهي پڻ ڪم ڪيو. هن آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر ايسوسيئيشن جي سرپرست ۽ آل پاڪستان ليڊي هيلٿ ورڪر ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽريءَ طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. هوءَ ٽماهي ليڊي هيلٿ ورڪر ايسوسيئيشن پبليڪيشن جي ايڊيٽر پڻ رهي آهي. ان کان علاوه پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن ۽ پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلع نوشهروفيروز جي سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار پڻ رهي آهي.

نواب سيف الله خان مگسي



اڄ مشهور سياستدان ۽ مگسي قبيلي جي سردار نواب سيف الله خان مگسيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 1924ع ڌاري شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سياسي ميدان ۾ پير پاتائين. سندس والد نواب محبوب خان مگسيءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي هن کي مگسي قبيلي جي سردار طور پڳ ٻڌرائي. هو شهدادڪوٽ ۽ ميرو خان تڪ تان ٻه ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. هن کي 11 اپريل 1969ع ۾ شهيد ڪيو ويو.

مولانا علي محمد حقاني

اڄ مشهور ديني عالم مولانا علي محمد حقانيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. مولانا صاحب 1908ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر نئين ديري ۾ امير بخش سومري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم عاقل ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ ديني ۽ دنيوي تعليم لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف مدرسن مان حاصل ڪيائين. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پهريائين عاقل ڳوٺ ۾ ۽ بعد ۾ خيرپور ميرس جي ڳوٺن ڪرڙاهه فيض گنج ۽ پڪا چانگ ۾ درس ۽ تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. اڳتي هلي لاڙڪاڻي ۾ جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث نالي هڪ وڏو مدرسو کوليائين. جميعت علماءِ اسلام لاڙڪاڻي ضلعي جو امير به رهيو. تحريڪ ختم نبوت ۽ تحريڪ نظام مصطفيٰ سان سندس سلهاڙ رهيو. هن سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا. قرآن شريف جو تفسير پڻ لکيائين. کيس چار پٽ هئا جن مان سينيٽر مولانا خالد محمود سومرو سنڌ جي مشهور ديني ۽ سياسي شخصيتن مان هڪ هو. هن بزرگ 11 اپريل 2011ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

هري دريائي دلگير

اڄ برک سنڌي شاعر هري دريائي دلگير جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 15 جون 1916ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو هري گرڏنومل دريائي هو. هن ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. ان بعد ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي ايس سي ۽ اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ بيچلر ڊگري حاصل ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ به اٽڪل ٻارهن سال سنڌ ۾ رهيو. ان بعد پهريائين ممبئيءَ ۾ ۽ بعد ۾ آديپور ۾ وڃي وسايائين. 1959ع ۾ ٽولاڻي انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو جتان 1979ع ۾ رٽائر ڪيائين. شاعريءَ ۾ نواز علي نياز سندس استاد هو. شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ڪوڏ"، "ماڪ ڦڙا" (نارائڻ شيام سان گڏ)، "موج ڪئي مهراڻ"، "پل پل جو پڙلاءُ"، "رولو آواز"، "جهنگلي گل"، "لهرن لڪ لباس"، "اڪيلو چنڊ"، "جيءَ جيءَ ٽي جيءَ" ۽ "گلهه ڪليا گس گس" شامل آهن. هن 11 اپريل 2014ع تي پرلوڪ پڌاريو.

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 499 سال 2026

مسمات سويرا زال آصف علي ڪانڊرو ڌيءَ انور ڪانڊرو رهندڙ بلديه ڪالوني حيدرآباد سيل نمبر 03013594479 ..پلينٽف..بخلاف.. آصف علي ڪانڊرو ولد علي اصغر ڪانڊرو رهندڙ محله حسين آباد گدو ناڪو پناڻ ڳوٺ لطيف آباد حيدرآباد. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 07 سال 2026

مسمات رفعت ڌيءِ محمد هاشم رهندڙ محله مومن وارڊ نمبر 2 فيڪٽري روڊ ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف..بخلاف.. شاهه جهان علي ولد شوڪت علي رهندڙ گلشن حديد بن قاسم ٽائون فيز 2 گهر نمبر A-2364 ڪراچي 03332394185. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاور اماؤنٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 19 سال 2026

مسمات فوزيه ڌيءَ محرم علي سولنگي رهندڙ سنڌڙي چوڪ تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف..بخلاف.. راجا ولد پير بخش سولنگي رهندڙ ريلوي اسٽيشن تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ريسٽوريشن آف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر 44 سال 2026

مسمات زليخان بيواهه مرحوم محمد حسن لنڊ رهندڙ ڳوٺ گل لنڊ ديهه 47 نصرت بي نو 60 ميل تعلقو دولتپور ..ايپليڪنٽ..بخلاف.. (1) زرينه حسين (2) منير حسين (3) نذير حسين (4) امير حسين سڀ پٽ مرحوم محمد حسين لنڊ (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. رسپونڊنٽس

نالي مٿئين رسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10,25,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) ضمير حسين (2) فوزيه علي (3) صغير علي بابت سنڌن پراپرٽي پلاٽ نمبر 09 ايراضي 1176 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 167/4 واقع ديهه 86 نصرت نوابشاهه تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين سوٽ نمبر 06 سال 2026

محمد نشاد ولد محمد سليم ذات ملڪ رهندڙ محله عباسي وارڊ نمبر 03 ٽائون سعيد آباد ضلعو مٽياري ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) سيما (2) محمد شهزاد (3) ظفر سليم (4) محمد اعجاز (5) محمد بلال (6) سمير (7) عبدالوهاب (8) ابو هريره سڀ پٽ ڌيئرون محمد سليم رهندڙ محله عباسي وارڊ نمبر 03 ٽائون سعيد آباد ضلعو مٽياري (9) ناظر سينئر سول جج سعيد آباد (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج... اپوننٽس (11) حنظلا ولد محمد سليم ... مائنر

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب علي احمد ڄان)
سڪسيشن درخواست نمبر 10 سال 2026

مسمات فرزانه زال محمد اسلم ڪلهوڙو (مرحوم) ذات ڪلهوڙو رهندڙ سبحان الله ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو ..ايپليڪيشن..بخلاف.. (1) سهيل (2) احسان (3) اعجاز اسلم (4) فرحان اسلم (5) مسمات حميرا (6) مسمات سلميٰ (7) مسمات سونهن (8) ڪومل (9) صدف (10) محمد صديق سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم محمد اسلم ڪلهوڙو رهندڙ سبحان الله ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (11) مينيجر اينا بينڪ صدر برانچ حيدرآباد (12) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ بي درخواست زير قلم 32 رول 3 آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت پراپرٽي ۽ اينا بينڪ صدر برانچ حيدرآباد جو اڪائونٽ نمبر 066070232000 رقم -/276,766.77 بابت داخل ڪيل آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

عام اطلاع

جيئن ته نالي علي محمد ولد محمد خان ويٺل ڳوٺ عارف ڪنڀار تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد محمد خان ولد علي محمد ڪنڀار جيڪو ريسرچ سينٽر ٽنڊو ڄام ۾ فيلڊ بيلدار هو تاريخ 2026-01-22 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وراثتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات دريا خاتون (بيواهه) (2) علي محمد (پٽ) (3) حامد علي (پٽ) (4) صابر علي (پٽ) (5) فاطمه (ڌي) هن کان علاوه اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) اعظم علي ولد مختيار علي ڪنڀار (2) غلام مصطفيٰ ولد شمير خاصخيلي جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۽ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي جائز وارثن جي نالي وراثتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪئي ويندي

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي عبدالغفار ولد محمد بچل ويٺل ڳوٺ پنهور ڪيري آزيرو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد محمد بچل [illegible] تاريخ 14-02-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وراثتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) عبدالجبار (پٽ) (2) عبدالغفار (پٽ) (3) الله ڏنو (پٽ) (4) مسمات تهذيب النساء (ڌي) (5) [illegible] هن کان علاوه اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) [illegible] (2) [illegible] جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۽ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي جائز وارثن جي نالي وراثتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪئي ويندي

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي غلام رسول ولد بروج ذات سهتو درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي بروج ولد حاجي محمد سومار سهتو تاريخ 10-01-2011 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر332تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر 70/3 to 16, 79/1 to8, 9 to16, 80/1 to16, 81/ 1 to 16, 82/4,5,95/1 to 16, 105/4.12 to 15, 106/1 to3,6 to 11.15.16 , 107/1 to6 , 108/1 to 3, 119/1to6,120/1to 16.770/6 ٽوٽل 37-128 مان حصي موجب ايراضي 19-64 1/2 رڪارڊ موجب آهي جنهن جي فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام حاجي سومار سهتو ديهه نمبر 332 ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن جنهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) غلام رسول (پٽ) (2) معشوق علي (پٽ) (3) وسندي (ڌي) (4) شمير (ڌي) (5) حڪيمان (ڌي) (6) ڄامان (ڌي)هر خاص و عام کي اطلاع ڏيو ٿو ڪجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته اشاعت شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي رحمت الله ولد عظيم خان ڪوسو ويٺل ڳوٺ حاجي فضل ڪوسو تعلقو ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي عظيم خان ولد حاجي سرور خان تاريخ 01-10-2007 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي ۾ زرعي زمين ديهه آرائين ٽپو مٽياري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) رحمت الله (پٽ) (2) شڪرعلي (پٽ) (3) مهر علي خان (پٽ) (4) ٻهر علي (پٽ) (5) مدد علي (پٽ) (6) روشن علي (پٽ) (7) مسمات شاهل ڪوسو (ڌي) (8) مسمات رابعه ڪوسو (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس والد/ والده/ گهرواري فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) وجي احمد ولد ميرل خان ڪوسو (2) نجب دين ولد محمد سليمان خان ڪوسو جن ڳوٺ حاجي فضل خان ڪوسو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ ڪري اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۽ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

[redacted]

گر هو ۽ اڄ اسان کي لاش مليو آهي وڌيڪ اسان جاچ ڪري رهيا آهيون هن وڌيڪ ٻڌايو ته فوتي شخص حال ويٺل ڪوٽڙي ۽ اصل اٽڪ جو رهواسي آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

[redacted]

سان ٻڌا ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل آفيسن کي فوري حل جا حڪم جاري ڪيا. جڏهن ته ڪجهه معاملن تي شفاف انڪوائري ڪرائي جلد کان جلد رپورٽ پيش ڪرڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون.

[redacted]

پوليس تي بي اعتمادي ظاهر ڪندي چيو آهي ته هن ايف آءِ آر ۾ يونيورسٽي جي مالڪ جو نالو ٻهڻ ڏيڻ پئي چاهيو پر پوليس اُن جي نالو ايف آءِ آر ۾ شامل نه ڪيو وڃي. ڪيس جي فريادي افتخار لغاري موجب نجي يونيورسٽي ۾ جيڪي بهه ماسرا ٿين ٿا انهن جي يونيورسٽي جي مالڪ کي ڄاڻ آهي. جاچ ۾ ميڊيڪل ڪاليج جي مالڪ کي شامل ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته وڏي وزير، صوبائي وزيرن، آئي جي سنڌ سميت ضلعي جي پوليس جي اعليٰ عملدارن پاران نوٽس وٺڻ باوجود اسان جي احتجاج بعد پوليس ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته جيڪا ڪميٽي جوڙي وئي آهي ان کان اسان کي اميد ناهي ڇاڪاڻ ته اهو ڪيو اسان کي خدشو آهي ته پوليس ميڊيڪل ڪاليج انتظاميه کي بچائڻ چاهي ٿي اسان امن پسند ماڻهو آهيون انصاف نه مليو ته سجي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويندا هوڏانهن آپگهات ڪندڙ نياڻيءَ جي تڏي تي مختلف سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي آمد جو سلسلو جاري آهي.

[redacted]

سائبر ڪرائم دادو ڪيس ۾ 30 هزار روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالتي ڪارروائي دوران جوابدار جي وڪيل ايڊووڪيٽ ارون ڪمار ڏليل ڏيندي چيو ته قانون موجب سائبر ڪرائم پوليس کي 60 ڏينهن اندر چالان پيش ڪرڻو هو پر 7 مهينا گذرڻ باوجود چالان پيش ناهي ڪيو ويو جڏهن ته فريادي ڌر ۽ پوليس پاران ڪيس جي مسلسل پيروي نه ڪرڻ سبب جوابدار بنا جواز جيل ۾ قيد آهي. ياد رهي ته هي ڪيس دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي جيئو جماڻي جي مدعيت ۾ ڪردار ڪشي ۽ سنگين ڌمڪين جي قلمن تحت داخل ڪيو ويو هو جيڪو بعد ۾ ايف آءِ اي کي منتقل ٿي سائبر ڪرائم ڪورٽ پهتو هو عدالت ٻنهي ڌرين جا ڏليل ٻڌڻ کانپوءِ جوابدار جي ضمانت ته منظور ڪئي آهي. پر مخدوم جنيد جاني خلاف ڪراچي، دادو ۽ سکر ۾ وڌيڪ ڪيس داخل هئڻ سبب هو هن وقت سکر جيل ۾ قيد آهي.

[redacted]

پورو جوڳي جي ڏاڙهي: مڇون ۽ وار ڪوڙي ذلت جو نشانو بڻايو ويو جيڪا وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ باوجود پوليس ڪا به ڪارروائي عمل ۾ آڻي نه سگهي جي نوجوان جي ذلت واري واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ چوپول آهي ته نوجوان جي پسند جي شادي ڪرڻ تي اهڙو واقعو پيش آيو آهي ٽنڊو محمدخان ضلعي جي سول سوسائٽي اڳواڻن پاران اهڙي واقعي جي سخت مذمت ڪندي واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

[redacted]

سندس کيسي مان هڪ چاقو ۽ ٻه موٽرسائيڪل جون چابيون پڻ مليون چور جي سڃاڻپ علي رند جي نالي سان ٿي جيڪو شهدادپور جي هنگورو روڊ جو رهواسي آهي. ماڻهن چور کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو علائقي جي رهواسين جي چوڻ آهي ته هن اڳ ۾ به هن هنڌ تان ٽي موٽرسائيڪلون چوري ڪيون آهن جڏهن ته هڪ نوجوان جي ڪي سڃاڻپ ٿي وئي ۽ چيو ته هن چار يا پنج ڏينهن اڳ منهنجي سپر اسٽار موٽرسائيڪل به چوري ڪئي هئي. سندس پوليس اسٽيشن ۾ رپورٽ درج ڪئي وئي آهي. پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

[redacted]

تعليمي ادارن ۾ حراسمينٽ جا وڌندڙ واقعا ڳڻتي جوڳا آهن ۽ جيڪڏهن اڳين واقعن تي ڪارروائي ٿئي ها ته اهڙو واقعو پيش نه اچي ها. هن چيو ته اهڙين حالتن سبب والدين ۾ بيچيني وڌي رهي آهي ۽ نياڻين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي. هن اختيارين کان خبردار ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

فرياد تي حد جي حيدري ٿاڻي تي داخل ڪيو پر هن وقت تائين پوليس جوابدار سهڙي جي گرفتاري لاءِ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي. ويتر مقتول مؤس کي حصي طور مليل 8 جريب زرعي زمين تي سهڙي منظور جتوئي ۽ بااثر ڀاءُ پوليس اهلڪار وزير جتوئي زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ۽ سمورو فصل پڻ ڪاٽي کڻي رهيو آهي. اسان کي ڪجهه به نه ٿو ڏنو وڃي. اهڙي ڏانهن باقراڻي ٿاڻي تي جيئو سميت ايس پي آفيس لاڙڪاڻو ۾ پڻ ڏني آهي. پر تنهن باوجود بااثر پوليس اهلڪار خلاف ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي وئي ۽ نه ئي وري زمين تان قبضو ختم ڪرايو ويو آهي. جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مؤس جي قتل ڪيس ۾ ملوث سنڌس ڀاءُ کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

پيٽ گذر ڪندو آهيان. هن الزام لڳايو ته گذريل رات مان پنهنجي آٽوز هلائيندڙ دوست علي بخش جاگيراڻي سان گڏجي موٽرسائيڪل تي وسند شاخ کان لاڙڪاڻي شهر اچي رهيو هيس ته نئين بس اسٽاپ جي پوليس چوڪي انچارج محسن ڏاهاڻي تلاشي بهاني رستو روڪي گهر سوري جي لاءِ آيل پئسن مان 42 هزار رپيا ڦر ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون بعد ۾ اسان کي سي آءِ اي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جتي جاچ بعد پوليس اسان کي ڇڏي ڏنو هن چيو ته اسان محسن ڏاهاڻي کان اڳين پئسن جي گهر ڪئي جيڪو پئسا گهرڻ تان ڦل ڦرڻ ۽ هاڻ ڦرڻ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جيڪا وڏي ناجائزي آهي. هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته چوڪي انچارج محسن ڏاهاڻي کي هٽائي ڦر ڪيل 42 هزار رپيا واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

چاڪاڻ ته موجوده مالي سال اڃا جاري آهي ۽ ان جو مڪمل ڊيٽا سال جي آخر ۾ ئي

دستياب ٿيندو. رپورٽ جي نتيجن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت محدود ۽ غير برابر آهي.

[redacted]

سيد اويس قادر شاهه چيو ته 10 اپريل 1973 قومي اتفاق راءِ ۽ جمهوري استحڪام جي علامت آهي. 1973 جو آئين ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني ۽ آئيني بالادستي جي بنياد آهي. سيد اويس قادر شاهه موجب آئين جي پاسداري مضبوط جمهوريت ۽ مستحڪم پاڪستان جي ضمانت آهي.

[redacted]

سان تعزيت دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ڄامشورو شهر اندر شراب جو گٽو کولڻ بابت چيو ته اسان ان کي بند ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ڪوٽڙي ۾ صوبائي وزير جي کليل ڪچهري ۾ ڳالهايو هو ته بند ٿيو هو وري جيڪڏهن بيهر گٽو کليو آهي ته عوام جو شديد احتجاج ٿيندو ته عوام منع ڪري رهيو آهي ته هن کي بند ڪيو وڃي يا هن کي ٻئي هنڌ شفٽ ڪيو وڃي.

[redacted]

ميرپورخاص جي ابن سينا محمد ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي فهميده لغاري جي مبينا هراسمينٽ ۽ آپگهات واري واقعي خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو مظاهري جي شاگرد اڳواڻ چيو ته سنڌ جي تعليمي ادارن اندر نياڻين کي مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي.

[redacted]

يوسف قيصراڻي ذوالفقار قيصراڻي صدام قيصراڻي ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي سنڌن سروي زمين ۾ زبردستي ڪوٺلي ڪوٺائي جو ڪم بند ڪرائي ڪين موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهن جنهن جي رپورٽ انڊس ڪول مائينز ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر پوليس ڪوبه قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي هنن وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين حق ۽ انصاف ڏنو وڃي بي صورت ۾ ڪمپني آڏو بک هڙتال ڪئي ويندي

[redacted]

وٺي هئي. عدالت آئيني درخواست تي ٻڌڻي تي عدالت اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو کي درخواست جي شڪايت طور وٺي قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ٻڌڻي دوران اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل غلام عباس ڪبر پيش ٿيو جڏهن ته وڪيل طارق حسين راجپر جوابدارن طرفان وڪالت نامو جمع ڪرايو عدالت مختيارڪار جي بيان ڪانپوءِ حڪم ڏنو ته لاڳاپيل اختيارين هڪ مهيني اندر مڪمل ڪري قبضا ختم ڪرائي رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪن. ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 06 مئي 2026 تائين ملتوي ڪئي وئي. واضح رهي ته قبرستان جي سرڪاري زمين تي ڄاڻايل جوابدار عبدالقدير، عبدالحميد، عبدالمجيد، شبير ۽ عبدالقدير سميت ٻين مبينا قبضو ڪيو هو جنهن کي عدالت پاران خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

[redacted]

متياري اربين روپين جو مقروض بڻجي ويو آهي. ڏوهارن کان وصولي ۽ بجلي چوري خلاف لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ جلد مثبت نتيجا سامهون ايندا.اعجاز شيخ وڌيڪ چيو ته ڪرپشن بابت سڀ رپورٽون ثبوتن سان گڏ حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو کي پيش ڪيون وينديون ته جيئن ملوث آفيسرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري سگهجي هن ٻڌايو ته اندرون سنڌ ۾ 41 زيرو لوڊشيڊنگ فري فيڊر قائم ڪيا ويا آهن. جنهن سان بجلي جي فراهمي . عوام کي رليف ڏيڻ سان حيسڪو کي فائدو ملي رهيو آهي.هن واضح ڪيو ته حيسڪو ڪنهن به بااثر شخصيت لاءِ نه پر عوام کي رليف ڏيڻ ۽ اداري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. جڏهن ته متياري ۾ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ ثبوت ڏنا وڃن اهي رپورٽون اعليٰ اختيارين سان شيئر ڪري ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

[redacted]

لهر چانڊي وٺي آهي. ان حوالي سان شيعا علماءِ ڪائونسل، مجلس وحدت المسلمين ۽ انجمن العباس سيوهڻ جي اڳواڻ خادم حسين رونجهو صفدر حسين نجفي، نظير سوموو سيد شجاع حيدر شاهه ۽ ٻين چيو آهي ته درگاهه جو قديم علم پاڪ 300 سال پراڻو محرم شريف دوران سموريون رسمون انهيءَ علم پاڪ جي هيٺان ٿينديون آهن ۽ عزاداري جو مرڪز هوندو آهي ان جي حالت تمام خستو ٿي وئي آهي ۽ ڪمزور ٿيڻ ڪري ڪنهن به وقت شهيد ٿي سگهي ٿو ٻئي طرف صوبائي وزير اوقاف سيد رياض حسين شاهه شيرازي پڻ ڪالهه سيوهڻ پهچي درگاهه قلندر تي حاضري ڀري ته شيعا اڳواڻ صفدر حسين نجفي ۽ ٻين اڳواڻن ان کي علم پاڪ جو وزٽ ڪرائي زبون حالي بابت بريفنگ ڏني جنهن تي صوبائي وزير پاران چيف ڪين خاطري ڪرائي ته ڪمشنر حيدرآباد سان گڏجاڻي ڪري قديم علم پاڪ جي مرمت جو ڪم جلد شروع ڪيو ويندو. اهڙي خاطري بعد سيوهڻ واسين اطمينان جو اظهار ڪيو آهي.

[redacted]

رمضان شورو جميل ميمڻ عبدالڪريم نظاماڻي غلام قادر شورو ۽ ٻين چيو ته سينئر صحافي قاضي شمس بانڀڻ جي نوجوان ڀاٽيئي ڊاڪٽر امتياز بانڀڻ تي حملي آورن قاتلاڻو حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪيو آهي.

[redacted]

خلاف لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ جلد مثبت نتيجا سامهون ايندا.اعجاز شيخ وڌيڪ چيو ته ڪرپشن بابت سڀ رپورٽون ثبوتن سان گڏ حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو کي پيش ڪيون وينديون ته جيئن ملوث آفيسرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري سگهجي هن ٻڌايو ته اندرون سنڌ ۾ 41 زيرو لوڊشيڊنگ فري فيڊر قائم ڪيا ويا آهن. جنهن سان بجلي جي فراهمي . عوام کي رليف ڏيڻ سان حيسڪو کي فائدو ملي رهيو آهي.هن واضح ڪيو ته حيسڪو ڪنهن به بااثر شخصيت لاءِ نه پر عوام کي رليف ڏيڻ ۽ اداري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. جڏهن ته متياري ۾ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ ثبوت ڏنا وڃن اهي رپورٽون اعليٰ اختيارين سان شيئر ڪري ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

[redacted]

جي دڪان جا پڻ ڪنڊا ٽوڙي لکين روپين جو سامان چوري ڪيو ويو هو پوليس وٽ چورن جا نالا ڏيڻ باوجود پوليس هڪ ۾ چور جوابدار گرفتار ناهي ڪيو پوليس جي نااهلي سبب اڄ منهنجي دڪان تان چوري ڪئي وئي آهي. هن پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٿيل هزارين روپين جي چوري واپس ڪرائي بدامني تي ڪنٽرول ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

[redacted]

لک روپيا روڪ . موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا پوليس پاران ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي واضح رهي ته ٽنڊوآدم ۾ ڏوهي ڪاروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن رهواسين وس وارن کان امن امان قائم ڪرائي تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي

[redacted]

هدايتون جاري مهم دوران ريفيوزل ٻارن تي خاص ڌيان ڏنو ويو ۽ انهن کي اوليت جي بنياد تي ڪور ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته پوليو خلاف قومي مهم جي ڪاميابي قومي ذميواري آهي. تنهن ڪري والدين پيرو تعاون ڪن. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ٻڌايو ته ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ مهم دوران 4 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويندا هن وڌيڪ ٻڌايو ته ان مقصد لاءِ 1327 ٽيمون جوڙيون ويون آهن جن ۾ 1225 گشتي، 23 ٽرانزٽ ۽ 79 فڪسڊ ٽيمون شامل آهن.ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر موجب پوليو خلاف مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

[redacted]

خيرپور جو سرپرست اعليٰ خان محمد خان، صدر غلام قادر سومرو، خان محمد سولنگي، زبير سومرو، ياسر سيال، سيف الله قلبوٽو اسد الله ناريجو، رٽائرڊ ايگزيڪيوٽو انجنيئر واپڊا غلام حسين قلبوٽو جسقم جو وائيس چيئرمين امجد خان مهيسر معروف شاعر ۽ رٽائرڊ پرائڪاسٽر مختيار ملڪ اڳوڻي وڏي وزير سنڌ سيد قائم علي شاهه جي سيڪريٽري مظهر خان منگڪشاڻ، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر ڪامران قلبوٽو سميت وڏي انگ ۾ ٻين شرڪت ڪئي،شرڪت ڪندڙن عرفان قلبوٽو سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري.

[redacted]

هن الزام لڳايو ته پي پي جي حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. جنهن سبب ماڻهو سخت تڪليفن جي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته ق ليگ جو منشور عوامي ڀلائي جي بدل آهي ۽ اقتدار ۾ اچي صحت، تعليم، روزگار ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتري لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. معظم خان عباسي دعويٰ ڪئي ته سنڌن پارٽي وٽ قابل قيادت ۽ واضح حڪمت عملي موجود آهي. جنهن سان سنڌ کي ترقي جي راهه تي آندو ويندو. سندس اهو به چوڻ هو ته ق ليگ سنڌ جي هر ضلعي ۾ پنهنجي تنظيم کي مضبوط بڻائي رهي آهي ۽ ڪارڪنن ۾ نئون جوش ۽ جذبو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. هن چيو ته ايندڙ چونڊ مهم دوران عوامي رابطا مهم کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. آخر ۾ هن عوام کي اپيل ڪئي ته ايندڙ چونڊن ۾ ق ليگ

کي ووٽ ڏئي سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ سنڌن ساٿ ڏين.

[redacted]

باوجود ملڪ ۾ تيل جي اگهن ۾ برقرار واڌ وفاقي حڪومت جي انتظامي لاپرواهي کي ظاهر ڪري ٿي هنن چيو ته اسين ملڪ خاص ڪري سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ وفاقي حڪومت کي ۽ پاڪي پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت کي ٻه پاڪي ڀائيوار سمجهون ٿا. احتجاج ڪندڙن چيو ته مهانگائي عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. غريب ماڻهو ۽ پورهيت طبقو هڪ ويلو ٻه پيٽ ڀري ماني کائڻ کان قاصر آهن هنن وڌيڪ چيو ته تيل جي وڌندڙ اگهن سبب کاڌي پيتي سميت عام واپرائي جي شين جا اگها آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. جنهن سبب مسڪين ماڻهن جي روزمره جو ڪاروبار انتهائي متاثر ٿي چڪو آهي هن گهر ڪئي ته تيل توڙي گئس جا اگها اڌا گهٽائي عوام کي سستي اگهه تي شيون ڏئي ڪين رليف ڏنو وڃي.

[redacted]

خاصخيلي کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 18 ٻورا نشي آور سوپاريون هٿ ڪيون. جنهن بعد سنڌس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او غلام اصغر ٿيبو ٻڌايو ته ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق ڇانگا جي خاص هدايتن تي ڪوٽڙي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي. هن چيو ته مختلف علائقن ۾ ڪارروايون دوران لکين روپين جي ماليت جون نشي آور سوپاريون ۽ ڏاڙو هٿ ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به صورت ۾ منشيات فروشن کي بخش نه ڪيو ويندو ۽ سنڌن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون.

[redacted]

ٻنائڻ جي اڳواڻي مظاهرو ۽ ڌرڻو . ٽائون ڪي باهيون ڪيٽي روڊ بلاڪ ڪيو ويو.عورتن الزام هڻندي چيو ته في صورت ڪان سروي ڪرڻ لاءِ هڪ هزار رشوت وصول ڪئي پئي وڃي پئسا نه ڏيندڙ عورتن کي قطارن ۾ بيهاري رلايو پيو وڃي انصاف ڪري اسان جي سروي مڪمل ڪرائي وڃي. ڊرائي سبب بدين ٽنڊوباگو جو مک روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو.هنن ٻڌايو ته اسان گذريل هڪ هفتي کان تعلقي ٽنڊي باگي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان وڏا ڀاڙا خرچ ڪري رجسٽر سينٽر تي اچون پيا پر اسان جي سروي رجسٽر ۾ شامل نه ڪئي وڃي. اسان جي ڪير به داد رسائي نه پيو ڪري هنن وفاقي حڪومت ،بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرمين سميت ڊي سي بدين جي ڌيان ڏي مسئلي طرف ڇڪائيندي گهر ڪئي ته سينٽر اندر مبينا سفارش ۽ پئسن عيوض عورتن جي سروي بند ڪري قطار وائيز سڀني عورتن جي رجسٽريشن ڪري سروي مڪمل ڪئي وڃي ، ٻي طرف ٽنڊوباگو پوليس عورتن سان ڳالهيون ڪندي هڪ ڪلاڪ کان لڳل عورتن جو ڌرڻو ختم ڪرائي ڇڏيو

[redacted]

ناهي. تنهن ڪري فوري طور پينشن بحال ڪئي وڃي. تي پي پي اڳواڻ رئيس الطاف علي چانڊيو صاحب جن چيو ته پاڻ هر مظلوم انسان ذات جي ڏک ۾ برابر شريڪ آهيان ان کان علاوه هن جيڪب آباد ۾ سردار تيمور خان پنهور سردار مير اورنگزيب خان پنهور سردار سلمان خان پنهور جي مانجهاندي ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ چيو ته سنڌ ۾ پ پ واحد پارٽي آهي جن جا اڳواڻ عوام جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن ۽ انهن وٽ پ پ جي قربانيون ڏيندڙ ڪارڪن جو قدر آهي جڏهن ته واڌڻ ۾ هن سردار منور ڄهتيال سان ملاقات ڪري سنڌ جي سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ان موقعي تي سيٺ ساٽڪ لال شبير سولنگي پڻ ساڻس گڏ هيا

[redacted]

تعليم دشمن مافيا ادارن اندر ويهي شاگردن خاص طور نياڻين لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪري رهي آهي. جنهن سبب اهڙا افسوسناڪ واقعا جنم وٺن ٿا هن وڌيڪ چيو ته شاگردن کي مارڪن ايڊميشن فيسن ۽ ٻين معاملن ۾ بليڪ ميل ڪري ذهني دٻاءَ ۾ رکيو وڃي ٿو جيڪو انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي انهي ڪري ساڳي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪجهه وقت اڳ به واقعا پيش اچي چڪا آهن هي ٽيون دفعو بيهر ظالمن ظلم ڪيو آهي ايڊووڪيٽ زيشان انيس جوڻيجو وزيراعظم پاڪستان چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ وزير اعليٰ سنڌ کان مطالبو ڪيو ته فهميده لغاري جي خودڪشي ۾ ملوث پروفيسرن ۽ ڪاليج انتظاميا کي فوري طور گرفتار ڪري ڪين قانون مطابق سخت سزا ڏني وڃي.

[redacted]

نورمحمد منگي موجب ته گذريل مالي سال 2024-25 جاري هلندڙ مالي سال 2025-26 تي فوڪس ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ بجيٽ شفافيت محدود ۽ غير مساوي آهي.

[redacted]

حڪومت طرفان ڊي آر اي الائونس جي ادائيگي ۾ مسلسل دير ڪئي پئي وڃي. سرڪاري ملازمن سان نا انصافي آهي هنن چيو ته اسان ملازم پنهنجي گهرن جا خرچ ۾ نٿا هلائي سگهون جڏهن ته ضرورت جي شين جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن. هنن چيو ته اسان حڪومت سنڌ کان مطالبو ٿا ڪيون ته فوري طور تي ڊي آر اي الائونس جاري ڪيو وڃي ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

[redacted]

تي مکي صورت مل ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ايڇ او سوراهه هڪ بااثر وڏيري جي ونگار وهي رهيو آهي هن چيو ته مسمات نجي ملاح تي بيان ڏنو وڃي ته هو اسان کي نشي آور سوپاريون ڏنڪا ۽ ٻيون نشي آور شيون رکو ڪندي جي آهي جواب ڏيڻ تي ايس ايڇ او ڌمڪيون ڏيو پيو ۽ واپاري راڪيش ڪمار کي گرفتار ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هن پير صاحب پڳاري آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي هندو برادري کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ايس ايڇ او سوراهه پاران ڌمڪيون ڏيڻ ۽ پئسو وٺڻ روز جو معمول بڻيل آهي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ لاءِ اسان کي استعمال ڪري رهيو آهي جيڪڏهن هندو برادري سان پوليس ظلم جاري رهيو ته اسان ٻه ڏينهن ڏينهن ڊٿ لان ڪري هليا ويندا هن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي راڪيش ڪمار کي آزاد ڪيو وڃي.

[redacted]

پاليسين سبب زراعت ڏينهون ڏينهن تباهي طرف وڌي رهي آهي. جنهن سان هارين ۽ آبادگارن جو معاشي استحصال وڌي رهيو آهي. هنن چيو ته حڪومت پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائڻ سان نه رڳو عام ماڻهو متاثر ٿيو آهي پر خاص طور تي هاري ۽ آبادگار سخت بحران جو شڪار بڻجي ويا آهن.اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هن وقت آبادگار پوکائي لاءِ زمين جي تيارين ۾ مصروف آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي ڪڻڪ جي ٿريشر لڳڻ جو عمل جاري آهي. پر تيل جي وڌايل اگهن سبب هاري سخت متاثر ٿي رهيا آهن. هنن افسوس ظاهر ڪيو ته حڪومت زرعي جنسن جا مناسب اگهه مقرر ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي ۽ نه ئي ڀاڻ ٻج ۽ زرعي دوائن جي اگهن تي ڪو ڪنٽرول آڻي سگهي آهي.ڪانفرنس ۾ آبادگارن ڪڻڪ سميت ٻين فصلن جا اگها مارڪيٽ ۾ هٺ وٺي گهٽ ڪرايا پيا وڃن جڏهن ته ڀاڻ ٻج ۽ دوائن جا اگها بي قابو ٿي چڪا آهن. جنهن ڪري هاري سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن اڳواڻن چيو ته ڪڻڪ جو 3500 رپيا في من اگهه هارين لاءِ معاشي قتلام برابر آهي. جڏهن ته ڦٽي، مرچ، بصر ۽ ٽماٽر جا اگها به نهايت گهٽ آهن.هنن وڌيڪ چيو ته اڳ ئي ٽماٽو بصر ۽ ٻين زرعي جنسن جي اگهن سان ساڳيو سلوڪ ڪيو ويو جنهن سبب هارين کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو اڳواڻن الزام لڳايو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. جنهن سان هارين کان سندن زمينون کسي وڏين ڪمپنين حوالي ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي.پاڻي جي ڪوٽ بابت ڳالهائيندي هنن چيو ته پاڻي جي ٻه ڪوٽ ۾ ڪٽ سبب پڇڙين تائين پاڻي نه پهچڻ ڪري زراعت سخت متاثر ٿي رهي آهي. جڏهن ته مٿين علائقن ۾ پاڻي روڪي رکيو پيو وڃي.آخر ۾ اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي. زرعي جنسن جا اگهه فوري طور وڌايا وڃن. پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگها گهٽ ڪيا وڃن ۽ ڀاڻ ٻج ۽ زرعي دوائن جا اگها ڪنٽرول ۾ آندا وڃن. هن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ڪچي ۽ پڪي زمينن تان قبضا ختم ڪري اها زمين هارين ۾ ورهائي وڃي. هارين لاءِ خاص ڪوٽون ۽ ڪالونيون قائم ڪيون وڃن ۽ سندن ٻارن کي تعليم ۽ صحت جون مفت سهولتون فراهم ڪيون وڃن

[redacted]

چانيل آهي. ناري جو لاش قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد ڏيپلو پوليس پاران وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. مقامي پوليس پڻ واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته وارثن موجب ناري جو دماغي توازن برقرار نه هو ان ڪري خودڪشي ڪئي آهي. نوجوان کي زخمي حالت ۾ اسان کان وارث علاج لاءِ بدين کڻي ويا هئا. جتان حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته انهي واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ته جيئن واقعي جا اصل سبب سامهون اچي سگهن. ڇاڪاڻ ته نوجوان ناري جي مڱڻي سندس سڱوٽ سان ٿيل هئي. سندس مڱينديءَ به ناري جي مبينا خودڪشي بعد ٻڏي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. واقعي بابت اصل سبب معلوم ڪرڻ جي لاءِ مڪمل جاچ ڪئي ويندي.

باهه تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو جنهن سبب پهه سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سڙي رک بڻجي وئي واقعي سبب محمد حيات ملڪ کي وڏو مالي نقصان پهتو آهي جڏهن ته باهه لڳڻ جا سبب معلوم نه ٿي سگهيا آهن.

[redacted]

چانگ، حاجي ارباب احمد جوکيو ارشد علي مگنهار، وکيو مگنهار، عبدالجبار مگنهار ۽ غلام قادر مگنهار ڪئي اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته زبون ٿي ويل پل جي تعمير جو ڪم ڪافي عرصي کان التوا جو شڪار آهي جنهن سبب علائقي واسين کي روزاني بنيادن تي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته لاڳاپيل کاتا ۽ چونڊيل نمائندا بار بار آگاهي باوجود به مسئلي جي حل لاءِ سنجيده قدم کڻڻ کان قاصر نظر اچن ٿا. جنهن ڪري مقامي ڳوٺاڻن ۾ بيچيني وڌي رهي آهي خاص طور عورتن، شاگردن ۽ بيمارن کي آمدرفت ۾ شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو پر اختيارين طرفان ڪو به مؤثر بندوبست نٿو ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن چتاءُ ڏيندي چيو ته پل جي تعمير جو ڪم فوري طور نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ وڌيڪ سخت احتجاج ڪيو ويندو...

[redacted]

ڪريل حرڪتون ڪن ٿا جن کي روڪڻ تي سنڌن گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائين ٿا جنهن جي اين سي پنگريو ٿاڻي تي ڪرائي پر انهن کي سياسي پٺڀرائي حاصل هجڻ ڪري پوليس ڪين گرفتار نٿي ڪري هنن ايس ايس پي بدين آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته الهرکيو ڪوسو ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

[redacted]

شهيد نظير عباسي بهادر سچو اڳواڻ هو جنهن پورهيتن مزدورن هارين شاگردن جي حقن سميت عوام جي بنيادي مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ ۽ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ سچائي سان جدوجهد ڪندي شهادت حاصل ڪئي آمريت جي ظالمن شهيدنظير عباسي کي تاريخن سيلن ۾ تشددڪري ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو شهيد نظير عباسي انقلابي اڳواڻ هو جنهن عوام جي خاطر پنهنجي جان جي قرباني ڏئي ڇڏي اهڙا ماڻهو تاريخ ۾ سدائين امر هوندا آهن شهيد نظير عباسي کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا ڪامريڊ شرحيدرجتوئي خطاب ڪندي چيو ته موجوده وقت ۾ عوام مهانگائي سبب سخت پريشان آهي پيٽرول ڊيزل جي قيمت ۾ اضافي سبب عوام مهانگائي جي طوفان ۾ پريشاني واري صورتحال مان گذري رهيو آهي پيٽرول ڊيزل جي قيمت وڌڻ سبب مسافر گاڏين توڙي سامان کڻن وارن گاڏين جي ڀاڙن ۾ تمام وڏو اضافو ٿي ويو آهي جنهن سبب بازارن ۾ کاڌ خوراڪ جي شين سميت ڪپڙن توڙي دوائن جي قيمت ۾ واڌ سبب عوام مهانگائي جي طوفاني سبب سخت پريشان آهي ڪامريڊ شرحيدر جتوئي خطاب ڪندي چيو ته ڊيزل جي

قيمتن ۾ واڌ سبب آبادگار هاري سخت پريشاني مان گذري رهيا آهن ٽريڪٽر وسيلي ٿريشر هلائڻ هر ڪاهڻ سميت زرعي شعبي ۾ هر شي مهانگائي جي ور چڙهيل آهي يوريا ڀاڻ زرعي دوائن به مهانگيون ٿي ويون جنهن سبب آبادگار هاري زراعت جي ميدان ۾ خرچ وڌڻ سبب زراعت کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي اسان وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪريون ٿا ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ فوري طور گهٽائي ڪئي وڃي سنڌهاري ڪاميٽي جي ٻين اڳواڻن به خطاب ڪيو

[redacted]

سيڪريٽري بجلي حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو، ڊائريڪٽر آپريشن حيسڪو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته شفاف جاچ ڪرائي حيسڪو اندر موجود ڪرپشن ڪندڙن آفيسر

عملي خلاف سخت قانوني ڪارروائي صارفين کي رليف ڏنو وڃي

[redacted]

ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان صورتحال خلاف علائقي جي رهواسين احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته جيڪڏهن جلد مسئلو حل نه ڪيو ويو ته هو وڌيڪ سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. رهواسين حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي نيون اسٽريٽ لائٽون لڳايون وڃن ۽ خراب سولر لائٽس جي مرمت ڪرائي علائقي کي روشن ڪيو وڃي. جيئن ماڻهن کي محفوظ ۽ آسان آمدرفت جون سهولتون ملي سگهن.

[redacted]

تي جيل موڪلي ڇڏيو آهي. واضح رهي ته هڪ ڏينهن اڳ جوابدار غلام علي عرف علي حيدر جتوئي پنهنجي ڀاڄائي 45 ورهين جي بيواهه شاهده جتوئي زال مرحوم دلشاد جتوئي ۽ سندس نوجوان 18 ورهين جي ڌيءَ نفسه جتوئي کي مبينا طور قتل ڪري ٻنهي جا لاش سنڌو درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيا هئا. اهڙي واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪافي ڳولا بعد ٻنهي مقتول عورتن جا لاش درياهه مان ڪڍرائي ورتا هئا. پوليس موجب مقتولا شاهده خاتون جتوئي جي نڻان حاڪم خاتون جي فرياد تي شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن بعد جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب جوابدار وٽان واردات ۾ استعمال ٿيل پسٽل پڻ هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-FB-CB-DRLG-318499020-2026	CASING FOR BARAGZAI	13.05.2026 AT 1100 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see “Instruction for Bidders Section” of the tender documents.
5. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION WE EXPLORE PROSPERITY

NO:F-Tender(Gen:)/2026-2027/333

آفيس ڊپٽي ڊائريڪٽر خوراڪ، حيدرآباد ريجن

ڪمرو نمبر 109، گرائونڊ فلور، بلاڪ A، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد فون/فيڪس: 022-9200917، تاريخ: 09 اپريل 2026 ع

ٽينڊر نوٽيس گهرائجن ٿا 20026
هنگامي بنيادن تي ڪڻڪ جي ترسيل (FAQ)

ڪابينا جي ذيلي ڪميٽيءَ جي فيصلي ۽ مجاز اٿارٽي، خوراڪ کاتو سنڌ حڪومت ڪراچي جي منظوريءَ تحت، ريجنل ڊائريڪٽوريٽ آف فوڊ، حيدرآباد ريجن سيني دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن کان "هنگامي بنيادن" تي سنڌ اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت آڇون گهرائي ٿو اهي آڇون افيئر ايوريج ڪوالٽي (FAQ) ڪڻڪ جي پراڻي ذخيرن (فصل سال 24-2023 تائين) جي ترسيل جي لاءِ آهن. جيڪي سنڌ جي سڀني ريجنز (سواءِ ڪراچي) جي مختلف ضلعن ۾ موجود آهن. براءِ ٽينڊر سال 2026-2027. هيٺ ڏنل روٽس ۽ شيڊول جي مطابق.

نمبر	ڪم جو نالو		بڊ سيڪيورٽي	آڇ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت	آڇ کلڻ جي تاريخ ۽ وقت
	ڪڻڪ جي ترسيل (منتقل) کان	ڪڻڪ جي ترسيل (منتقلي) تائين			
1	ٽنڊو الله يار ضلعو حيدرآباد ريجن (ان ٽي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/242,796رپيا	16-04-2026 at 02:00 PM	16-04-2026 at 02:30 PM
2	بدين ضلعو حيدرآباد ريجن (ان ٽي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/21,364رپيا		
3	حيدرآباد ضلعو حيدرآباد ريجن (ان ٽي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/573,128رپيا		
4	مٽياري، مٽياري، ٽنڊو محمد خان ۽ بدين ضلعا (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/1,272,000رپيا		
5	ٿرپارڪر ضلعو ميرپورخاص ريجن (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/319,375رپيا		
6	گهوٽڪي ضلعو سکر ريجن (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/241,914رپيا		
7	خيرپور ضلعو سکر ريجن (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/3,099,375رپيا		
8	ڪنڌڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو ريجن (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/1,419,000رپيا		
9	لاڙڪاڻو ضلعو لاڙڪاڻو ريجن (خورپٽي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/2,489,250رپيا		
10	جيڪب آباد ضلعو لاڙڪاڻو ريجن (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/936,336رپيا		
11	شڪارپور ضلعو لاڙڪاڻو ريجن (ٻئي ريجن ۾) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/214,000رپيا		
12	نوشهرو فيروز ضلعو شهيد بينظير آباد ريجن (خوراڪ ريجن) جي مختلفWPCs/PRCs	PRC ٻولهڙي، ضلعو ڄامشورو حيدرآباد ريجن	-/65,562رپيا		

ٻيا شرط ۽ ضابطا، ڪم /روٽ جا تفصيل، منتقليءَ جي لاءِ ڪڻڪ جو مقدار، ۽ گهربل دستاويزن جا تفصيل، واڪ دستاويزن ۾ فراهم ڪيا ويا آهن. آڇن جي قبوليت ۽ رد ڪرڻ جو معيار (Bid Evaluation Criteria) به ٽينڊر فارم سان گڏ لڳل آهي. جيڪا رجسٽرڊ ڪانٽريڪٽرز جي لاءِ اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهي. آڇ، بڊ سيڪيورٽي (جيئن مٿي ڄاڻايل آهي) ۽ 5000 روپيا ٽينڊر في جي (هر ٽينڊر فارم جي لاءِ واپس نه ٿيڻ جوڳي) سان گڏ، الڳ الڳ ڪال ڊپازٽ يا پي آرڊر ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد ريجن جي نالي ۽ گهربل دستاويزن سان گڏ، EPADS جي ذريعي اليڪٽرانڪ طور تي SPPRA EPADS پورٽل (http://eprocure.gov.pk) تي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. وڌيڪ بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر في سان گڏ ٽيڪنيڪي تجويز جي لاءِ گهربل دستاويزن جو هڪ هڪ سيٽ، دفتر ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد، ڪمرو نمبر 109، گرائونڊ فلور، بلاڪ_A، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد ۾، واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ٻهريان پهچائڻ لازمي آهي. اهي آڇون جن ۾ مقرره وقت تائين بڊ سيڪيورٽي جمع نه ڪرائي وئي هوندي، رد ڪيون وينديون. ناڪام واڪ ڏيندڙن جي بڊ سيڪيورٽي ڪامياب واڪ ڏيندڙن کي ٺيڪو ڏيڻ کانپوءِ واپس ڪئي ويندي.

آڇن جي لاءِ ٽينڊرن جي مد ۾ هيٺ ڏنل شرط ۽ ضابطا پورا ڪرڻ لازمي آهي:

1. ڪانٽريڪٽر ان ڳالهه جو سختيءَ سان پابند هوندو ته صرف FAQ ڪڻڪ جي ذخيره منتقل ڪندو ۽ ڪنهن به صورت ۾ غير معياري يا مشڪوڪ ڪڻڪ کي FAQ جي نالي تي منتقل نه ڪئي ويندي.
2. آڇ ڏيندڙن جو ايف بي آر/ يا سنڌ روينيو بورڊ ۾ انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ سروسز ٽيڪس جي لاءِ رجسٽرڊ هجڻ ۽ ايف بي آر/ يا ايس آر بي جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ ۾ شامل هجڻ ضروري آهي.
3. آڇ کلڻ جي تاريخ کانپوءِ 90 ڏينهن تائين ڪارآمد رهندي.
4. 101 ڪلوگرام مجموعي وزن في ٻوريءَ جي حساب سان ريٽ آڪرن ۽ عددن ۾ لکيو ويندو جنهن ۾ ٽرانسپورٽيشن، لوڊنگ، ان لوڊنگ، مناسب اسٽيلنگ (گودام جي اندر يا کليل پلاٽن تي 15 کان 18 ٻورين جي اوچائيءَ تائين) گنجي اسٽيلنگ، ٻهاري جي وصولي، ڦاٽل يا ڍلين ٻورين جي سلائي (سئي/ڌاڳي جي خرچ سميت) ۽ موسم، چوري، گهٽتائي، حادثو، ايڪسل لوڊ يا ڪنهن به نقصان کان بچڻ جا سڀئي خرچ شامل هوندا.
5. ڪامياب واڪ ڏيندڙ ادائيگيءَ جي وقت قابل اطلاع سڀني ٽيڪسز (مثلاً انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، اسٽامپ ڊيوٽي وغيره) ادا ڪرڻ جا پابند هوندا.
6. اڻپورا ٽينڊر شيڊولز يا اڻپوري بڊ سيڪيورٽي قابل قبول نه هوندي ۽ اهڙين آڇن کي رد ڪيو ويندو
7. ڪانٽريڪٽر پنهنجي موجودگيءَ يا پنهنجي مجاز نمائندي جي موجودگيءَ ۾ صرف FAQ ڪڻڪ لوڊ ۽ ان لوڊ ڪندو ۽ .P.R سينٽر/گودام جي انچارج کي وقت سر ۽ درست مقدار ۽ وزن سان گڏ سپلاءِ کي يقيني بڻائيندو غير FAQ ڪڻڪ جي منتقلي، رستي ۾ گهٽتائي يا نقصان جي صورت ۾ ڪانٽريڪٽر مڪمل طور تي ذميوار هوندو ۽ نقصان جو ازالو ڪندو ڪڻڪ جي قيمت جي وصولي خوراڪ کاتو سنڌ حڪومت جي نوٽيفڪيشن نمبر SO(W)/Recovery/2021 تاريخ 07-05-2021 جي مطابق ڪئي ويندي.
8. ٽيڪنيڪي تجويز جي لاءِ ضروري تقاضائون:
    - i. ڪمپنيءَ جو مڪمل پروفائل ۽ تاريخ، واضح دفتري ۽ رهائشي پتو، ٽيليفون نمبرز ۽ مالڪ/نمائندي جو سجاڻپ ڪارڊ جي نقل.
    - ii. ايف بي آر ٽيڪس جو ثبوت.
    - iii. سنڌ روينيو بورڊ (SST) ٽيڪس پيئر هجڻ جو ثبوت.
    - iv. رجسٽرار آف فرمز کان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (جيڪڏهن ڪمپني رجسٽرڊ هجي).
    - v. ڪنهن شيڊولڊ بينڪ مان گذريل ٽن سالن جو اصل مهر لڳل بينڪ اسٽيٽمينٽ، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 ملين رپيا سالانه ٽرن اوور ظاهر هجن.
    - vi. جن ٽرانسپورٽ ڪانٽريڪٽرن ٻهريان خوراڪ کاتي سان گڏ ڪم ناهي ڪيو انهن جي لاءِ لازمي آهي ته اهي گذريل ٽن سالن ۾ ڪنهن سرڪاري يا مستند اداري سان گڏ 35000 کان 40000 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ يا ان نوعيت جو ڪم ڪرڻ جو تجربو رکندا هجن. جنهن جي تصديق لاڳاپيل اداري جي ٽيڪس ريڪارڊ مان ڪئي وڃي، ۽ تجربي جو سرٽيفڪيٽ فراهم ڪرڻو پوندو
    - vii. جيڪي ڪانٽريڪٽر ٻهريان کان خوراڪ کاتي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، اهي گذريل ٽن سالن جو نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ ۽ ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ کان فراهم ڪندا. حيدرآباد ريجن ۾ ڪم ڪرڻ وارن ڪانٽريڪٽرز لاڳاپيل ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر کان به نو ڊيوز/ ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندا.
    - viii. 100 رپين جي غير عدالتي اسٽامپ پيپر تي حلف نامو جنهن ۾ هيٺ ڄاڻايل معاملا شامل آهن:
        - (i) فرم صرف FAQ ڪڻڪ ئي منتقل ڪندو
        - (ii) فرم ڪنهن به سرڪاري اداري طرفان بليڪ لسٽ ناهي ڪيو ويو
        - (iii) فرم خوراڪ کاتي سنڌ حڪومت جو ڊفالٽر ناهي
        - (iv) فرم پاڻ ڪم مڪمل ڪرڻ جو پابند هوندو ۽ ڪنهن صورت ۾ سب ڪانٽريڪٽ نه ڪندو
        - (v) فرم ڪانٽريڪٽر/ڊائريڪٽر/مجاز نمائندن جا ٽي نمونہ صحيح فراهم ڪندا. جيڪي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ يا اوٿ ڪمشنر کان تصديق ٿيل هوندا.
9. ڪامياب واڪ ڏيندڙ ڪانٽريڪٽ ويليو جو 10 سيڪڙو پرفارمنس سيڪيورٽي (پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي شڪل ۾) ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد جي حق ۾ مقرر وقت ۾ جمع ڪرائيندا، ٻي صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي ضبط ڪئي ويندي.
10. آڇ جمع ڪرائڻ وقت ٽينڊر فارم ۽ بڊنگ دستاويز جي هر صفحي تي صحيح ڪرڻ لازمي هوندو
11. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ/پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA قاعدي 2010 (ترميم شده) جي تحت ڪنهن به وقت سڀئي آڇون رد ڪرڻ جوحق رکي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن قسم جي ذميداري عائد نه هوندي، حڪومت جي مفاد ۾ شرطن ۾ تبديلي به ڪري سگهجي ٿي.
12. ڪنهن به مرحلي تي غلط ڄاڻ يا جعلي دستاويزن جي صورت ۾ آڇ فوري طور تي رد ڪئي ويندي ۽ واڪ ڏيندڙن جي ڪا دعويٰ قابل قبول نه هوندي.

قمر الدين ميمڻ
ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ، حيدرآباد ريجن

INF-KRY/1426/26

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ڄامشورو حيدرآباد روڊ جي تعميراتي ڪم لاءِ آيل بجري ۾ دٻيل شخص جو چچريل لاش هٿ آيو

بجري جي ڍير مان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ مزدور ابراهيم شاهه پٺاڻ طور ڪئي وئي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو

منهنجو ڀاءُ روڊ تي هلندڙ ڪم ۾ ڊمپر تي مزدوري ڪندو هو، چار ڏينهن کان گهر نه آيو: محمد شاهه

ڄامشورو رپورٽ (رپورٽ: عرفان برڪت) ڄامشورو حيدرآباد روڊ جي هلندڙ تعميراتي ڪم دوران روڊ جي بجري مان ڪوٽائي دوران اوچتو هڪ شخص جو لاش هٿ اچڻ بعد ڄامشورو پوليس پهچي هٿ آيل لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ بعد لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال حيدرآباد نيو ويو ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي آر بي بي ڪالوني جي چوڪ پوسٽ انچارج ثاقب ٽيبو ٻڌايو لاش ملڻ بعد اسان اهو لاش سول اسپتال حيدرآباد پوسٽ مارٽم لاءِ آندو اهڙيون خبرون ميڊيا تي اچڻ بعد سنڌس وارث ڀاءُ سيد محمد شاهه پٺاڻ آيو ان جو چوڻ هو ته هي منهنجي ڀاءُ مزدور محمد ابراهيم شاهه پٺاڻ جو آهي منهنجو ڀاءُ روڊ تي هلندڙ ڪم ۾ هڪ ڊمپر تي مزدوري ڪندو هو هو چار ڏينهن کان گهر نه آيو هو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

T-20 Cup 2026
IBEX

ڄامشورو: ڪوٽڙي سائيٽ اسٽيڊيم ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڪي 20 ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ٽنون ڪوٽ: سنڌ هاري تحريڪ پاران هاري آبادگار ڪانفرنس ۾ مقرر ڳالهائي رهيا آهن

ٽنون ڪوٽ ۾ هاري ڪانفرنس، زرعي بحران ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف سخت احتجاج

حڪومتي غلط پاليسين سبب زراعت تباهي طرف، هاري معاشي استحصال جو شڪار آهن: اڳواڻن

پيٽرول، ڊيزل ۽ زرعي شين جي وڌندڙ قيمتن تي ڳڻتي، ڪڻڪ سميت فصلن جا اگهه گهٽ قرار

پاڻي جي کوٽ، زمينن تي مبينا قبضا ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف فوري قدمن جو مطالبو

ٽنون ڪوٽ (ن ع) سنڌي هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ پاران ٽنون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي هارين، آبادگارن ۽ سياسي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اڳواڻن اياز ڪوسو ڪامريڊ شڪن اياز ڪلوئي، موسيٰ احمداڻي حاجي علي محمد دلواڻي مولابخش جسڪاڻي ٽنون ڪوٽ پريس ڪلب جي صدر محمد حنيف ڳرڳيز ۽ ٻين چيو ته حڪمرانن جي غلط

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڏيپلو جي ڳوٺ ۾ ناري جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ، مگيندي پاران خودڪشي جي ڪوشش

ڳوٺ ڊنڊي ۾ سسئي پٽي جو لاش گهر جي پرسان وڻ ۾ ڦاهو ڪاڌل حالت ۾ هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي ڪرڻ بعد مڙهه وارثن حوالي

خبر ٻڌڻ بعد ناري جي مگيندي ثناءُالله پٽي پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي جي ڪوشش ڪئي

نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ ڪيون پيا: پوليس

ڏيپلو (ن ع) ڏيپلو جي ڳوٺ ڊنڊي ۾ 18 سالا نوجوان ناري سسئي پٽي جو لاش گهر جي پرسان وڻ ۾ ڦاهو ڪاڌل حالت ۾ هٿ آيو آهي. ڳوٺاڻن ڦاهو ڪاڌل لاش ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو ڳوٺاڻن جي اطلاع تي ڏيپلو پوليس سر زمين تي پهچي ناري جو لاش تعلقه اسپتال ڏيپلو منتقل ڪيو جڏهن ته واقعي بعد علائقي ۾ ناري جي خودڪشي بابت به چوپول هلندڙ آهن ناري جي مگيندي سنڌس سئوٽ ثناءالله پٽي سان ٿيل هئي جڏهن ته ناري جي مبينا خودڪشي جو ٻڌي نوجوان به پاڻ مٿان پسٽل هلائي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي بعد علائقي ۾ سوڳ جي فضا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايس يو پي جو صدر زين شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خانپور مهر ويجهو اوچتو ٽريڪٽر ٽرالي کي باهه لڳڻ سبب سڙي رک

خانپور مهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ مٽر ڏڙو ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي محمد حيات ملڪ جي ٻهه سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي کي اوچتو باهه لڳي وئي باهه تيزي سان پکڙجڻ سبب سڄي ٽريڪٽر ٽرالي مڪمل طور سڙي تباهه ٿي وئي واقعي جي اطلاع تي فائر برگيڊ عملي کي ڏنو ويو ۽ عملي جي دير سان پهچڻ ڪري

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: تذليل جو نشانو بڻيل پورو جوڳي

مسوبرڳڙي ۾ نيون اسٽريٽ لائيٽون نه لڳڻ خلاف رهواسين جو احتجاج

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي ۾ اسٽريٽ لائٽس جي کوٽ سبب رات جي وقت اونداهي ڇانيل رهندي آهي جنهن ڪري رهواسين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو مقامي ماڻهن موجب نه رڳو نيون اسٽريٽ لائٽون لڳايون ويون آهن پر اڳ ۾ لڳل سولر لائٽس به گهڻي عرصي کان خراب پيل آهن ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان انهن جي مرمت لاءِ ڪي به قدم نه کنيا ويا آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪيترين ئي گهٽين ۽ رستن تي لائٽون مڪمل طور تي غيرفعال ٿي چڪيون آهن جنهن سبب رات جي وقت حادثن ۽ ڏوهن جو خطرو وڌي ويو آهي خاص طور تي عورتن ٻارن ۽ بزرگن کي اچ وڃ ۾

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٻڏي فوت ٿيل نينگري جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊوڄام ۾ بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن جي بندش خلاف 37 هين ڏينهن به احتجاج

ٽنڊوڄام (ت ر) بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بندش خلاف احتجاج 37هين ڏينهن به جاري رهيو. گذريل ڏينهن احتجاج ڪندڙ سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو جو وڏيون تصويرون کڻي پهتا احتجاج ڪندڙن ڪمشنر حيدرآباد ظهور لڪڻ ۽ پينشن جي بندش خلاف نعريبازي ڪئي ۽ سنڌ حڪومت کان پينشن جي فوري بحالي جو مطالبو ڪيو هنن ان موقعي تي آچر ڪاتيان شرافت علي، نظير احمد، واحد بخش پرڳڙي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پينشن نه ملڻ سبب گهرن ۾ فاقاڪشي جهڙي صورتحال آهي ڪيترائي پينشنر بيمار آهن ۽ دوائن خريد ڪرڻ جي سگهه به

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ فورڪ لفٽ ذريعي غلط پارڪنگ ۾ بيٺل گاڏي کنئي پئي وڃي

ڪوٽڙي پوليس جون ڪارروائيون، نشي وارين سوپارين هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڄامشورو پرسان ڪوٽڙي پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون ڪندي لکين روپين جي ماليت جون نشي آور سوپاريون هٿ ڪري ٻه منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او ڪوٽڙي غلام اصغر ٽنيو جي اڳواڻي ۾ پوليس اڏالن هڪ ڪار تي ڇاپو هڻي هڪ منشيات فروش ڪريم خواجه کي گرفتار ڪيس جنهن جي قبضي مان 15 ٻورا مين پڙي گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ ڇورو هٿ ڪيو ويو. ٻئي ڪارروائي دوران پوليس ڳوٺ يوسف بلوچ ۾ ڇاپو هڻي گلاب

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي صحافي عرفان ڦلپوٽو جو والد مينهل خان ڦلپوٽو لاڏاڻو ڪري ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي سينئر صحافي عرفان ڦلپوٽو جي والد، رٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر مينهل خان ڦلپوٽو 65 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم ڪجهه عرصي کان بيمار هئا، جنهن سبب سنڌس انتقال ٿيو. مرحوم جي نماز جنازا ۽ تدفين ۾ صحافين، ڦلپوٽو برادري ۽ معزز شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.جنازي ۾ ريجنل يونين آف جرنلسٽس سنڌ جي صدر ۽ جنگ گروپ سان لاڳاپيل غلام عباس پنهور، عبدالمجيد پنهور، سرپرست اعليٰ ميان غلام حسين فاتح پريس ڪلب

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: ٻن عورتن کي قتل ڪندڙ جوابدار لاڪپ ۾ بند آهي

ٽنڊو آدم ۾ بدامني عروج چڙهيل، بيپاري مالڪ کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم اندر بدامني ۾ ڏاپر نه آئي ڦر جي هڪ وڌيڪ واردات ٿورو هندو بيپاري مالڪ کان لکين روپيه روڪ ۽ موٽرسائيڪل ڦري ويا پوليس خاموش تماشائي بڻيل رپورٽ موجب ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽنڊو برانچ شاخ لڳ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 4 هٿيار بندن بيپاري مالڪ رميش ڪمار ۽ ٻين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي اڳائي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ زبون حال پل جي مرمت نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ جاني مگنهار جي رهواسين مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

ميران شاخ روڊ تي زبون ٿي ويل پل جي تعميراتي ڪم التوا جو شڪار آهي:مظاهرين

بلڙي شاه ڪريم(ت ر) بلڙي شاهه ڪريم جي يوسي ڏاڏون جي ڳوٺ جاني مگنهار جي رهواسين پڃاري ڪئنال مان نڪرندڙ ميران شاخ روڊ تي تعمير هيٺ زبون ٿي ويل پل جي تعمير نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين سخت نعريبازي ڪندي لاڳاپيل اختيارين جي بي ڌياني خلاف سخت رد عمل ظاهر ڪيو احتجاج جي اڳواڻي اصغر مگنهار حاجي خليل احمد

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پنگريو پرسان اوباش نوجوانن خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

باڙي جا اوباش نوجوان شراب جي نشي ۾ چنگچي رڪشائن ۾ تيز آواز سان ڳانا هلائين ٿا

نشي ۾ عورتن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائين ٿا، سياسي پٺڀرائي حاصل اٿن:مظاهرين

پنگريو(ن ع) پنگريو پرسان ڳوٺ الهڄايو ڪوسو ۾ اوباش نوجوانن پاران چنگچي رڪشا ۾ وڏي آواز سان ميوزڪ وڄائي نازيبا شرارتون ڪندي ڏاڍ مڙسي ڪري نشي ۾ ڌت ٿي عورتن ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائڻ خلاف ڳوٺاڻن اياز ڪوسو ۽ سنڌس ڀائرن پريس ڪلب پنگريو ۾ ميڊيا اڳيان ڌانهيندي چيو ته باڙي جا اوباش نوجوان جيڪي شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي پنهنجي چنگچي رڪشن تي چڙهي سنڌن گهرن اڳيان وڏي آواز ۾ ڪلام وڄائي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران شهيد نظير عباسي جي سالگرهه ملهائي وئي

ڪامريڊ نظير عباسي مزدورن هارين شاگردن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي شهادت حاصل ڪئي:قمر جتوئي

تيل قيمت وڌڻ سبب مسافر گاڏين توڙي سامان کڻڻ وارن گاڏين جي ڀاڙن ۾ اضافو ٿي ويو آهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي بهادر سياستدان شاگرد اڳواڻ شهيد نظير عباسي جي 73هين سالگرهه سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان حيدرآباد ۾ ملهائي وئي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ قمر حيدر جتوئي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ بجلي چوري عروج تي، آفيسرن ۽ عملي تي ملي ڀڳت جا الزام

بنگلا، فيڪٽريون، شادي هال ۽ ٽيوب ويل مبينا طور غيرقانوني ڪنيڪشنز تي هلن ٿا

هڪ پاسي سهولت ته ٻئي پاسي 15 کان 18 ڪلاڪ بجلي بندش تي شهرين جو احتجاج

هالا(ن ع) ضلعي مٽياري ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ٿنڀن تي لڳل الٽا ميٽر ناڪاره ڏارون ۽ ڪنڊا سسٽم عام ٿي ويو آهي جڏهن ته بنگلا فيڪٽريون شادي هال ۽ ٽيوب ويل مبينا طور بجلي چوري تي هلي رهيا آهن. شهرين ۽ سماجي حلقن جو الزام آهي ته حيسڪو آفيسرن ۽ عملي جي ملي ڀڳت سان مختلف علائقا باقاعده ٺيڪي تي ڏنا ويا آهن جتان هر مهيني حيسڪو آفيسر پاران عملي سان لکين رپيا وصول ڪري قومي خزاني کي اربين رپين جو نقصان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ٿيل شهيد بينظير ڀٽو ڪارنر جو حيدرآباد جو ميئر ڪاشف شورو معائنو ڪري رهيو آهي

سنڌ جي تعليمي ادارن اندر نياڻين کي مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي:ذيشان جوڻيجو

تعليم دشمن مافيا ادارن اندر ويهي شاگردن، خاص طور نياڻين لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪن پيا

فهميده لغاري خودڪشي ۾ ملوث پروفيسرن ۽ ڪاليج انتظاميا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بدين (ڊ ر) ميرپورخاص جي ابن سينا محمد ميڊيڪل ڪاليج جي معصوم شاگردياڻي فهميده لغاري جي مبينا هراسمينٽ ۽ آپگهات واري واقعي خلاف سخت احتجاج ڪريو ٿا اهڙو اظهار سياسي سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ذيشان انيس جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي تعليمي ادارن اندر نياڻين کي مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي جڏهن ته

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ پ پ پ اڳواڻ رئيس الطاف علي خان چانڊيو جون سياسي سرگرميون تيز

دلاور سولنگي ڳوٺ ۾ پهچي مرحوم صابر ۽ توفيق سولنگي جي وارثن سان تعزيت ڪئي

جيڪب آباد ۾ مانجهاندي ۾ شرڪت، سنڌ جي سياسي صورتحال تي اڳواڻن سان خيالن جي ڏي وٺ

راڌڻ (ن ع) پ پ پ اڳواڻ رئيس الطاف علي خان چانڊيو عوامي رابطه مهم جي سلسلي پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون هن راڌڻ لڳ ڳوٺ دلاور سولنگي ڳوٺ پهچي ڪري بروهي سولنگي جهيڙي دوران مارجي ويل مرحوم صابر سولنگي ۽ توفيق سولنگي جي فوتگي جي تعزيت ڪئي ان موقعي تي هن مرحوم جي پوئٽين سان عذرخواهي دوران دعا ڪئي ته باري تعاليٰ مرحوم جا درجا بلند ڪري ۽ کين جنت الفردوس عطا ڪري ان موقعي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پٺاڻي اسپتال ويجهو ماڻهو نلڪي تان پاڻي ڀري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي جي ڀائيٽي تي حملي خلاف احتجاج

ڊاڪٽر قاضي امتياز ٻانبڻ تي قاتلاڻا حملي خلاف صحافين احتجاج ڪيو نعريبازي

پوليس حملي آورن جي خلاف ڪو به قدم کڻي نه سگهي آهي، جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي: قلم ڌڻي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي قاضي شمس ٻانبڻ جي ڀائيٽي ڊاڪٽر قاضي امتياز ٻانبڻ تي قاتلاڻا حملي خلاف صحافين جو احتجاج ٽنڊو محمد خان ۾ صحافين سينئر صحافي قاضي شمس ٻانبڻ جي ڀائيٽي ڊاڪٽر قاضي امتياز ٻانبڻ تي قاتلاڻا حملي خلاف ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ شامل پريس ڪلب جي صدر غلام نبي ڪيريو جنرل سيڪريٽري مظفر رند سينئر صحافي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت فنڪشنل ليگ جي هوندي: معظم خان عباسي

ايندڙ عام چونڊن ۾ اسانجي جماعت وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي

سنڌ جو عوام هاڻي تبديلي چاهي ٿو ۽ موجوده حڪمرانن کان بيزار ٿي چڪو آهي

سوڀوديرو(ن ع) ف ليگ جي مرڪزي اڳواڻ معظم خان عباسي چيو آهي ته ايندڙ عام چونڊن ۾ اسانجي جماعت وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ سنڌ ۾ حڪومت ٺاهي عوام جي ڀرپور خدمت ڪندي هن چيو ته عوام هاڻي تبديلي چاهي ٿو ۽ موجوده حڪمرانن کان بيزار ٿي چڪو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ معظم خان عباسي وڌيڪ چيو ته گذريل ڪيترن سالن دوران پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام سان جيڪي واعدا ڪيا، اهي پورا نه ٿي سگهيا.

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پوليو خلاف قومي مهم جي ڪاميابي قومي ذميواري آهي:ڊي سي

ضلعي ۾ مهم دوران 4 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويندا

1327 ٽيمون جوڙيون آهن جن ۾ 1225 گشتي، 23 ٽرانزٽ ۽ 79 فڪسڊ ٽيمون شامل آهن

نوابشاهه(س ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين سان گڏجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري پوليو خلاف قومي مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ڊپٽي ڪمشنر ماءُ ۽ ٻارن جي صحت مرڪز ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ۽ آڱرين تي نشان پڻ لڳايا. ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ پوليو مهم 13 اپريل کان شروع ٿيندي. پوليو خلاف مهم دوران مقرر ڪيل هدف تحت سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا وڃن ڊپٽي ڪمشنر پاران صحت کاتي جي آفيسرن کي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ نامعلوم چور دڪان جا تالا ٽوڙي هزارين رپين جي چوري ڪري فرار

هنگورا روڊ تي حاجي علي مراد جي دڪان ۾ پيل سمورو سامان چور ٻهاري ويا

چورن وڏو ظلم ڪيو آهي، پوليس گشت ناهي، اڳ به هڪ دڪاندار جي چوري ٿي چڪي آهي:متاثر

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ چورن رڻ ٻاري ڇڏيو پوليس گشت نه هجڻ سبب چورين روز جو معمول بڻيل شهري غير محفوظ بڻجي ويا. هنگورا روڊ تي پورهيت حاجي علي مراد پنهور جي ڪرياڻا جي دڪان جا نامعلوم چور ڪنڊا ٽوڙي دڪان ۾ پيل سمورو سامان ٻهاري ويا. پورهيت دڪاندار حاجي علي مراد پنهور ٻڌايو آهي ته رات جي وقت پوليس گشت نه هجڻ سبب چوريون وڌي ويون آهن. ايس ايڇ او ۽ ٻي منشيات جي سرعام وڪري سبب نشي جا عادي موالي رات دير سان ڪولن جي صورت ۾ اچي منهنجي دڪان جا ڪنڊا ٽوڙي دڪان ۾ پيل ڪاڏي پيتي جو سامان، سولر پليٽ، بيٽري، ڪانٽو ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي دڪان پرسان شهزاد عمراڻي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ هندو برادري جو ايس ايڇ او خلاف احتجاجي مظاهرو

دڪاندارن شهر بند ڪري ٿاڻي اڳيان احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي

ايس ايڇ او واپاري راڪيش ڪمار کي گرفتار ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي:مظاهرين

آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ اختيارين کان تحفظ ۽ راڪيش ڪمار جي فوري آزادي جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) ناري تعلقي جي چونڊڪو شهر ۾ ايس ايڇ او سوراهه عبدالمجيد سڏايو هندو برادري جي دڪانن تي چڙهائي ڪري راڪيش ڪمار کي ٿاڻي تي بند ڪري مٿس تشدد ڪيو بعد ۾ هندو برادري جي مکي صورت مل جٽي ڪمان ڏيپو مل ننڊ لعل مرن مل ۽ ٻين سوين دڪاندارن پاران شهر بند ڪري احتجاج ڪندي ٿاڻي اڳيان سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا ان موقعي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ ملازمن جو احتجاج، ڊي آر اي الائونس جي عدم ادائيگي خلاف نعريبازي

آيڪا ضلعي جي سڀ ئي ملازمن جو آفيسن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي

مهانگائي سبب ملازم شديد مالي بحران جو شڪار، الائونس ۾ دير ناانصافي آهي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ آيڪا ضلعي پاران ڊي آر اي الائونس جي ادائيگي نه ٿيڻ ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف درجنين ملازمن پاران پنهنجين آفيسن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ضلعي صدر منير احمد پٽي، ڪامل ڪيريو نور محمد شاهه ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته موجوده دور جي مهانگائي ڪري ڪري سرڪاري ملازمن جي چيلهه ڀڃي ڪئي رکي آهي پر افسوس جو مهانگائي جي باوجود به

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊي ايڇ او ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري رهيا آهن

شهدادپور ۾ بجيٽ شفافيت بابت رپورٽ پيش، عوامي شرڪت ۽ احتساب تي سوال

سي پي ڊي آءِ ۽ سي اين بي اي پاران مالي سال 2024-25 تي ٻڌل رپورٽ ميڊيا بريفنگ ۾ جاري

بجيٽ وقت تي پيش ڪئي ويندي آهي پر پارليمانٽ سطح تي بحث لاءِ ٿورو وقت هوندو آهي: نور منگي

شهدادپور(ن ع) سانگهڙ سي پي ڊي آءِ (CPDI) پاران پاڪستان ۾ بجيٽ شفافيت متعلق رپورٽ پيش ڪئي وئي ، ملڪي سطح جي سماجي اداري سينٽر فارپيس اينڊ ڊيولوپمينٽ انيشيئٽو پاران سٽيزن نيٽورڪ فار بجيٽ اڪائونٽ بلٽي(CNBA) جي ذريعي پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت متعلق ضلعي سانگهڙ ۾ ڪم ڪندڙ اداري سنڌ گرين فائونڊيشن پاران رپورٽ پيش ڪئي وئي.ايس جي ايف اداري جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ايڊووڪيٽ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو ۾ بي آءِ ايس پي سينٽر رشوت جو گڙهه بڻيل، احتجاجي ڌرڻو، باهيون، روڊ بلاڪ

سروي لاءِ ايندڙ عورتن ۽ مردن ٽنڊو باگو-بدين روڊ تي ڌرڻو هڻي ٽائرن کي باهيون ڏنيون، ٽريفڪ معطل

في عورت کان سروي لاءِ 1000 رشوت وصول ڪئي پئي وڃي، پئسا نه ڏيندڙ عورتن کي قطارن ۾ بيهاري پيو وڃي:مظاهرين

اسان جي ڪير به داد رسائي نه پيو ڪري، اعليٰ اختيارين هن معاملي جو نوٽيس مسئلو حل ڪرايو وڃي

ٽنڊوباگو (ت ر) شهر جي ٽنون آباد واري محلي ۾ قائم ٿيل بي نظير ڀٽو انڪم سپورٽ سروي سينٽر رشوت جو گڙهه بڻجي ويو .سروي لاءِ ايندڙ عورتن ۽ مردن جو ٽنڊوباگو ۾ رجسٽر سروي سينٽر سامهون ٽنڊوباگو بدين مک روڊ تي پاڻا ملاح،حوا خاصخيلي ، مريم ، فاطمہ ،هاني جمالي ، عالم پٺاڻ، راجا ملاح ۽ محشوق

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: بي آءِ ايس پي سينٽر تي عورتن جي پيهه لڳل آهي

ٽنڊوڄام ۾ سنڌ سڀا جو فهميده لغاري جي مبينا آپگهات خلاف احتجاج، هراسان ڪندڙ خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ت ر): ميرپورخاص جي محمد ميڊيڪل ڪاليج جي ٽئين سال جي شاگردياڻي فهميده لغاري جي مبينا آپگهات واقعي خلاف سنڌ سڀا طرفان ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي مظاهرين شاگردياڻي کي مبينا طور هراسان ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ۽ سزا جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي شبير سنڌي، رفعت سنڌي، دلبر ڪلهوڙو ۽ اعجاز علي چيو ته

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

باقراڻي لڳ ٻن عورتن جي قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار رمانڊ تي جيل حوالي

جوابدار غلام علي عرف علي حيدر جتوئي مٿان هڪ وڌيڪ ڪيس داخل ڪيو ويو

لاڙڪاڻي جي عدالت جوابدار کي 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو

باقراڻي (ن ع) باقراڻي تعلقي جي شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ڪجي واري علائقي جي ڳوٺ شادڻ جتوئي ۾ ٻن عورتن جي قتل وارو واقعو پيش آيو هو ، شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي جي پوليس پاران قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار غلام علي عرف علي حيدر جتوئي مٿان ڏوهه قلم 24-SAA تحت هڪ وڌيڪ ڪيس داخل ڪري ڪيس لاڙڪاڻي جي سيڪنڊ سول جج جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت جوابدار کي 14 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف سماجي تنظيم طرفان احتجاجي مظاهرو

سماجي رضاڪار تنظيم جي ڪنوينر قربان پنهور ۽ سارنگ امر جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو ويو

تيل توڙي گئس جي اگهن اڌو اڌ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي: اڳواڻ

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي بجاءِ ڏينهون ڏينهن واڌ خلاف باڊهه ۾ سماجي رضاڪار تنظيم پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو تنظيم جي ڪنوينر قربان علي پنهور ۽ سارنگ امر جي اڳواڻيءَ ۾ ڏيندڙ احتجاج ۾ منور نوناري، ذوالفقار ڪانڌڙو ۽ ٻين هٿ ۾ بينر کڻي تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته تيل جي عالمي منڊيءَ ۾ اگهن جي گهٽتائي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ درگاهه قلندر جو قديم علم پاڪ زبون حال، جاني نقصان جو خدشو

گيٽ واري پاسي لڳل ٽي سئو سال قديم ڪاٺ وارو علم پاڪ تمام گهڻو زبون حال بڻجي ويو

شيعا برادري ۾ بيچيني جي لهر،چانيل صوبائي وزير اوقاف کي پڻ آگاهي ڏني وئي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ ۽ سنڌ جي مشهور صوفي بزرگ ۽ اولياءَ الله حضرت لعل شهباز قلندر جي درگاهه واري قديم گيٽ واري پاسي کان لڳايل 3 سئو سال قديم ڪاٺ وارو علم پاڪ تمام گهڻو زبون حالي جو شڪار بڻجي ويو آهي ۽ ڪنهن به وقت خراب موسمي حالات سبب علم پاڪ جي شهيد ٿيڻ ۽ وڏي جاني نقصان رسڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي، جنهن بعد قلندر شهباز جي سيني عقيدتمندن، شيعا تنظيمن ۽ اڳواڻن ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: حسين آباد ويجهو سنڌو جي وچ ۾ ٿهيل ٻيٽ تي مال بيٺل آهي

ڪرپشن ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي:ڊائريڪٽر حيسڪو

ثبوت سان شڪايتون ڏيڻ تي بنا سمجهوتي تي ڊائريڪٽر آپريشن ڪيو ويندو

زيرو [illegible] لاءِ ناهن، اگر عملي خلاف ڪرپشن ثابت ٿي ته ڪارروائي ڪبي

هالا(ن ع) حيسڪو جي ڊائريڪٽر آپريشن اعجاز شيخ چيو آهي ته ڪرپشن ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي، هن صارفين کي هدايت ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪنهن به حيسڪو آفيسر يا عملي خلاف شڪايت هجي ته هو ثبوت سان پيش ڪن ملوث ماڻهن خلاف بنا ڪنهن سمجهوتي جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ميڊيا هالا جي وفد سان ملاقات بعد ڳالهائيندي هن چيو ته حيسڪو جا دروازا عوام لاءِ هر وقت کليل آهن ۽ شڪايتن جي ازالي لاءِ تڪڙا قدم کنيا پيا وڃن سنڌس چوڻ هو ته ضلع

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ نقلي زرعي ٻج ۽ وياج خور واپارين خلاف احتجاجي مظاهرو

سکر عدالت اي سي کي مهيني اندر ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو

جوابدارن خلاف قبضا ختم ڪرائي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت، ٻڌڻي 6 مئي تائين ملتوي

خانپور مهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو قبرستان جي سرڪاري زمين تي مبينا قبضي خلاف درخواست تي عدالت پاران قبضو خالي ڪرائڻ جو حڪم. خبر موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ ميرپور ماٿيلو جي ڳوٺ مشغول گڏاڻي واسين علي بخش گڏاڻي، غلام رسول گڏاڻي شاهه محمد گڏاڻي سڪندر گڏاڻي ۽ ٻين طرفان قبرستان جي سرڪاري زمين تي مبينا غيرقانوني قبضي خلاف درخواست پنهنجي وڪيل نور محمد سيال پاران داخل ڪرائي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پٿورو پرسان سوزڪي حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

پٿورو (ن ع) گذريل ڏينهن پٿورو پرسان ميرپورخاص عمرڪوٽ روڊ تي سوزڪي ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ زخمين مان هڪ چٿو ڏاڏو ڪولهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

شهدادپور ۾ موٽرسائيڪل چوري ڪندي چور سوگهو، پوليس حوالي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ سوائي روڊ تي ڊاڪٽر بچل گروان جي ڪلينڪ جي سامهون بيٺل هڪ موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي رهيو هو ته علائقي جي رهواسين ان کي رنگي هٿ سان پڪڙيو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

معروف ٽڪ ٽاڪر مخدوم جنيد جاني جي سائبر ڪرائم ڪيس ۾ ضمانت منظور

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) معروف ٽڪ ٽاڪر مخدوم جنيد جاني جي سائبر ڪرائم ڪيس ۾ ضمانت منظورحيدرآباد جي فرسٽ جوڊيشل مئجسٽريٽ سيڪنڊ ماڊل ڪورٽ جي جج عاليه سحر معروف ٽڪ ٽاڪر بشير عرف مخدوم جنيد جاني جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت جو ٻارڙن سان گڏجي مبينا قتل ٿيل مڙس جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر پرسان ڳوٺ وڏا مهر جي رهواسڻ بيواهه عورت طرفان پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي مبينا طور قتل ٿي ويل مڙس جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ بيواهه عورت پارس خاتون پنهنجي معصوم ٻڪن امير ۽ سمير جتوئي سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته گذريل 23 سيپٽمبر جي ڏينهن منهنجي مڙس گلزار جتوئي کي سنڌس والد منظور جتوئي فون ڪري لاڙڪاڻي شهر جي گجڻ پور چوڪ واري علائقي ۾ گهرائي ملڪيت جي معاملي تان ڪيس گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو اهڙي واقعي جو ڪيس پوليس منهنجي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ڊپٽي ڪمشنر ٻارڙي کي پوليو جا ڦڙا پياري رهيو آهي

خيرپور ۾ قومي يڪجهتي ۽ وطن سان محبت جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ پاڪ فوج جي حمايت ريلي شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت حب الوطني جا نعرا ملڪ سان محبت جو اظهار.تفصيل موجب خيرپور ۾ قومي يڪجهتي ۽ وطن سان محبت جي اظهار لاءِ پاڪستان زنده باد جي عنوان سان هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ نوجوانن بزرگن ۽ ٻارن سميت مختلف طبقي سان لاڳاپيل ماڻهن ڀرپور شرڪت ڪئي. ريلي جي اڳواڻي سڄاد حسين شر ۽ واجد قريشي سميت ٻين ڪئي. شرڪت ڪندڙن پنهنجي هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ بينر کڻي پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا.

خيرپور پوليس ڪارروائي، ڦرل رقم ۽ هٿيار هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي شاندار ڪارروائي 02 ڌاڙيل گرفتار ڦريل رقم ۽ هٿيار برآمد،ڪيس داخل ايس ايڇ او ٿاڻو گمبٽ فاروق حيدر جاگيراڻي تفصيل موجب خيرپور پوليس جي شاندار ڪارروائي 02 ڌاڙيل گرفتار ڪري انهن وٽان ڦريل رقم ۽ هٿيار برآمد ڪيا آهن اهڙي ڳالهه ايس ايڇ او ٿاڻو گمبٽ فاروق حيدر جاگيراڻي ٻڌائي هن ٻڌايو ته پوليس گشت تي موجود هئي ته ٻه ڌاڙيل واردات جي ارادي سان گمبٽ روڊ تي بيٺا هئا ته پوليس پهچي هنن کي گرفتار ڪيو ۽ انهن جي قبضي مان 02 پسٽل ۽ 50000 رپيا نقد رقم برآمد ڪئي وئي هن ٻڌايو ته گرفتار

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي بدين جي شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري منعقد

شهرين کلي ڪچهري ۾ شرڪت ڪري منشيات، چورين سميت ٻيا مسئلا پيش ڪيا

ضلعي ۾ منشيات خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي: ايس ايس پي

امن امان جي مجموعي صورتحال کي برقرار رکڻ به اسان جي اولين ترجيح آهي

بدين (ڊ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي ٽنڊو ٿاڻي ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي جنهن ۾ ٽنڊو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن سان تعلق رکندڙ سوين شهرين شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا مسئلا پيش ڪيا کلي ڪچهري دوران شهرين پاران منشيات فروشي، چوري جون وارداتون ۾ واڌ لائوڊ اسپيڪر جي غيرقانوني استعمال پوليس گشت نه هجڻ زمينن جي تڪرار سميت ٻين اهم نوعيت جي مسئلن بابت آگاهي ڏني ايس ايس پي بدين شهرين جا مسئلا غور

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ نوجوان سان مبينا تذليل واري وڊيو وائرل، ڪارروائي نه ٿي

سرهندي آباد ۾ جوڳي برادري جي نوجوان پورو جوڳي کي مبينا طور تذليل جو نشانو بڻايو ويو

پسند جي شادي ڪرڻ تي واقعي جو شڪ، ڏاڙهي ۽ وار ڪوڙڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊومحمد خان جي ڳوٺ سرهندي آباد ۾ جوڳي برادري جي نوجوان پورو جوڳي کي تذليل جو نشانو بڻايو ويو سنڌس وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ باوجود ڪوبه تدارڪ نه ٿيو خبر موجب ٽنڊومحمد خان شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ نوجوان پورو جوڳي کي پسند جي شادي ڪرڻ تي مبينا طور تي سنڌس تذليل جو نشانو بڻايو ويو جنهن جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ڪئي وئي هٽي جنهن وڊيو ۾ نوجوان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مهانگائي ۽ عوام دشمن معاشي پاليسين خلاف احتجاجي مارچ

عوامي ورڪرز پارٽي طرفان جناح باغ چوڪ کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو

حڪمران آءِ ايم ايف ۽ ٻين مالياتي ادارن کان ڳري وياج تي قرض کڻي پنهنجا کيسا ڀرين ٿا: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) عوامي ورڪرز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي پاران مهانگائي ۽ عوام دشمن معاشي پاليسين خلاف مهانگائي خلاف هٿن ۾ جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي جناح باغ چوڪ کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو جنهن ۾ مرد ۽ عورت ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مهانگائي آءِ ايم ايف عوام دشمن پاليسين خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مارچ جي اڳواڻي ڪندي اڳواڻن ڪمال جتبلاڻي سڄاد گاڏهي قدير ڪانڌڙو خان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ميونسپل جا رٽائرڊ ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

هالا ۾ بجيٽ شفافيت بابت رپورٽ جاري، پاڪستان ۾ احتساب ۽ عوامي شرڪت ڪمزور قرار

سي پي ڊي آءِ جي اسٽيٽ آف بجيٽ ٽرانسپيرنسي رپورٽ 2025 جا نتيجا هالا پريس ڪلب ۾ پيش ڪيا ويا

رپورٽ ۾ بجيٽ دستاويزن جي عدم دستيابي، ڪمزور پارلياماني مشاورت ۽ آڊٽ رپورٽن جي ڪوٽ

سنڌ سميت صوبن ۾ شفافيت جي گهٽ سطح، حڪومتن کان معلومات ۽ عوامي شرڪت وڌائڻ جو مطالبو

هالا (ت ر) هالا ۾ سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ انيشيئٽوز (CPDI) پنهنجي سٽيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (CNBA) ذريعي پنهنجي "اسٽيٽ آف بجيٽ ٽرانسپيرنسي رپورٽ 2025 جا نتيجا ميڊيا بريفنگ جي دوران هالا پريس ڪلب ۾ پارٽنر سي ايس او يوٿ ڊولپمينٽ فورم جي طرفان شيئر ڪيا ويا. رپورٽ ۾ مالي سال 2024-25 تي ڌيان ڏنو ويو آهي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مهانگائي نامنظور
بيروزگاري نامنظور
تيل جا اگهه اڌواڌ گهٽايو
سماجي رضاڪار تحريڪ

باڊهه: سماجي رضاڪار تنظيم پاران تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ پوليس چوڪي انچارج خلاف رهواسين جو مظاهرو، ٽائرن ساڙي ڌرڻو

چوڪي انچارج محسن ڏاهاڻي تلاشي بهاني 42 هزار روپيه ڦر ڪيا آهن: پورهيت عامر شيخ

پوليس چوڪي انچارج کي هٽائي ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي لهر ڪالوني جي رهواسين ٽئين بس اسٽاپ جي پوليس چوڪي جي انچارج محسن ڏاهاڻي جي مبينا ناجائزين خلاف پوليس چوڪي ٻاهريان ٽائرن کي باهيون ڏئي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقع تي پورهيت عامر شيخ پنهنجي وارثن خالد شيخ، رشيد شيخ ۽ ٻين سان گڏجي ڌانهيندي چيو ته سان ڊاهراهه پرسان وسند شاخ واري علائقي ۾ ڪباڙ جو دڪان هلائي گهر پالين جو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

1973جو آئين پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو روشن باب آهي، اويس قادر شاهه

پاڪستان جو آئين گڏيل قومي سوچ ۽ سياسي بصيرت جي عڪاسي ڪري ٿو

دستور پاڪستان عوام کي بااختيار بڻائي، رياستي نظام لاءِ رهنمائي پڻ فراهم ڪري ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 1973 جو آئين پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ روشن باب آهي، سيد اويس قادر شاهه چيو ته 1973 جو آئين قومي يڪجهتي پارلياماني بالادستي ۽ عوامي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو پاڪستان جو آئين گڏيل قومي سوچ ۽ سياسي بصيرت جي عڪاسي ڪري ٿو 1973 جي آئين وفاقي ڍانچي کي مضبوط بڻائي عوام کي بااختيار بڻايو آئين هر مشڪل وقت ۾ رياستي نظام لاءِ رهنمائي فراهم ڪري ٿو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ضلعي مان منشيات جي لعنت کي ختم ٿيڻ گهرجي: ڊاڪٽر سڪندر شورو

پيپلز پارٽي جا دروازا هميشا کليل آهن ڪيترين ئي شخصيتن شامل ٿي رهيون آهن

سنڌ حڪومت هارين ۽ تيل جي مد ۾ موٽرسائيڪل سوارن کي رليف پئڪيج ڏنو آهي

ڄامشورو(ڊ ر) ڄامشورو ضلعي سميت جتي به منشيات جي لعنت موجود هجي ختم ٿيڻ گهرجي اسان پنهنجي ضلعي مان منشيات ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون ۽ ختم ڪرڻ لاءِ پوليس جا اپاءَ به ساراهه جوڳا آهن اهڙن خيالن جو اظهار ڄامشورو ضلعي جي پ پ پ ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر علي شورو ڄامشورو ۾ واپاري اڳواڻ محمد رمضان مگسي جي وفات تي سنڌس پٽ غلام مصطفيٰ مگسي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مانجهند پرسان ڪرٿلي واري زمين تي هٿياربندن جي مبينا قبضي خلاف ريلي، ڌرڻو

ميرواڻي ڪوسا برادري جي ماڻهن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

بااثرن اسان جي سروي زمين ۾ ڪرٿلي ڪوٺائي جو ڪم بند ڪرائي موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهن: الزام

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان لاڪا شهر ۾ ڪوٽلي جي زمين تي مبينا قبضي جي ڪوشش ۽ هٿياربندن جي ظلم خلاف ميرواڻي ڪوسا برادري جي ماڻهن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي جسقم اڳواڻ گلشير ڪوسو اڪرم ڪوسو متاثر ڳوٺاڻن ديدار علي ڪوسو انور علي ڪوسو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڌانهيندي چيو ته لاڪڙا جي واپڊا ڪميني جي 31 ۽ 32 بلاڪ سان گڏ فتح جي ڪرٿل ڪول ڪميني ۾ انتظاميا ۽ بااثرن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو ۾ فهميده لغاري جي آپگهات واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي سڏ تي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ جي تعليمي ادارن اندر نياڻين کي مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي:مظاهرين

ٽنڊو باگو(ت ر) نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي سڏ تي ٽنڊو باگو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لاڏائو عورتون ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون گڏ ڪري رهيون آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.